
4
ليبر پارٽي سنڌ مارڪسزم جو پرچارڪ
ٻہ ماهي
سماجواد
جنوري - فيبروري 2012
ميمو گيٽ معامري جي اصليت
PTI=گڏ لڪنگ جماعت اسلامي
لبيا جي "آزادي" ۽ انساني حقن جي سامراجي شڪل
ڪامريڊ ڪم جونگ ال - ايڪ تخليقي بالشويڪ کی جدائی
سامراج مخالف عرب قومپرستي زنده آباد

ليبر پارٽي سنڌ ۽ مارڪسزم جو پرچارڪ

ٻه
سماجواد
حيدرآباد

(4 ڪڙي) جنوري/ فيبروري 2012ع

قيمت: 40/=

لکپڙهه لاءِ ايڊريس
گهر نمبر A/56 نزد گرين ويلي اسڪول
عبدالله ٽائون قاسم آباد
حيدرآباد.
Cell # 03443333888

فهرست

ادب

انجمن ترقي مصنفين ۽ ان جي نئين سر تنظيم ڪاريءَ بابت اسان ڪيئن سوچون ٿا...؟

ڊاڪٽر محمد سليمان سولنگي

پارٽي رپورٽون

ايڊيٽوريل

پهريدارن تي پهرو ڪير ڏيندو؟

جهڙي ريت مذهبي انتها پسند، مذهب جي بنياد تي سوال اٿاريندڙ کي واجب القتل قرار ڏيندا آهن. تهڙي ريت هِن فاشي رياست جي بنياد تي سوال رکي سياست ڪرڻ مان مراد غداري آهي ۽ هِن پاڪ؟ رياست جي نظام ۾ الزام هڻندڙ کي ئي، سزا تجويز ڪرڻ ۽ ان تي عملدرآمد ڪرائڻ جو هڪ اڻ لکيل حق حاصل آهي. جيستائين سوال آهي ڪورٽن ۽ قانون جو، ته انهيءَ جي ساهمي هيٺ طاقت جو چقمق لڳل آهي ۽ اُها طاقت آهي 20 لک منظم فوج.



2004ع کان بلوچستان اندر سياسي ڪارڪنن، قومپرستن ۽ ترقي پسند عنصرن کي رياستي ادارن پاران ڪنيي ڪري، تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي. انهيءَ جبر ۽ تشدد خلاف اٿندڙ هر هڪ آواز کي دٻايو پيو وڃي. هڪ اهڙو جبر جيڪو اڄوڪي پاڪستاني ڪارپوريٽ ميڊيا جي اهم خبر بڻجڻ کان گهڻو پري آهي. نتيجي طور مختلف سطحن تي خبر جي حوالي سان رڳو مونجهارن جي تشهير ٿئي ٿي. مثال طور جيڪڏهن سوال ڪجي ته هِن وقت بلوچستان ۾ گهڻا سياسي ڪارڪن گم آهن ته جواب مختلف ملندا. بلوچستان جو چيف منسٽر اِهو انگ 50 ۽ 60 جي وچ ۾ ٻڌائي ٿو. سپريم ڪورٽ طرفان جوڙيل ڪميشن پوري ملڪ اندر گم ٿيل ماڻهن جو تعداد 134 ٻڌائي ٿي. جڏهن ته 2008ع ۾ وفاقي گهرو وزير رحمان ملڪ 1100 ماڻهو ٻڌايا. جيستائين سوال آهي بلوچ قيادتن جو ته اُهي اِهو انگ هزارن ۾ ٻڌائين ٿا.

جڏهن انهن لاپته ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ سياسي تحريڪ ۾ تيزي آئي ۽ ڪنهن قدر ڪائي ڪورٽ ٻڌڻ تي مجبور ٿي ته پوءِ رياست اغوا ڪيل سياسي ڪارڪن ظاهر ڪرڻ شروع ڪيا. هٿ ٻڌل، تشدد ڪيل، گولين ۾ پروڻ ڪيل لاشن کي بلوچستان اندر مختلف جڳهين تي اڇلائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. HRCP جي رپورٽ مطابق جولاءِ 2010ع کان مئي 2011ع جي 11 مهينن اندر ڪي 140 لاش لڌا ويا. جڏهن ته انڊس ايشيا آن لائين جرنل (IAOJ) مطابق جولاءِ 2010ع کان ڊسمبر 2011ع تائين ڪي 360 سرگرم سياسي سماجي ڪارڪنن کي ماري اڇلايو ويو آهي. جڏهن ته اڃان تائين گمشده ماڻهن جو انگ اڃان مٿي آهي، درحقيقت لاپته ۽ گمشده ماڻهن جو اصطلاح ئي مبهم ۽ غير سياسي آهي. انهن لفظن مان ته ائين محسوس ٿو ٿئي ڄڻ ڪو ماڻهو ميلو گهمندي گم ٿي ويو هجي. جڏهن ته اُهي سڀ رياستي ڳجهن ادارن پاران ڪنيپيا ۽ ماريا وڃن ٿا. جيڪي هِن ملڪ جا اصل واڳ ڌڻي آهن جن تي نه بورجوا حڪومتي تبديلي جو ڪو اثر ٿو پوي ۽ نه وري ٻندري قانون جا ڏگها هٿ هنن تائين پهچن ٿا. اِهو

رياستي جبر پنهنجي ننگي روپ ۾ سنڌ اندر به وڌي رهيو آهي جتي نومبر 2011ع ۾ (WSC) ورلڊ سنڌي ڪانگريس مطابق 45 سياسي ڪارڪن، رياستي ڪارندن پاران اغوا ڪيا ويا آهن. ڪامريڊ نذير عباسي، حسن ناصر، ذوالفقار علي ڀٽو، مرتضيٰ ڀٽو، بينظير ڀٽو سميت ڪجهه عرصو اڳ سانگهڙ لڳ قومپرست اڳواڻن جو بيرحماڻو قتل انهيءَ ڪانسواءِ سوين ڪارڪنن جي شهادت اِهو ٻڌائي ٿي ته هِن رياست جو اصل ڳر عسڪري آهي ۽ جڏهن ڪا رياست عوام جي قومي جمهوري طبقاتي تحريڪ جي پرامن سياست جا گهٽ گهيڙ بند ڪندي آهي تڏهن هو ٻين لفظن ۾ عوام لاءِ به عسڪري محاذ آرائي لاءِ در کوليندي آهي ۽ جڏهن عوام پنهنجي انقلابي مقصدن لاءِ منظم ٿي بندوق کڻندو آهي ته پوءِ رياستي عسڪري قوتن لاءِ سنڌن ڪنٽومينٽ ئي قبرستان بڻجي ويندو آهي.

ڏيهي سياسي صورتحال

ميمو گيٽ معامري جي اصليت

بخشل ٿلهو



اسان جي هڪ ڪامريڊ ساٿيءَ کان، ليڪچر دوران جڏهن پڇيو ويو ته ميمو گيٽ اسڪينڊل ڇا آهي؟ ته هُن انتهائي سادو ۽ صحيح جواب ڏيندي چيو ته سويلين حڪومت کي هٽائڻ يا هٿ ۾ رکڻ لاءِ اصل فوجي حڪمران قوتون، ڪڏهن ڪهڙو ڊرامو ته ڪڏهن ڪهڙي سازش سٽينديون رهيون آهن. هِن دفعي اِهو ميمو گيٽ آهي. سڀاڻي ڪو ٻيو گيٽ هوندو جنهن مان سوال ڪندڙن کي به ٻاهر اڇليو ويندو.

ميمو گيٽ معامرو

10 آڪٽوبر 2011ع تي لنڊن جي اخبار فنانشل ٽائيمز ۾ هڪ مضمون ڇپيو، جنهن جي ليڪ منصور اعجاز جو تعارف هي آهي ته هو هڪ پاڪستاني- آمريڪي بزنس مين آهي. جيڪو سخت ISI مخالف خيالن ۽ آمريڪي ڳجهن ادارن ۾ اهم سياسي ماڻهن سان رابطن جي ڪري مشهور آهي. مضمون ۾ ڪيل انڪشافن ISI جا ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيا ۽ انهيءَ ۾ ڪا حيرت جي ڳالهه ڪونهي ته پاڪستاني ميڊيا ۽سياسي وايومنڊل ۾ انهيءَ معامري کي منظور نظر عمران خان پنهنجي مينارِ پاڪستان لاهور واري جلسي ۾ (30 آڪٽوبر تي) اظهاريو.

منصور اعجاز جو اِهو مضمون ISI خلاف هڪ چارج شيٽ آهي جنهن ۾ ISI جي سيڪشن ”S“ جو مذهبي انتها پسندن سان رابطو ۽ فوج طرفان چونڊيل حڪومت کي گهر پيڙو ڪرڻ جو ذڪر آهي پر ISI لاءِ غنيمت انهيءَ مضمون ۾ پاڪستان طرفان آمريڪا ۾ مقرر سفير حسين حقاني جي نالي جو اچڻ آهي، جيڪو منصور اعجاز جو ذاتي دوست به ٻڌايو وڃي ٿو ۽ جنهن لاءِ منصور اعجاز جو چوڻ هو ته هُن ڪيس پنهنجي بليڪ بيري سيٽ ذريعي ڳالهه ٻولهه ڪري، ذميداري ڏني ته هو آمريڪي جوائنٽ چيف آف اسٽاف ايڊمرل مائيڪ مولن ۽ هڪ ٻي اهم ماڻهو جنرل جيمس جونز تائين اِهو پيغام رسائي ته 2 مئي 2011ع تي آمريڪي فوج پاران ايبٽ آباد ۾ ڪارروائي ڪري اسامه بن لادن کي مارڻ ۽ پاڪستاني فوج جي ناڪامي کان پوءِ، چونڊيل حڪومت کي قرباني جو ٻڪرو بڻائي ڪيس گهر پيڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. حڪومتي اهلڪار جي نالي اچڻ ڪانپوءِ ISI ڊائريڪٽر منصور اعجاز سان سڌي ريت لنڊن جي هڪ هوٽل ۾ 4 ڪلاڪ ملاقات ڪري، ثبوت گڏ ڪيا. آرمي چيف سان ملي ڪري حڪومت تي حسين حقاني جي استعيفيٰ لاءِ دٻاءُ وڌو. نه صرف ايترو پر سپريم ڪورٽ ۾ غداري جي هڪ پٽيشن به داخل ڪئي وئي ۽ ميمو گيٽ اسيڪنڊل جي تحقيق لاءِ 3 رڪني جوڊيشل ڪميشن جو قيام به عمل ۾ آيو.

غدار ڪير؟

منصور اعجاز جي مضمون ۾ هِن ملڪ جي محبِ وطن فوج ڪي ۽ هٿان جي ڪاٺي ڪورٽن جي انڌي انصاف کي غداري جو مرتڪب صرف حسين حقاني نظر آيو. جڏهن ته ساڳي مضمون ۾ منصور اعجاز لکيو آهي ته آمريڪي ايجنسي جي اهلڪار مطابق ISI جي ڊائريڪٽر جنرل شجاع پاشا

عرب ملڪن جا دورا ڪري حڪومت جي خاتمي جو گرين سگنل به حاصل ڪيو هو.“ پر هتان جي پاڪ فوج هر غداري ڪان مٿانهين آهي. تنهنڪري اِهو حسين حقاني ئي هوندو جيڪو نه صرف استعيفيٰ ڏيندو پر وزيراعظم هائوس ۾ ئي پاڻ ڪي لڪائي پنهنجي قتل ٿيڻ جي پوءَ ڪي عالم تي اظهاريندو. ايتريقدر جو حقاني جو ڪيس وڙهندڙ عاصمه جهانگير به عدالتي ڪارروائي ڪي جانبدار ڄاڻائيندي، ڳجهن ادارن طرفان پنهنجي زندگي خطري هيٺ سمجهندي، ڪيس تان هٿ ڪڍي وئي، جيستائين سوال آهي جوڊيشل ڪميشن جو، ته هڪ اهڙي ئي ڪميشن 2 مئي جي اسامه واري واقعي لاءِ به جوڙي وئي هئي پر اُها به صرف اِهو جانچي رهي آهي ته آمريڪي جهاز ڪيئن ۽ ڪهڙي طريقي سان هِن ڌرتيءَ تي وارد ٿيا نه ڪي اِهو ته اساما بن لادن ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت 6 سال انتهائي حساس ادارن سان لڳ رهيل هو ۽ ڪيس صحت ڪان وٺي ڪري سموريون سهولتون ڪيئن ميسر هيون؟

(اهو ئي سوال پارليامينٽ ۾ اٿاري وزيراعظم گيلاني ڪنهن حد تائين وڌندڙ دٻاءُ ڪي ڪائونٽر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. عالمي ساٿارين تائين به اِهو پيغام پهچايو ته اسين آزاد ناهيون، پر اصل عسڪري واڳ ڏٺي ڪجهه ڪلاڪن اندر وري محب وطن ٿي وجن ٿا).

جيڪڏهن عالمي قوتن ڪان مدد حاصل ڪرڻ غداري آهي ته پوءِ غداري جو اهو ڪم پاڪستاني فوج تواريخ جي هر دور ۾ ڪندي رهي آهي. سچ اهوآهي ته هن رياست جي بيهڪ سندس عوام ۾ نه پر عالمي سامراجي قوتن سان سلهاڙيل رهي آهي. تنهنڪري پوءِ چاهي اُها فوج هجي يا سويلين حڪومت، اُها پنهنجي Validity ۽ آشيرواد مٿان ئي حاصل ڪندي آهي. پنهنجي آتم ڪٿا ۾ صدر ايوب به 1951ع ڌاري ورتل اهڙي عالمي امداد جو ذڪر وڏي فخر سان ڪري ٿو.

لٺيون ڪائي پولڙو ڪٺيو ڪائي فقير!

جيئن ته پاڻي هميشه هيٺاهينءَ ڏانهن وهندو آهي تنهنڪري هر رياستي بحران ۾ بحران جي آخري قيمت ڪمزور پاسي (سويلين حڪومت يا پارليامينٽ) ڪي ئي ڏيڻي پوندي آهي. شروعات ڪان ئي هن ملڪ جي ڪمزور سياسي ۽ نظرياتي بنيادن ڇڻ ته فوج جي غالب ڪردار ڪي پهرين ڪان ئي طئي ڪري ڇڏيو هو. جنهن ملڪ جي جوڙجڪ جو بنياد ئي چوڪي وارو ڪم ڪرڻ هجي اتي اڃي ڪاري جو مالڪ چوڪيدار ئي هوندو آهي. نتيجو اهو آهي ته ڪهڙي به حڪومت چو نه هجي ملڪ جي خارجه پاليسي ڪان وٺي ڪري دفاعي بجيٽ جي جوڙجڪ تائين جا معاملا سويلين هٿن ۾ ڏنا ئي نه ويا آهن ۽ جيڪڏهن ڪن مخصوص حالتن ۾ ڪنهن سويلين اڳواڻ پنهنجي اوقات ڪان هٽي ڪري، ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي ته انهيءَ ڪي عبرتناڪ مثال بڻايو ويو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ پوءِ ڪرپٽ ۽ غدار صرف سويلين ئي هوندا آهن. هڪ ڪالم نگار وسيم الطاف جي لفظن ۾ ته نيب (NAB) ملڪ جي وزيراعظم ڪي ته گرفتار ڪري سگهي ٿو پر حاضر سروس ڪيپٽن ڪي نه. تنهنڪري ميموگيٽ معامري ۾ دفاعي شعبي ۽ حڪومت ڪي نظرانداز ڪري دورا ڪندڙ شجاع پاشا نه پر حسين حقاني ۽ انهيءَ جي پٺيان امڪاني طور موجود صدر زرداري ئي اصل غدار آهن.

پاڪ فوج ڪي ته حسين حقاني پهرين ڏينهن ڪان ڪونه ٿي آئيڙيو. ڇاڪاڻ ته حڪومت طرفان به دفعا عسڪري ادارن ۽ ISI ڪي سويلين ڪنٽرول ۾ وٺڻ جي ٻن ناڪام ڪوششن پٺيان، فوج مطابق حسين

حقاني ٿي هيو. جيڪو 2008ع ۾ سفير ٿيڻ کان پهرين بوسٽن يونيورسٽي ۾ پروفيسر هيو ۽ فوج مخالف خيالن ڪري مشهور هيو. سندس هڪ لکيل ڪتاب Pakistan between Military & mosque پهرين کان ئي رجعتي عسڪري حلقن کي چيڙائي رکيو هو. اهڙين حالتن ۾ سلمان تاثير جي ويجهي دوست (حسين حقاني) کي پنهنجو مستقبل سليم شهزاد (فوج ۽ انتها پسندن جي رابطي تي ڪم ڪندڙ صحافي، جنهن کي اسامه واقعي کان جلد پوءِ 2 مئي تي شهيد ڪيو ويو) جهڙو نظر اچڻ بلڪل سچاويڪ آهي. هڪ ڀاهرين صحافي گولڊ برگ جي لفظن ۾ ته ”جيستائين هِن ملڪ جي واڳ ڏٽي ISI ۽ فوج هوندي تيستائين غلط حقاني (يعني حسين حقاني نه ڪي طالبان ڪمانڊر سراج الدين حقاني) عتاب هيٺ هوندا.“

میمو گيٽ اسڪينڊل جو مستقبل

ميمو گيٽ اسڪينڊل ڇا ڇا ڀهاري سگهي ٿو؟ انهيءَ جو جواب هڪ لحاظ کان قبل از وقت آهي پر پوءِ به ايترو ضرور ٿيو آهي ته هن حڪومت حسين حقاني جي استعيفيٰ تي عسڪري قوتن کي راضي ڪري پاڻ بچائڻ جا جتن ڪيا آهن. تازو صدر زرداري جو هڪ پرائيويٽ ٽي وي چئنل تي انٽرويو ۽ وزيراعظم طرفان فوج ۽ ISI تي وري روايتي انداز ۾ ڏڪ رکڻ منجهان اندازو ٿئي ٿو ته ڪي معامرا افهام و تفهيم ذريعي نبيرجڻ جي عمل ۾ آهن. ٻڌڻ ۾ ائين آيو آهي ته شروعات ۾ فوج صدر جي سامهون سڌي ريت به آپشن رکيا هئا. ”يا ته استعيفيٰ ڏي يا آرٽيڪل 6 تحت غداري جي مقدمي کي منهن ڏي“. عسڪري قوتن عالمي توڙي ڏيهي حالتون مڪمل طور تي پنهنجي حق ۾ نه ڏسي ٿوري موٺ کاڌي آهي. پر قطع نظر ته ميمو گيٽ اسڪينڊل جو اُٺ ڪهڙي پاسي ويهي ٿو؟ انهيءَ اسڪينڊل ۾ بحران، پاڪستاني رياست اندر تضاد ۽طاقت جي توازن کي وري اظهاريو آهي. هڪ اهڙو توازن جيڪو بورجوا مفاهمت، ذريعي نه پر عوامي انقلاب ذريعي ئي بدلجي سگهي ٿو.

گڊ لُڪنگ جماعت اسلامي

نئير خان/ اديب رتڙ



جماعت اسلامي ۽ پاڪستاني ڳجها هٿ جڏهن ڪنهن اهڙي ڪرشماتي ڪردار جي ڳولا ۾ هيا جيڪو پنهنجي ڍنگ ۾ ته اولهه نما هجي پر ذهن ۾ اسلامي طرز جو هجي ته ان مسئلي جو حل جماعت اسلامي جي هڪ اعليٰ رڪن حفيظ الله نيازيءَ هڪ درست ماڻهوءَ جي شڪل ۾ ڳولي ڪڍيو. هيءُ ماڻهو پيٽيوو آهي ڪرڪيٽ جي مشهور ڪيڏاڙي، مرد جي شناخت رکندڙ ۽ عالمي طور تي عورت پسند شخص جي سڃاڻپ رکندڙ عمران خان جو.

جماعت اسلاميءَ (JI) پهريون پيرو تڏهن رياست جي پٺڀرائي سان ڏيهي سياست ۾ حصو وٺڻ ۾ ڪامياب وئي جڏهن يحيٰ خان رياست جي اهم معاملن کي شڪل ڏئي رهيو هيو ته هن ٿوري عرصي لاءِ (1969-71ع) جنرل شير علي خان (جيڪو جماعت اسلامي جو ماڻهو هيو) کي ”خابرو ۽ قومي معاملن“ جي منسٽر (Minister for information and national affairs) طور مقرر ڪيو. يحيٰ خان کو پاڻ کان اڳ وارن همراهن کان مختلف ڪونه هيو. (جناح کان يحيٰ تائين) جن ذاتي زندگيءَ ۾ مشڪل سان ڪا اسلامي رسم به ادا ڪئي هوندي پر هنن هميشه سياسي اسلام (مذهب جي اها شڪل جيڪا سياسي ملي جي فتويٰ تحت ڪاري ۾ ڦاٿل ڳجهه کي جهرڪيءَ کان وڌيڪ گوشت هجڻ جي ڪري حلال قرار ڏيندو آهي. ”مترجم“) کي ملڪي بقا ۽ ملڪي اهڃاڻ طور هڪ اهم هٿيار ڪري استعمال ڪيو آهي، هي هميشه مسلح اسلاميت لاڳو ڪندا آيا آهن ته جيئن ان کي ڏيهي سياست جي پچ ڊاهه کان بچائي سگهجي، ان مسلح اسلاميت کي هندستان جي خلاف استعمال ڪري سگهجي، ڪابي ڏر جي چيلهه ڇپي ڪري سگهجي ۽ قومپرستاڻي حاوي رجحانن جي جيڪي ان وقت رياستي اسلامي مفڪري جي بنيادن خلاف ڪم ڪري رهيا هُئا انهن خلاف استعمال ڪري سگهجي. انهيءَ شير علي جي رٿا تحت ملٽري اڳواڻن لاءِ ”پاڪستان جو نظريو“ ۽ ”اسلامي سربلندي“ هڪ ئي شيءِ بڻجي ويا، جنهن فوج کي پاڪستان جي چسي نظريي جو اڃان وڌيڪ محافظ بڻائي ڇڏيو. ايوب خان جي خلاف عوامي بغاوت مان سبق سڪندي شير علي يحيٰ کي ان ڳالهه تي قائل ڪيو ته فوج جو معتبر خاڪو ماڻهن جي ذهنن ۾ رهڻ گهرجي ته جيئن ملڪي حالتن تحت ملڪي بچاءُ لاءِ آخري بند جو ڪم ڏئي سگهي، انهيءَ لاءِ آرميءَ کي ماڻهن جي منهن ۾ ڏيڻ بجاءِ ملڪي سياسي منظر جي پويان ويهي ڪم ڪرڻ گهرجي. انهيءَ مقصد لاءِ 1970ع ۾ عام چونڊون رٿيون ويون ته جيئن هڪ اهڙي ڪمزور حڪومت اڳيان آندي وڃي جيڪا فوج جي رياستي ڪاروهنوار مٿان ڍَڪَ جو ڪم ڏئي سگهي.

شير عليءَ جي رٿا موجب اليڪشن دوران پوليس ۾ هٿ چراند ڪرڻ بجاءِ اليڪشن کان اڳ ئي رياستي هٿ هيٺ مذهبي سياسي پارٽين خاص ڪري JI (جماعت اسلامي) کي مالي ۽ پروپيگينڊا جي شڪل ۾ مدد ڏني وڃي. ايوب خان واري مسلم ليگ ۽ يحيٰ جي مارشل لا مان نوازيل ماڻهن جي مالي مدد JI ڏانهن منتقل ٿي، انهيءَ آءِ بي (انڊسٽريل اينڊ بزنس ڪلاس) طرفان جمع ڪيل ماليت به اِن سلامي پارٽيءَ جي اليڪشن ۾ استعمال ٿيا (هي انگ اکر حسن ظهير جي ڪتاب ”اوپر پاڪستان جو ورهاڱو“ صفحو نمبر 125- 124 تان ڪنيل آهي جيڪو آڪسفورڊ يونيورسٽي

پريس ڇاپيو هيو) ۽ انهيءَ سان گڏ سعودي حڪومت جي ”رابطا العالم الاسلامي“ جي نالي ۾ ماليت به جماعت اسلامي جي کيسَنَ ۾ وئي. شير عليءَ اپريل- مئي 1970ع ۾ صحافين جون بيدخليون ۽ ميديائي صفائيءَ جي نالي ۾ ڪاٻي ڌر ۽ سيڪيولر ماڻهن جي جڳهه تي جماعت اسلامي جي ڪيڊر کي رياستي ۽ خانگي ميڊيا تي آندو ته جيئن مذهبي ماحول کي گرمائي سگهجي.

جماعت اسلامي رياستي پنيرائيءَ سان ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نظريه پاڪستان کي غير مذهبي ۽ سيڪيولر ڌرين جهڙوڪ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ مجيب الرحمان کان خطرو آهي.

ان سڄي عمل سان پاڪستاني ڳُجهن هٿن هڪ تير سان به شڪار ڪيا هڪ ته اپرندڙ عوامي مقبوليت واري جمهوريت کي به اڏ ڪيو ته جيئن آرمي هميشه سياسي ويڙهه جي ريفريءَ ۽ چڱي مڙس وارو ڪردار ادا ڪري ٻيو ته ملڪ اندر مذهبيت ۽ ملڪي نظريي جو رياستي معاملن ۾ اثر قائم رکي سگهي، جنهن لاءِ سيڪيولر ڌرين وٽ ڪا خاص گنجائش نه آهي (وڌيڪ وضاحتن لاءِ پڙهو عائشهه جلال جو ڪتاب ”State of Martial Rule“ جيڪو ڪئمبرج يونيورسٽي پريس وارن 1990ع ۾ ڇپايو آهي.)

انٽيليجنس ادارن جي سيني ڪوششن ۽ اڳڪٿين باوجود 1970ع واري اليڪشن جي نتيجن سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. عوامي ليگ جيڪا سيڪيولر ۽ الٽرا نيشنلسٽ هئي ان اوڀر ۾ ۽ مرڪز پرست پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) اولهه پاڪستان ۾ اليڪشن کي ٻهاري ڇڏيو ۽ جماعت اسلامي 440 قومي اسيمبليءَ جي سيٽُن مان صرف 7 سيٽون ئي کٽي سگهي. پر جميعت علماءِ اسلام جنهن جو اسٽيبلشمينٽ گهٽ پئي پاسو ورتو ۽ جيڪا ڪاٻي ڌر سان اتحاد ۾ به هئي اها ڪجهه قدرِ بهتر سيٽون کٽي آئي.

ان سڄيءَ ڪارگذاريءَ تي اليڪشني رٽا جي مهندار جنرل شيرِ علي مايوسيءَ ۽ انتشار وچان استعيفيٰ ڏني. اسٽيبلشمينٽ اهو سمجهڻ ۾ ٻُريءَ طرح ناڪام ٿي ته عوامي سياست جي سهنڙي سپاٽ ڏاڙهيءَ وارا جماعتي آخر ڪيئن ڀُٽي ۽ مجيب جهڙن عوامي رهنمائن سان ٻَرميچي سگهندا؟؟

ڀٽي جي دورِ حڪومت دوران جماعت اسلامي حڪومت جي ته مخالفت ۾ رهي پر اسٽيبلشمينٽ سان سهڪاري بٽيل رهي. ڀٽو پڻ پنهنجي اڳ وارن حڪمرانن جيان مذهبي (اسلامسٽ) رهيو. اسلاميت اهو اصطلاح آهي جيڪو ان شخص تي لڳائي سگهجي ٿو جيڪو سياسي اسلام تي ڪاربند هجي ۽ جنهن لاءِ مذهبي رسمن جي ادائگي لازمي ناهي. ”پين- اسلامڪ دنيا“، ”اسلامي بَمُ“ ۽ 1973ع جي آئين ۾ مذهب کي رياستي ڪمن ۾ عمل دخل ڏيڻ جهڙين ڳالهين جي بدولت ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هيل تائين ڀٽي کان وڌو ڪو اسلامسٽ رهيو ئي ناهي. توڙي جو ڀٽي مُلن ۽ ملٽريءَ کي بين الاقوامي ڳُجهن رٿائن ۾ شريڪ ڪيو پئي پر تنهن هوندي به هُن ڏيهي معاملن ۾ سندن مداخلت برداشت نه ڪئي، جنهن سان اسٽيبلشمينٽ ۽ پي پي پي جي وچ ۾ دشمناڻو تضاد پيدا ٿيو جنهن جماعت اسلامي کي اسٽيبلشمينٽ جي اجان ويجهو آندو.

پاڪستان جي ڳجهن هٿن لاءِ جماعت اسلامي سدائين هڪ اوزار رهي آهي وچ اوڀر ۾ افغانستان کان ويندي روس جي مسلم اڪثريتي رياستن ۽ اوڀر ۾ ترڪستان (زنجيانگ) تائين. پر پاڪ- چائنا دوستيءَ جي وڌندڙ لهر تحت ترڪستان ۾ هنن جي دلچسپي گهٽ رهي، پر افغانستان هنن جي ان فهرست ۾ اول ترين رهيو. افغانستان ۾ 1973ع ۾ دائودي ڪريڪ ڊائون دوران جماعت اسلامي افغانستان جا اڳواڻ ڀڄي اچي

جماعت اسلامي پاڪستان جا مهمان بڻيا. ان ڪان ڪجهه عرصو پوءِ پاڪستاني حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ ٻنهي افغانستان اندر اسلامي جهاد جو آڌر ڀاءُ ڪيو.

قاضيءَ جي ڪوشش ته JI کي عوامي مقبوليت واري پارٽي بنائجي!

ضياءُ الحق جي حڪومت تي قبضي ڪانپوءِ، جماعت اسلامي ڳجهن دروازن مان حڪومتي طاقت جو حصو بڻي، هن جا ڪوڙ سارا چونڊ ماڻهو ڪيبينيٽ ۾ آندا ويا. ڊسمبر 1984ع ۾ ضياءَ جي ڪرايل بدنام ريفرينڊم ۾ جماعت اسلامي ان جي پرجهلو بڻي ۽ ضياءَ کي مذهبي همدرديءَ تحت ووٽ ونرائي ڏيڻ جي ڀرپور مهم هلائي. وري جڏهن فيبروري 1985ع ۾ غير تنظيمي (Non- party) اليڪشن ڪرائي وئي ته هڪ دفعو ٻيهر (ڀر هن دفعي علائقائي سياستدانن جي هٿان) جماعت جي منهن ۾ ڌوڙ پئي.

ضياءَ جي دورِ حڪومت پيو نه ته جماعت کي مانيٽن ۽ ڪاهل نظر ايندڙ چند مولوين مان ڦيرائي انتشار پسند، چڙهت ڪندڙ ۽ عوام تي چڙيل اهڙي انبوهه ۾ تبديل ڪري ڇڏيو جيڪو پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ جي مدد سان هر وقت ڀگهار تي جهاد جي نالي حملو ڪرڻ لاءِ تيار هجي، جنهن (88-1987ع) ۾ افغانستان ۾ به ائين ڪيو. جماعت اسلامي جي شاگرد ونگ ”اسلامي جماعت طلباءَ“ (IJT) هميشه پرتشدّد جو مظاهرو ڪندي رهي آهي. 1971ع ۾ بنگلاديش تي آپريشن وقت به IJT پاڪستان آرميءَ سان ڀڻ رهي ۽ هاڻ جماعت اسلامي پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ سان وڌيڪ ٺهڪاءُ ۾ اچي وئي، مودوديءَ ۽ ميان طفيل محمد جي وقت ۾ ”ميمبر“ ٿيڻ جي تقاضا ڪافي سخت هئي. پنهنجي مذهبي جامد پسنديءَ تحت هو سستي شهرت جي ڪڍ پئي لڳا. پر 1987ع ۾ قاضي حُسين احمد جي جماعت اسلاميءَ جي امير (چيف) چونڊجڻ ڪانپوءِ معاملو بدلجڻ لڳو. قاضيءَ جماعت جي اِن سجاڳپ ڪي متائڻ پئي چاهيو ته اها گهٽ متاثر ڪندڙ ۽ عام عوام لاءِ دروازا بند رکندڙ پارٽي آهي. هن اڪثريت جو اڳواڻ ٿيڻ پئي چاهيو تنهن لاءِ هن ۽ جماعت سستي شهرت جا سڀ وسيلا استعمال ڪيا، جيڪي هن کان پيشرو اڳواڻ قطعي برداشت نه ڪن ها. اِهو اُهو وقت هيو جڏهن جماعت جو پوڙهو سٽُ اسلامي جماعت طلباءَ جي نوجوان رت ۾ بدلجي رهيو هيو. قاضيءَ ۽ هن جي ٽيم پرڪشش نعرا ۽ سياست شروع ڪئي جهڙوڪ: 1988ع جي اليڪشن کان پهرين ملڪ ۾ هر ڀِي پٽ تي لکيل هيو ته ”ظالمو قاضی آرہا ہے“ 1990ع جي اليڪشن ۾ IJI جو انتخابي نشان هيو سائيڪل. اليڪشن جي عرصي دوران قاضي پاڻ سائيڪل تي چڙهيو وتي پيو مختلف شهرن ۾ سائيڪلن جون ريليون ڪيرائيندو. هڪ مولوي ڏاڙهيءَ سان، شلوار قميص پايو سائيڪل تي ڏاڙهي جهولائيندي پاڪستان جي عام ماڻهن کي (جن تي هوئن ئي شخصيت جو اثر ڪجهه سوايو ٿيندو آهي) ڪنهن به طرح پرڪشش نه پئي لڳو. 1997ع ۾ قاضيءَ سڄي ملڪ ۾ ميمبرسازيءَ جي مهم هلائي جنهن ۾ لڳ ڀڳ هر قسم جي ماڻهوءَ لاءِ دروازا کوليا ويا. انهن سڀني ڪوششن جي باوجود قاضي اڪثريت ۾ دادُ حاصل ڪرڻ ۾ بري طرح ناڪام ٿيو ۽ سواءِ 2002ع واري اليڪشن جي، جنهن ۾ مشرف نواز ليگ ۽ پي پيءَ جي اهم قيادتن کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ کان پاسي رکيو، قاضي سڀني اليڪشنن ۾ بريءَ طرح هارايو. جماعت اسلامي رياستي ٽيڪسي سان ميڊيا ۾ ڀرپور نماءُ، اسٽريٽ پاور ۽ اسٽيبلشمينٽ ۽ دهشتگرد سپاءُ رکڻ جي ڪري ڏيهي سياست ۾ متاثر ڪندڙ ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. رهي ڳالهه ووٽ حاصل ڪرڻ جي ته ان معاملي ۾ اُها سدائين ٽري ۾ پئي رهي آهي. ان جو وڏو سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته جماعت اسلامي ديوبندي فرقي جي سجاڳپ رکي ٿي، جنهن تي پاڪستان جي گهٽائي

عمل پيرا ناهي ۽ ان جو ٻيو اهم سبب هي به ڳڻائي سگهجي ٿو ته پاڪستان جا عام ماڻهو هوندن ته انتهائي تنگ ذهن ۽ مذهبي آهن پر پنهنجي ذاتي عمل ۾ لبرل ۽ سيڪيولر آهن. هو هندستانين کي ميدان ۾ ته ڪافر ٿي مرندي ڏسڻ ٿا چاهين پر هندستاني فلمن ڏسڻ کان نه ٿا مڙن، هو آمريڪي جذبي کي ته ڌڪارين ٿا ته پر آمريڪي طرزِ رهائش جا خواب پيا ڏسن.

جماعت اسلامي جي نئين پيوندڪاري

پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ ۽ جماعت ٻنهي اهو اندازو لڳائي ورتو ته ماڻهن جي گهٽائيءَ کي ڇڪڻ لاءِ ڪجهه عرصي لاءِ نرم لهجي واري شڪل سان اڳيان اچڻو پوندو. هنن جي اها خواهش 1990ع ۾ ناهيل "پاسبان" مان به ظاهر ٿي رهي هئي. 1995ع ۾ جڏهن نواز حڪومت شهرن ۾ وڳوڙ ڪرائڻ تي هنن تي پابندي هنئي ته هنن "پاسبان" نالو مٽائي "شبابِ ملي" رکيو. بظاهر ته اِهي هڪ الڳ تنظيم لڳي رهيا هيا پر اهو سڀڪو سمجهي پيو ته اها جماعت اسلاميءَ جي نئين شڪل آهي. هنن جو عوامي ڏيکاءُ هڪ مذهبي شدت پسند کان وڌيڪ پاڪستان پرستيءَ وارو هيو. ماڻهن جو جذبو وڌائڻ لاءِ پاسبان جي ريلين ۾ ملي ترانا وڄايا ويندا هيا جيڪا ڳالهه روايتي جماعت جي ابتڙ هئي. 1992ع واري ورلڊ ڪپ ۾ ملڪي ٽيم جي ڪاميابيءَ جي خوشي پاسبان طرفان سڄي ملڪ ۾ جنيد جمشيد جا پيپسي شوز منعقد ڪري ملهائي وئي. پاسبان کي هر طرح سان عوامي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي انهن سڀني ڪوشش باوجود جماعت وٽ ڪو اهڙو مقناطيسي شخص نه هيو جيڪو عوام کي ڇڪي سگهي. انهيءَ خاطر جماعت اسلامي ۽ پاڪستاني ڳجها هٿ ان ڪوشش ۾ هيا ته ڪا اهڙي شخصيت هٿ ڪجي جيڪا جناح ۽ ڀٽي وانگر اولهه نواز سياءُ رکي پر ذهني طور اسلامنواز هجي. سو اهو ڪم جماعت اسلامي جي هڪ سنيئر رڪن حفيظ الله نيازي، جيڪو اڳ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ IJI جو ناظم (چيف) رهيو هيو ڏاڍي احسن طريقي سان ادا ڪيو ۽ هن پنهنجي پيٽويي ۽ ڪرڪيٽ جي مشهور ڪيڏاڙي، مرد جي شناخت رکندڙ ۽ عالمي سطح تي عورت پسند مشهور شخص عمران خان کي اڳيان ڪيو.

جماعت اسلاميءَ جو عمران ڏانهن شروعاتي لاڙو:

حفيظ الله لاءِ عمران کي مودوديءَ واري اسلام جي تبليغ ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نه هيو ڇو ته سڄي دنيا جي مزن مان پنهنجي گجيءَ تائين ڍاپي چڪو هو. عمران پهريون ڀيرو 1987ع ۾ ڪرڪيٽ کي الوداع ڪيو جڏهن هِن جي ٽيم لاهور ۾ سيمي فائينل ۾ هارائي وئي پر بعد ۾ ضياءُ الحق جي چوڻ تي هن پنهنجو فيصلو واپس ورتو. 1992ع واري عالمي ڪپ کٽڻ کان پوءِ هي ملڪي هيرو بڻجي ويو ۽ آخر ۾ هي ڪرڪيٽ جا شوز ڪرڻ لڳو. 1987ع کان 1992ع تائين هن آرٽيڪلس جو هڪ سلسلو لِکيو جنهن ۾ هي اولهه جي تهذيب ۽ برطانوي راڄ تي تنقيد ڪندو رهيو جنهن ۾ جماعت اسلامي جي برين واش ڪري اسلامي قوميت وارو عنصر حاوي پئي نظر آيو. جماعت عمران جي پنهنجي علاقائي ثقافت ڏانهن موٽڻ کان اڳ ئي هن تي قبضو ڪري ورتو.

عمران ڪرڪيٽ کي الوداع چوڻ کان پوءِ به ماڻهن جي اکين جو تارو رهڻ لاءِ لاهور ۾ فلاحي اسپتال قائم ڪرائي. پاسبان هن کي فنڊ گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪندي رهي، نواز دور ۾ پنجاب حڪومت ان ڪم لاءِ هن کي مفت زمين ڏني.

80ع جي ڏهاڪي جي وچ ڌاران پاڪستان جا ڪوڙ سارا فنڪار انڊيا ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهيا آهن پر جڏهن ڪجهه پاڪستاني تنظيمن ۽ شوبز کي هٿي ڏيندڙن ڪجهه انڊيا جي فنڪارن کي

پاڪستان گهرائڻ شروع ڪيو ته پاسبان انهن پروگرامن کي نه رڳو ۾ اهو سلسلو بند ڪرڻ لاءِ ڏاڍ جو مظاهرو شروع ڪيو، پر پاسبان جو پڻو رويو تڏهن واڪو ٿيو جڏهن 1995ع ۾ عمران پنهنجي اسپتال لاءِ فنڊ جمع ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سارن انڊيا جي فنڪارن جهڙوڪ: ريکا، ونود کنا، سونو واليا ۽ ڪبير بيدي جهڙن کي گهرائڻ شروع ڪيو ته پاسبان نه صرف ان عمل تي خاموش رهي پر پاڻ به انهن پروگرامن جو حصو بڻي. پاسبان ۽ جماعت جي ٻي ٻچاپڙائپ اها آهي ته هو ذاتي زندگيءَ تي چٿرون ڪندا رهندا آهن جيئن هي 70ع جي ڏهاڪي ۾ ڀٽي جي غير اسلامي طرز تي تنقيد ڪندي پنهنجين ريلين دوران وڏي وات اهي نعرا هڻندا هيا ته ڀٽو زاني- شرابي، پر عمران جي رنگين زندگي ۽ عشقيه مزاج ڪنهن به جماعت کي ناپسنديده نه رهيا. ڀٽي جي ڪيس دوران جماعت ايترو ته ڪريل سطح تي پڳي جو هنن ڀٽي جي ماءُ کي هندو قرار ڏنو پر جڏهن 1994ع ۾ اولهه جي ثقافت ۽ برطانوي راڄ تي تنقيد ڪندڙ عمران خان جڏهن برطانوي وڏ گهراڻي جي يهودي مائيءَ کي پرڻائي وٺي آيو ته جماعت اسلامي کي نرڙ تي گهنج به نه آيا.

PTI جو جماعت اسلاميءَ جي ڇانوَ ۾ پلجڻ:

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته PTI جماعت اسلامي ۽ پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ خاص ڪري جهادي لڏي جي ميلاپ مان ڦٽي نڪتي آهي. عمران جا جماعت سان ڳانڍاپا سمجهه ۾ اچڻ جوڳا آهن. 1997ع ۾ JI پاڻ ته اليڪشن جو بائڪاٽ ڪيو پر عمران خان جي اليڪشن مهم جو ڀرپور حصو بڻي، جنهن ۾ قاضيءَ جي مشهور نعري ”ظالمو“ ٺاهڻ وارو مسرور صديقي، شمس رضا خان ۽ محمد علي درانيءَ سان گڏ پاسبان جا به بانيڪار ميمبر شير سيال ۽ محمود الرشيد (1988ع ۾ JI/ IJI جي ٽڪيٽ تي پنجاب اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو) شامل هيا. شبير سيال اڳتي هلي PTI لاهور جو صدر بڻيو جڏهن ته محمود الرشيد هينئر اتان جو صدر آهي.

شروعاتي ڏينهن کان وٺي PTI ۾ جماعت جي اڳوڻن ڪارڪنن ۽ همدردن جي گهڻائي رهي آهي. عموماً جيڪڏهن ڪو هڪ پارٽيءَ جو رڪن ٻي پارٽيءَ ۾ ويندو آهي ته دشمني شروع ٿيندي آهي پر باوجود ان جي ته ڪوڙ سارن JI جي ميمبرن JI کي ڇڏي PTI ۾ شموليت ڪئي آهي ته به JI ۽ PTI هٿ ۾ هٿ ڏئي هلي رهيون آهن. نه صرف عمران خان کان نومبر 2007ع ۾ IJT جا پادر تڪڙا وسري ويا آهن جيڪي هن کي پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ لڳا هيا پر هن ته احسن نيازي کي PTI جي شاگرد ونگ جو چيف به مقرر ڪيو آهي جيڪو به اڳوڻو IJT جو ماٺهو آهي. جڏهن مختلف شاگرد IJT مان پڇي ISF ۾ شامل ٿيا ته هنن پاڻ کي اتي به اڳوڻن جماعتن جي هيٺان ڏٺو. جيئن جيئن اليڪشن ويجهي پئي اچي تيئن تيئن PTI جي اپرڻ جي ڪري مختلف پارٽين جا موقعي پرست PTI ڏانهن ڇڪجي رهيا آهن پر تنهن هوندي به PTI جي اهم گروهه ۾ اهي ئي شامل آهن جيڪي دلي ۽ دماغي طور تي جماعتي آهن.

PTI جا جهادن سان لاڳاپا:

96- 1995ع ۾ PTI جي رونما ٿيڻ کان ٿورو پهرين عمران خان حميد گل سان ڪيترين ئي گڏجاڻيون ڪيون، جيڪڏهن ڪير ان وقت جون اخبارون ڪڍي ڏسي ته انهن ۾ چٽو ظاهر ٿيندو ته عمران ۽ حميد گل ڪا گڏيل پارٽي ٺاهڻ وڃي رهيا آهن جيڪا نواز ليگ ۽ پي پي جو نعم البدل ڏئي سگهي. پر ائين نه ٿيو ڇو ته ان سان عمران خان جي اڳوڻي سيڪيورٽي اسٽيبلشمينٽ جي ميمبر حميد گل سان ڳانڍاپو چٽو ٿي سامهون اچي ها، جيڪو جهادن سان سڌي ڳانڍاپي ۾ هيو. ليفٽيننٽ جنرل مجيب الرحمان جيڪو ضياءُ جي حڪومت دوران اطلاعات جو سيڪريٽري هيو ۽ جيڪو اسٽيبلشمينٽ ۽ حميد گل سان ڳانڍاپا رکندڙ هيو اهو PTI جي بنيادي ميمبرن

مان هڪ هيو جيڪو اڳتي هلي PTI جو جنرل سيڪريٽري پڻ بڻيو. هينئر PTI جي مرڪزي اڳواڻن ۾ حميد گل جو پائيٽو اويس گل به آهي. جنهن سپريم ڪورٽ بار جي چونڊن ۾ عاصمه جهانگير هٿان شڪست کاڌي.

1997ع ۾ PTI لانچ ڪرڻ کانپوءِ عمران خان هڪ هفتي لاءِ چيچنيا ويوجتي هو باغي مجاهدن جي اڳواڻ اسلم مسخادوف جو خاص مهمان ٿي رهيو، اسلم مسخادوف 1999ع ۾ چيچنيا ۾ شرعي قانون کي لاڳو ڪيو ۽ اتان جو صدر پڻ رهيو.

PTI جو طالبان ڏانهن نرم رويو به هڪ حقيقت آهي. طالبان خلاف ٿيندڙ فوجي آپريشن جي عمران سدائين مخالفت ڪندو رهيو آهي ۽ طالبان تحريڪ کي سدائين پختونن جي ٻاهرئين مداخلت خلاف قومي ويڙهه ڪري پيش ڪندو آهي ۽ اها ڳالهه به رڪارڊ تي آهي ته طالبانن جي طريقي کي انصاف وارو دڳ ڪري پيش ڪندو آيو آهي. هي " دهشتگرديءَ خلاف جنگ"، "ڊرون حملن"، "عافيه صديقي" ۽ ريمنڊ ڊيوس" جهڙن مسئلن تي سدائين مذهبي پارٽين سان گڏ بيٺو رهيو آهي.

عمران جو ساڄو هٿ سڏجندڙ اعجاز چوڌريءَ جا هڪ فساد پسند گروهه سپاهه صحابه پاڪستان (SSP) سان واسطا آهن، تازو ئي 15 نومبر 2011ع تي لاهور پريس ڪلب ۾ عثمان غني جي ورسيءَ جي حوالي سان رٿيل پروگرام ۾ اعجاز چوڌري هڪ اهم اسپيڪر طور موجود رهيو. هُو هڪ ٻي انتها پسند تنظيم "عالمي مجلسِ تحفظِ ختمِ نبوت" (AMTKN) جيڪا اقليتي احمدين جي خلاف پُرتشدد هجڻ جي ڪري مقبول آهي جي ريليز ۾ سرگرم نظر آيو. سلمان تاثير جي قاتل ممتاز قادريءَ جي حق ۾ (AMTKN) جي ڪڍيل ريليءَ ۾ چوڌري اعجاز اڳيان رهيو ۽ اتي ڳالهائيندي چيائين ته جڏهن عمران چوي ٿو ته ايڪٽ 295 سي پاڪستان جو "طئي ٿيل" مسئلو آهي ته ان جو مطلب اهو آهي ته خدائي قانون ۾ ڪير به هٿ چراند نٿو ڪري سگهي. هن جي ڳالهين مان لڳو پئي ته PNS مهراڻ حملي ۾ TTP- SSP- LEJ- JI جي هيڪڙائي آهي.

2007ع ۾ جڏهن عمران کي جنرل مشرف جي لڳايل ايمرجنسيءَ خلاف احتجاج ڪندي گرفتار ڪري ڊيرا اسماعيل خان جي جيل ۾ رکيو ويو ته TTP جي صدر بيت الله محسود پاڪستان حڪومت کي ڌمڪي موڪلي ته جيڪڏهن عمران خان کي 24 ڪلاڪن ۾ آزاد نه ڪيو ويو ته ڊيرا اسماعيل خان جي جيل کي اڏايو ويندو. اها خبر سڀن اخبارن ۾ اهم سرخيءَ طور لڳي ۽ عمران خان کي اتان جي GOP 24 ڪلاڪن اندر آزاد ڪيو ۽ پوءِ جڏهن 2 آڪٽوبر 2008ع ۾ بيت الله محسود ڏکڻ وزيرستان ۾ کليل طور نظر پئي آيو ته اتان جي PTI جي صدر طوفان برقيءَ محسود سان مليو ۽ هن کي اتان جي ثقافتي پڳڙي پارائي.

شيرين مزاري جيڪا عورت طالبان طور مشهور آهي، اها PTI جي عالمي معاملن جي صلاحڪار ۽ اسپوڪ پرسن آهي هوءَ پنهنجي ڳر ۾ ئي آمريڪا مخالف ۽ هندستان مخالف آهي. هوءَ عورت نقل آهي حميد گل ۽ زيد حامد جو ۽ هن جا هندستان نفرت آميز بيان ميڊيا ۾ ايندا رهندا آهن. هوءَ هڪ ويب سائيٽ تي مسلسل ڪالم لکندي رهي آهي جيڪا احمد قريشي پيو هلائي. احمد قريشي زيد حامد جو روحاني پاٽُ آهي. ڪيس ان ويب سائيٽ تي ٻي بنياد ۽ نفرت آميز خبرن هلائڻ ۽ طالبان جي جوان مردي ثابت ڪرڻ لاءِ خرچ پکو به شيرين مزاري ڏيندي آهي. تازو ئي هن رباني ايسوسئيشن تي CIA ۽ RAW سان رابطن جا الزام هنيا آهن. قريشي ڪوڙي وڪي ليڪس ٿاهي خبرون هلائڻ لاءِ به بدنام آهي. انهيءَ ويب سائيٽ کي هلائيندي هن اها ڪوشش پئي ڪئي ته

PNS مهراڻ بيس تي حملي ۾ CIA يا RAW کي ملوث ڏيکارجي اها ڳالهه شهيد ڪيل صحافي سليم شهزاد جي رپورٽ جي بلڪل ابتڙ آهي جنهن ۾ القائده ۽ نيويءَ ۾ ان جي ڳجهي گروهه کي ملوث قرار ڏنل آهي ۽ انهن جي تعلق کي ظاهر ڪرڻ جي سزا طور هن کي پنهنجي جان تان هٿ کڻڻو پيو.

شرين مزاريءَ جا دفاعي اسٽيبلشمينٽ سان ويجها لاڳاپا آهن، هوءَ نيشنل ڊفينس ڪاليج (NDC) ۾ ريگيولر ليڪچرار آهي ۽ هن جو سبجيڪٽ به ”اسلامڪ آئيڊيولاجي“ آهي. عمران خان جيڪو ”تعليمي انقلاب“ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي ان جو ڪورس به شايد مزاريءَ کان ڊزائن ڪرائي پوءِ اسڪولن ۾ لاڳو ٿيندو جنهن بعد مدرسن کان وڌيڪ طالبان اسان جا اسڪولن مان نڪري رهيا هوندا.

چا PTI عوامي کي ڪجهه ڏئي سگهندي؟

ويجهڙ ۾ لاهور ۾ ٿيل PTI جي ريلي جنهن ۾ هن سڀ کان وڌيڪ ڳالهايو ان ۾ ڪابه ڳالهه نئين نه هئي صرف اسٽيبلشمينٽ جي اٿاريل هڪ نقاطي ڳالهه ته ملڪ جي تباهيءَ جو سبب سياستدانن جي ڪرپشن آهي. جڏهن کان جمهوريت بحال ٿي آهي ته اهو ئي اڪيلو تنقيد جو نقطو آهي. جنهن کي اسٽيبلشمينت وڌائي چڙهائي پيش ڪندي پئي اچي ۽ انهيءَ آڌار تي 90 جي ڏهاڪي ۾ چوندجي آيل حڪومتن کي مُدو پورو ڪرڻ کانسواءِ ئي ختم ڪري گهر پيڙو ڪيو ويو. عمران خان ماڻهن جي دماغ ۾ ويٺل ان سچ جي چوٽَ کي مضبوط ڪري رهيو آهي ته ڪرپشن ئي سڀني ڏچن جو سبب آهي، اها سچي وڌائي چڙهائي پيش ڪيل جَهڳي صرف اِن لاءِ آهي ته ملڪ جي حقيقي تضادن جي معنيٰ مٽائي سگهجي. جيڪا حقيقت ۾ اسٽيبلشمينٽ جي رٿائن ۽ مفادن جي ڪري آهي جنهن تحت هو ملڪ جا مختصر وسيلا اڪيلي سر ڳهي رهيا آهن ۽ انتها پسندن کان علاوه هن ملڪ جي ترقيءَ ۾ ٻي اهم رڪاوٽ آهن. عمران خان اُنهن جي هٿن جو نمائندو آهي. هي ڦريل ماڻهو چورن مان ئي ناخدا بڻجڻ جي اميد رکي رهيا آهن. جيڪڏهن عمران خان هنن ماڻهن جو مسئلو حل ڪري سگهي ٿو ته جماعت اسلامي ڪڏهوڪو ڪري چڪي هجي ها ۽ پوءِ هن ملڪ جا ماڻهو بيوقوف چئبا جن هيل تائين جماعت اسلامي کي نه کٽرايو آهي.

عالمي سياسي صورتحال

لبيا جي ’ آزادي‘ ۽ انساني حقن جي سامراجي شڪل!

شفقت قادري



۔ مان پاڻ کي هتي دوستن ۾ موجود محسوس ڪري رهيو آهيان. توهان جيڪو اسان لاءِ ڪيو، مان تنهن ڪان چڱيءَ ريت واقف آهيان. توهان جي مدد ڪانسواءِ اسان جو انقلاب ممڪن ئي نه ٿي سگهي ها‘. فاڪلاو هافيل (چيڪوسلوواڪيا جو پهريون بورجوا صدر).

ڪهڙو انقلاب؟ فاڪلاو هافيل جنهن انقلاب جي ڳالهه ڪري رهيو هو ، اولهه جي جن سامراجي حمڪرانن کي جنهن انقلاب جي خبر پڌائي رهيو هو سو انقلاب نه پر رد-انقلاب هو. چيڪوسلواڪيا مان سوشلزم جو خاتمو ڪري، سرمايداريءَ جي نفاذ کي سموري سرمايدار دنيا ’انقلاب‘ جو نالو ڏنو هو ۽ ڏسو ته اُن عوام مخالف انقلاب جو اڳواڻ ڪهڙي ريت پنهنجن آقائن جي خدمتن جو اعتراف ڪري رهيو آهي. چيڪوسلواڪيا جي ڳالهه ته ڪجهه پراڻي (1989) آهي ۽ ماڻهن جي ذهنن تان شايد ميسارجي به چڪي هجي. ماڻهو شايد اهو به وساري چڪا هجن ته ڪهڙيءَ ريت يوگوسلاويه جي اڳوڻي صدر سلوبوڊان ملاسووچ کي عالمي ڏوهاري قرار ڏئي ختم ڪيو ويو جنهن جو حقيقي ڏوهه صرف ۽ صرف ايترو هو جو هن پنهنجي ملڪ کي سامراجي يلغار کان بچائڻ ٿي گهريو. ماڻهن کان شايد صدام به وسري ويو هجي (جيڪو دراصل انهن سامراجين جو ئي پاليل هو، پر جڏهن هو انهن جي پڪڙ مان نڪري ويو ته پوءِ ڪيس رستي تان هٽائڻ لازمي ٿي پيو). صدام ڏوهاري هو، قاتل هو، پر ڇا صدام عراق ۾ ايترا ماڻهو ماريا جيترا عراق کي آزاد ڪرائيندڙ سامراجي فوج ماريا آهن؟ دنيا ۾ مظلومن جا به قسم آهن هڪڙا ’قدر-لائق‘ مظلوم ۽ ٻيا جيڪي قدر جي لائق نه آهن. قدر لائق مظلوم اُهي آهن جيڪي سامراج مخالف حڪمرانن هٿان ’ظلم‘ جو شڪار ٿين ٿا، اهڙن مظلومن جو باقائده حساب ڪتاب رکيو وڃي ٿو ، جهڙوڪ: ايران، عراق، شام، ڪيوبا، اتر ڪوريا، وينزويلا، بُليويا، وغيره جا ’مظلوم‘. مظلومن جو ٻيو قسم يعنيٰ اُهي مظلوم جيڪي سامراجي جنگ جو شڪار ٿين ٿا سي قدر لائق مظلوم نه آهن. اهڙن مظلومن جو ڪو حساب ڪتاب نه ٿو رکيو وڃي. اهڙن مظلومن ۾ سامراجي جنگ جو شڪار ٿيندڙ 20 لک ڪوريائي، 40 لک ويٽنامي، 40 لکن کان وڌيڪ ڪانگو جا رهاڪو فلسطيني، عراقي، افغاني، سعوديءَ جون عورتون ۽ پورهيت، بک ۽ بيماري ۽ آمريڪي معاشي نظام سبب هر ڏينهن مرندڙ 24000 ٻار وغيره. هنن مظلومن جو موت دراصل دنيا کي ’آزاد‘ رکڻ جي

قيمت آهي! اها قيمت ادا ڪري ئي دنيا (در اصل سامراج) پنهنجي پاڻ کي' آزاد' رکي سگهي ٿو.

سو اها ڳالهه واضع ٿيڻ گهرجي ته اسان جڏهن لبيا تي ڳالهايون، لبيا جي مظلومن تي ڳالهايون ته گڏو گڏ اها ڳالهه به واضع ڪري ڇڏيون ته اسان ڪهڙن مظلومن بابت ڳالهائي رهيا آهيون : قدر-لائق مظلوم يا ناقابلِ قدر مظلوم. اچو ته مظلومن جي ڪهاڻيءَ کي جديد دور جي هڪ اهم موڙ کان شروع ڪريون.

آمريڪا پنهنجو قبلو ڪيئن مٽايو:

ويٽنامي جنگ ۾ شڪست کائيندڙ آمريڪي سامراج سموري دنيا اندر ويٽنامي جنگ خلاف هلندڙ تحريڪ جي نشاني تي هو؛ ويتر سارتر- برٽرينڊ رسل آمريڪن وار ڪرائيم ٽريبيونل هٽي آمريڪي سامراج کي وائکو ڪري ڇڏيو. ان ٽريبيونل واضع ڪيو ته آمريڪي سامراج جنگي ۽ انساني حقن جو ڏوهاري آهي. سارتر اهتجاج طور آمريڪا وڃڻ کان ئي انڪار ڪيو. سمورا انسان دوست ماڻهو ان دور جي ٻن سڀ کان وڏن فيلسوفن (سارتر ۽ رسل) جي راءِ سان متفق هئا ته آمريڪا ڏوهاري نمبر ون آهي. آمريڪي شاگردن فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان انڪار ڪيو. ويٽنام جنگ مخالف تحريڪ جيتري وڏي ڪا ٻي جنگ مخالف تحريڪ شايد ئي ڪا ٻي هجي! ان جنگ آمريڪي سامراج جي جمهوريت، انساني آزادي وغيره جهڙا پوش پٽي ڇڏيا هئا. آمريڪا لاءِ هاڻ ٻه رستا هئا: يا ته جنگ کان ئي ٽري پاسو ڪري، يا انهن ئي انساني حقن جي سلامتيءَ جو نعرو هٽي جنگ ڪري جن حقن جي لتاڙ جو ڏوهاري آمريڪا کي قرار ڏنو ٿي ويو. اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ ڪنهن راڪيٽ سائنس جي ضرورت نه آهي ته آمريڪي سامراج ڪهڙو دڳ ورتو. جنگ سامراج جو جيئدان آهي. 1945 ۾ ٻين مهاڀاري لڙائيءَ جي انجام ڪانپوءِ آمريڪا سڌي ۽ اڻسڌي ريت لڳ ڀڳ 50 ملڪن اندر جنگ ڪئي آهي ۽ 30 آزاديءَ پسند ۽ انقلابي تحريڪن کي ڪچليو آهي. اُهي سڀ سامراجي وارداتون دنيا جي' آزادي برقرار رکڻ' (مطلب ته دنيا کي ڪميونزم کان بچائڻ) لاءِ ادا ڪيل قيمت طور ٿوري گهڻي 'لبرل ڪِرِ ڪِرِ' عيوض قبوليون ويندڙيون رهيون. پر ويٽنامي جنگ مخالف تحريڪ اهڙي هلت تي 'ڦل اسٽاپ' لڳائي ڇڏيو. هاڻ جنگ صرف جنگ نه رهي، پر اخلاقي ذميواري ٿي پئي!هاڻي جي آمريڪي حڪمران طبقو جنگ ڪندو ته به صرف ۽ صرف دنيا جي 'مظلومن' کي 'ظالمن' کان بچائڻ جي اهم اخلاقي ذميواري نباهڻ لاءِ ئي ڪندو. ڀلا ڪير ڪنهن کي اخلاقي ذميواري نباهڻ کان روڪي سگهي ٿو!؟ هاڻي سامراجي جنگ سامراجي مفادن خاطر نه پر 'انسانيت' جي خاطر لڳي ٿي! جي سامراج ٻچاپڙو نه هجي ها ته سڌو سنئون چئي ڏي ها ته 'مونکي اوهان جو مال ٿو گهرجي، ڏيو ٿا يا جنگ ڪريان!' بلڪل ائين جيئن اڳوڻا بيئڪي سامراج چوندا هئا، پر موجوده سامراج ٻچاپڙو آهي. جمهوريت جي ڦهلاءَ لاءِ جنگ ڪجي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ جيترو عوام موت جو ڪاج ٿئي ٿو اوترو ته 'ظالم' حڪمرانن جي راڄ دوران به نه ٿو ٿئي. پوءِ دنيا ان تي سوال ڇو نه ٿي اٿاري؟ جيئن چيو ويندو آهي ته سرمائيداريءَ ۾ ڪابه شيءَ مفت ۾ ناهي ملندي، پوءِ اها جمهوريت يا آزادي ئي ڇو نه هجي! هر شيءَ جي ڪانه ڪا قيمت هوندي آهي، ۽ جمهوريت، آزاديءَ جي قيمت آهي سامراجي يلغار، لکين ماڻهن جو قتلام، نيو لبرل سرمايدار معاشي پاليسيون، بک، بدحالي، سماجي تباهي: ان قيمت جي عيوض 'آزاد ڪيل' ماڻهن کي هڪ ڪاغذ

ملندو آهي جيڪو هو هر چوٿين/ پنجين سال استعمال ڪندا آهن:سياسي اصطلاح ۾ ان ڪاغذ کي ووٽ چئجي ٿو. هاڻي عراق جا ماڻهو اهو ڪاغذ استعمال ڪري رهيا آهن. تازو لبيا جا ماڻهو به اهو ڪاغذ استعمال ڪرڻ جا اهل ٿيا آهن.

سرمايدار طبقو پنهنجي مخصوص گروهي مفادن کي عمومي سماجي مفاد ڪري پيش ڪندو آهي. سرمايدار طبقي جي اهري پيشڪاري صرف ۽ صرف تڏهن ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي جڏهن سرمايدار طبقو حاڪم طبقو هجي. سماج جي ٻين هڙني طبقن جا مفاد گروهي مفاد ڪري پيش ڪيا ويندا آهن، جڏهن ته سرمايدارن جا گروهي مفاد ڪل سماجي مفاد ڪري ليکيا آهن. اهو سرمايدار طبقي جي مفاد ۾ آهي ته هر اليڪشن ۾ مهاندا ته مٽبا رهن به بنيادي استحصالي معاشي، سماجي ڍانچو نه مٽجي. مهاندن جي اهڙي پرامن مٽ سٽ کي بورجوا جمهوريت چئجي ٿو. اولهه يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهڙو ئي نظام لاڳو آهي. انهن سماجن ۾ جمهوريت ادارتي آهي . ٻين لفظن ۾ ته انهن سماجن ۾ جمهوريت صرف ۽ صرف مهاندو مٽائڻ تائين محدود ٿي چڪي آهي. سو جڏهن آمريڪي سامراج ۽ ان جا طفيلي اڳوٽا يورپي سامراج عراق، لبيا يا ٻين ملڪن اندر جمهوريت جي ڳالهه ڪندا آهن ته اها جمهوريت صرف مهاندن جي تبديلي ڪري ليکڻ گهرجي. سامراج جي مدد سان آزاد ڪيل اهڙن سماجن جي بنيادي معاشي ڍانچي تي سامراج جو ئي قبضو رهندو آهي. ٽين دنيا، خاص ڪري لاطيني آمريڪا جمهوريت جي هڪ نئين شڪل ’عوامي جمهوريت ’ کي جنمي رهي آهي جنهن جو بنيادي ڪم ئي معاشي ۽ سماجي پاليسين تي عوامي ڪنٽرول قائم ڪرڻ آهي. جمهوريت جي اهڙي شڪل سامراجي مفادن سان سڌو سنئون ٽڪراءَ ۾ آهي ان ڪي آمريڪي سامراج لاءِ وينزويلا، ايل سلواڊور، بوليويا، جهڙا ملڪ قابل قبول نه آهن.

ذوالفقار ڀٽي پنهنجي ڌيءَ بينظير کي هڪ اهم ڳالهه ڪئي هئي ته ’غلطيون هر ماڻهوءَ ۾ هونديون آهن، مون ۾ به غلطيون آهن، پر ياد رک ته هي فوجي مونکي منهنجين غلطين جي ڪري نه پر منهنجي چڱائين جي ڪري مونکي ڦاهيءَ تي لٽڪائي رهيا آهن!‘. اهو اهم سبق آهي جيڪو هر ان حڪمران کي سکڻو پوندو آهي جيڪو اڌ انقلاب برپا ڪري ٿو ۽ غلطين سان گڏ پنهنجيون چڱائيون به برقرار رکي ٿو. جي هو مڪمل برو ٿي وڃي، پنهنجي آندل اڌ انقلاب تان ئي هٿ کڻي وڃي ته سندس حياتي توڙي اقتدار بچي ويندا.

لبيا جي ڪرنل قذافيءَ جڏهن سعودي حڪمرانن ۽ انگريز سامراج جي ڳيجهو وهابي بادشاهت جو تڏو ويڙهي لبيا جا دروازا سامراج ۽ رجعت پسند عرب مذهبي بادشاهتن لاءِ بند ڪيا تڏهن کان ئي هو انهن قوتن جي نشاني تي هو. عرب دنيا ۾ هڪڙا ليڊر ته جمال ناصر، حافظ الاسد، قذافي ۽ ياسر عرفات جهڙا هئا، ته ٻيا سعودي، خليجي رياستن تي حاوي رجعت پسند بادشاهه ۽ امير عرب دنيا جي ڏينهن رات جي مالڪي ڪنهن وٽ هوندي، سامراج مخالف ’آمرن‘ جهڙوڪ جمال ناصر، حافظ لاسد ، قذافي ۽ عرفات جهڙن ’ترڙن دهشتگردن‘ وٽ يا قابل اعتماد بادشاهن وٽ؟ اهو بنيادي سوال آهي جيڪو سامراجي پاليسيءَ جو محور رهيو آهي. رجعت پرست عرب بادشاهن کي سامراجي ڦرلٽ جو گهٽو خوف آهي يا عرب ترقي پسند، سامراج مخالف جمهوري، قومي تحريڪن جو؟ عرب بادشاهه صدر بش کان خوف کائيندا آهن يا

ياسر عرفات جهڙي اڳواڻ کان. مارڪسي سائنس موجب سماج جا بنيادي تضاد ئي اهم هوندا آهن، ۽ بنيادي تضادن جي ڪري ئي باهريان تضاد عمل پذير ٿي سگهندا آهن. به قطبي دنيا (سامراج جو بلاڪ ۽ اڳوٽو سماجوادي بلاڪ) جيستائين موجود هو ته عرب دنيا اندر به اها ورڇ واضع هئي. سامراج مخالف عرب قومي تحريڪون ڪنهن نه ڪنهن انداز ۾ ترقي پسند سوماجوادي بلاڪ سان سلهاڙيل رهيون آهن (مثال طور اتر ڪوريا طرفان فلسطيني ويڙهاڪن جي تربيت ڪرڻ). قذافي به ان دور جي پيداوار آهي جنهن دور جمال ناصر ۽ ياسر عرفات ڪي پيدا ڪيوهو. سندس لبيا (جنهن کي هاڻي نيٽو ، افغانستان مان موٽندڙ جهادين ۽ القائده گڏجي آزاد-معنيٰ ختم- ڪيو آهي) سا به ان دور جي پيدا ڪيل رياست هئي. قذافيءَ تي سڀ کان وڏو الزام آمريت ۽ دهشتگرديءَ جي امداد جو هو (ساڳيو الزام جمال ناصر، ۽ ياسر عرفات تي به هو). پر آمريت ڇا آهي؟ قذافيءَ جي آمريت شخصي هئي يا ادارتي ؟ اولهه يورپي ۽ آمريڪي جمهوريتون ادارتي جمهوريتون آهن پر ڇا اتي آمريت آهي؟ آمريت مان مراد آباديءَ جي اڪثريت تي اقليت جي حڪمراني، اهڙي طرز جي حڪمراني جنهن ۾ آباديءَ جي مرضي يا راضپو شامل نه هجي. ڪيئن طئي ٿيندو ته قذافيءَ جي حڪمراني آمريتي هئي ۽ آباديءَ جي اڪثريت هن سان گڏ نه هئي؟ سامراجي ميڊيا، سي.اين.اين، بي،بي،سي، الجزيره، ثابت ڪندا يا لبيا جي سماجي اوسر ۽ ماڻهن کي ملندڙ مراعتون؟

جڏهن قذافي لبيا جي رجعت پسند بادشاه ادريس جو تختو اونڌو ڪيو (ياد رکو ته لبيا جي باغين وارو جهنڊو اهو ساڳيو بادشاهه ادريس وارو آهي) تڏهن لبيا انگريز سامراج جي هڪ چونڪي هو ۽ سندس تيل تي سامراجي ڪمپنين جو قبضو هو ۽ لبيا آفريقا جي غريب ترين ملڪن ۾ ڳڻيو ويندو هو. اڄ جڏهن نيٽو ۽ جهادين گڏجي لبيا کي 'آمر قذافيءَ' کان آزاد ڪرايو آهي ته لبيا آفريقا جو امير ترين ملڪ هو . لبيا جي شهرين جو معيارِ زندگي سموري آفريقا ۾ سڀ کان مٿي آهي، سائوٿ آفريقا کان به مٿي. نيلسن منڊيلا هڪ ڀيري قذافيءَ تي لڳندڙ آمريت جي الزامن بابت ورندي ڏيندي چيو ته ' قزافيءَ سان تعلق ٽوڙڻ لاءِ اهي اسان تي زور ڀري رهيا آهن جن اڄ تائين آفريقا اندر آمرن کي تاتيو آهي'. قذافيءَ جي 'آمريت' ۾ ماڻهن کي هي سهولتون ميسر هيون:



ڪرنل قذافي وينزويلا جي اڳواڻ هوگوشاويز سان گڏ

مفت تعليم. مفت صحت. مفت بجلي. زرعي زمين ۽ ٻج مفت. نئين شادي شده جوڙي لاءِ زندگي شروع ڪرڻ واسطي 50 هزار ڊالر (لڳ ڀڳ 45 لک پاڪستاني رپيا). سادا ڇهه پاڪستاني رپيا ليٽر پيٽرول. ڪار جي خريداريءَ تي اڌ قيمت سرڪار ڏيندي.89 سيڪڙو تعليم. عمومي حياتيءَ سراسري 75 سال. في ڪس آمدني 12،320 آمريڪي ڊالر (مطلب 91 هزار پاڪستاني روپيا في مهينو)، 97 سيڪڙو آباديءَ کي پاڻي، نيڪاسي ۽ ٻين شهري سهولتن جي فراهمي بينڪ کان قرض کڻڻ تي ڪو به وياج نه. ملڪ تي ڪو به پرڏيهي قرض نه (قذافي دور جو لبيا آفريقا جو اڪيلو ملڪ هو جنهن تي ڪو به پرڏيهي قرض نه هو.

موجوده پاڙيتو حڪومت پنهنجي جدوجهد جي شروعات ئي عالمي سامراج کان ڏيڍ ارب ڊالر جي قرض کان ڪئي آهي). جڏهن ته سائوٿ آفريقا جي في ڪس آمدني 6 هزار ڊالر (لبيا جي اڌ جيتري) ۽ سراسري عمر صرف 52 سال آهي. (هي انگ اکر ورلڊ بينڪ جا آهن). برازيل جي هڪ صحافيءَ جيارجيز بوردڪان جنهن جو تعلق برازيل جي سڀ کان وڏي ميڊيا اداري سان آهي، تنهن لبيا بابت هڪ رپورٽ تيار ڪئي، پر ان رپورٽ کي ڪڏهن به 'آن ايئر' نه ڪيو ويو. بوردڪان قلم وسيلي لبيا بابت پنهنجا تجزيا ونديندو رهيو آهي. بوردڪان جو چوڻ آهي ته لبيا ۾ ڪو به گهر يا دڪان ڪرائي تي ڏيڻ غير قانوني هو. مطلب ته جي اوهان وٽ هڪ کان مٿي گهر يا دڪان آهن ته اهو گهر يا دڪان سرڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي انهن ماڻهن کي ڏيندي جن وٽ گهر يا ڪاروبار ڪرڻ لاءِ دڪان نه آهن (هل! ايترو ظلم ويچارن مالدارن سان!). بوردڪان لکي ٿو ته جيڪي لبيائي ڪم نه ڪندا هئا، يا بيروزگار هئا تن کي 7000 آمريڪي ڊالرن جيترو ماهوار الائونس ملندو هو. سڀ کان وڌيڪ مزي جي ڳالهه اها آهي ته لبيا ۾ شين جون الڳ الڳ قيمتون نه هيون. هر شيءِ جي هڪڙي ئي قيمت هئي: 3 آمريڪي ڊالر جي برابر! ڪو 50 ڪلو چانور وٺي يا خاجرو تيل يا ڪا ٻي شيءَ، قيمت اها ئي ساڳي هئي، ان جي ابتڙ اهي سامان جن جو واسطو عوام جي ڀلائيءَ سان نه هو (جهڙوڪ ٽاءِ، سموڪنگ پائيپ وغيره) انهن تي تمام ڳرا ٽيڪس لاڳو ڪيل هئا. (50 ڪلو چانور 3 ڊالر ته ٽاءِ 200 ڊالر! واقعي نفيس ۽ نازڪ مالدارن سان ظلم هو). اهڙي 'آمريت' ته هرڪو چاهيندو! خود آمريڪا جو عوام جيڪو آمريتي معاشي پاليسين جو شڪار آهي سو به قذافيءَ جهڙي آمريت چاهيندو!

1994 ۾ جڏهن آمريڪي صدر بل ڪلنٽن نيلسن منڊيلا کي قذافيءَ سان دوستي ختم ڪرڻ جو چيو ته موٽ ۾ نيلسن منڊيلا بل ڪلنٽن کي هي جواب ڏنو هو: 'اهي جن کي اسان جي ۽ صدر قذافيءَ جي دوستيءَ تي ڪاوڙ لڳي ٿي سي ڀلي کوهه ۾ ٽپو ڏين!'جيارجيز بوردڪان مطابق قذافيءَ جي وڏي ۾ وڏي غلطي سامراج تي اعتماد ڪري نيوڪليئر پروگرام تان هٿ ڪڍڻ هئي (ان ڳالهه جو اعتراف سيف الاسلام قذافيءَ پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ پڻ ڪيو هو. 2003 ۾ آمريڪي ۽ يورپي سرمايدارن لبيا تان پابنديون هٽائڻ جي عيوض قذافيءَ کي نيوڪليئر پروگرام تان هٿ ڪڍڻ جو شرط رکيو جيڪو هن قبول ڪيو. سيف الاسلام مطابق اتر ڪوريا ۽ ايران کين اولهه جي اصل مقصدن کان آگاهه ڪيو هو پر هنن انهن جي اگاهيءَ تي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ڇو ته هو سرمايدار دنيا جا لڳ ڀڳ سمورا شرط مڃي چڪا هئا ۽ کين انهن ملڪن مان ڪو خطرو محسوس نه پئي ٿيو!

قصو هڪ اهم رپورٽ جو

اولهه جي جنگ - حامي ميڊيا، لبرل دانشورن، چوٿين انٽرنيشنل جي ٽراٽسڪائسٽن، عرب ليگ ۽ نيٽو اسان اڳوجهن کي ٻڌايو ٿي ته قذافي پنهنجي عوام مٿان ظلم جا جبل ڪيرائي ڇڏيا آهن. هزارين ماڻهن جو قتلام ڪيو اٿس، بنيادي جمهوريت ۽ انساني حقن جي لتاڙ ڪئي اٿائين، وغيره وغيره انهن سڀني جي ابتڙ گڏيل قومن جي اداري جنرل اسيمبلي جي ذيلي اداري هيومن رائٽس ڪائونسل 4 جنوري 2011 (تاريخ ياد رکجو! 4 جنوري 2011 .مطلب لبيا مٿان نيٽو جي يلغار کان صرف هڪ مهينو اڳ!) پنهنجي هڪ 'رپورٽ آف دي ورڪنگ گروپ آن دي يونيورسل پيريا ڊڪ رويو- لبين عرب جمهوريا' جي نالي سان شايع ڪئي هئي.

اها رپورٽ انتهائي دلچسپ آهي ڇو ته ان رپورٽ جو بنيادي ڪم ئي لبيا اندر انساني حقن جي جانچ پڙتال ڪرڻ هو. اها رپورٽ هنن ملڪن جي نمائندن طرفان تيار ڪئي وئي هئي: ڊينمارڪ، چين، اٽلي، هالينڊ، موريطانيا، سلوينيا،نڪاراگوا، روس، اسپين، انڊونيشيا، سويڊن، ناروي، ائڪواڊور، هنگري، سائوٿ آفريقا، مالديپ، فلپائين، چلي،سنگاپور، جرمني، آسٽريا،ڪزاڪستان، ليٿويا، انگولا، نائيجيريا، ڪانگو، برونڊي، زيمبيا، روانڊا، بڪيرنا فاسو، جبوتي، ڪوٽ دي لاووغ، سينيگال، زمبابوي. ان رپورٽ ۾ لکيل آهي: ’ لبين عرب جمهوريا جو ان ڳالهه ۾ ويساهه آهي ته انساني حقن جو دفاع عوام جي عمومي ترقيءَ لاءِ لازمي آهي. 1969 جي عظيم الفتح انقلاب جي اولين ڪمن ۾ برابري ۽ مت ڀيڊ جو خاتمو پڻ شامل هو ۽ 1977 ۾ عوامي راڄ لاڳو ڪيو ويو.1988 ۾ لبين عرب جمهوريا عظيم سائو اعلان نامو پڻ جاري ڪيو جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو ته سڀ انسان برابر ۽ آزاد پيدا ٿيا آهن، عورتن، مردن ۾ ڪو فرق نه آهي.1991 ۾ بنيادي آزادين جي قانون کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو. لبيا انساني حقن جي عالمي قانونن جي پابند رهي، جنهن ۾ عالمي انساني حقن وارن قانونن کي لبيا جي اندروني قانونن کان به وڌيڪ فوقيت حاصل رهي آهي. انساني حقن جا اهي قانون لبيا جي ڪورٽن تحت سڌو سنئون لاڳو ٿيڻ جوڳا آهن....نمائندا ان نتيجي تي پهتا آهن ته انساني حقن جا قانون تمام واضع ۽ سيبتي انداز ۾ لبيا جي قانوني سرشتي جو حصو آهن. عوام جي بنيادي حقن جي بچاءَ خاطر قانوني ضمانتون مليل آهن ۽ جيڪڏهن انساني حقن جي قانونن جي ڪا لتاڙ ٿئي ٿي ته ڏوهاريءَ کي قانون آڏو پيش ڪيو وڃي ٿو. عدالتون بنيادي انساني حقن جي حفاظت ڪن ٿيون جنهن ۾ آفيس آف دي پبلڪ پراسيڪيوٽر انهن جي مدد ڪري ٿي.2007 ۾ نيشنل هيومن رائٽس ڪميشن جو بنياد وڌو ويو جنهن جو بنياد پيرس پرنسيپلز آهن... لبين عرب جمهوريا انساني حقن جي حفاظت جي ضامن آهي جنهن ۾ نه رڳو سياسي پر معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حق پڻ اچي وڃن ٿا‘.



لبيائي باغي اڳواڻ آمريڪي جهنڊي اڳيان نماز پڙهندي

’نه رڳو سياسي، پر معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حق‘!!! مطلب لبيا جي ماڻهن جا ڪي به سياسي حق ڦٻايل نه آهن، نه صرف ايترو بلڪ ماڻهن کي معاشي حق (جهڙوڪ روزگار جي ضمانت، رياستي امداد)، ۽ سماجي، ثقافتي حق پڻ مليل آهن!!! پر اسان جا لبرل دانشور، پني تي ليڪا ڪڍي تبديليءَ جا نقشا چٽيندڙ جملا باز ليکاري، ويندي انقلاب، مارڪس، لينن جا ’اصل‘ وارث ڪوٺرائيندڙ ٽراٽسڪائي اسان کي ته اهو ٻڌائيندا رهيا ته قذافي آمر هو! يا هي ڪوڙا آهن يا هي ۽ ان جهڙيون ٻيون اٽڪٽيون رپورٽون ڪوڙيو ن آهن.

پوءِ قذافيءَ کي ان رڪارڊ جي بدلي ۾ ڪجهه دوستيون به مليون ته ڪجهه دشمنيون به. پر قذافيءَ جا دوست آمريڪي صدر جمي ڪارٽر (جنهن ويٽنام جنگ ڪانپوءِ انساني حقن تي پروپيگينڊا کي آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ جو بنيادي ستون ڻاهيو هو)، فرينچ، انگريز، عرب بادشاهتون

نه پر آءِ. آر. اي (آئرش ريپبليڪن آرمي)، نيلسن منڊيلا جي اي.اين.سي. فڊيل ڪاسترو، هوگو شاويز جهڙا ناقابل اعتماد آمر ۽ دهشتگرد هئا. سامراجي ميڊيا جي پروپيگنڊا جي ڪري دنيا ۾ اهو ته مشهور ٿي ويو ته قذافي آمر آهي، پر اها ڳالهه ڪيترن ماڻهن کي پڌائي وئي آهي ته جهموريت جو اهڃاڻ ٿي اڀرندڙ نيلسن منڊيلا سائوٿ آفريڪا جو صدر ٿيڻ ڪانپوءِ قزافيءَ کي سائوٿ آفريڪا جو سپ کان وڏو ميڊل ڏنو؟ ڪيترن ماڻهن کي پتو آهي ته قذافيءَ جي عوام دوست عملن کان متاثر ٿيندي نيلسن منڊيلا پنهنجي ڏوهٽي جو نالو قذافي رکيو؟ آفريڪا توڙي يورپ ۾ هلندڙ آزاديءَ ۽ انقلابي تحريڪن جي مالي امداد ڪندڙ قذافي ڪڏهن به اولهه جي سامراج لاءِ قابل قبول نه هو، تڏهن به نه جڏهن 1988 ڪانپوءِ هن اولهه جي سرمايي لاءِ لبيا جا دروازا کولي ڇڏيا.

قصو جاسوسن جو: **يہ دوستی ہم نہیں توڑیں گے!**

قذافيءَ جي زندگي اولهه جي آفريڪي مفادن لاءِ ڪيترو خطرناڪ هئي ان جو اندازو هن جاسوس جي اعترافن مان لڳائي سگهجي ٿو.

برطانيا جي خفيه ايجنسي ايم.آءِ. فائيو جي ايجنٽ ڊيوڊ شيلر (هي همراهه هينئر فرانس ۾ قيدي بڻايل آهي). بي.بي.سيءَ کي ٻڌايو ته برطانيه جي ايجنسي ايم.آءِ.سڪس لبيا جي انتها پسند مذهبي ٽولي کي 160000 آمريڪي ڊالر ڏنا آهن ته جيئن هو ڪرنل قذافيءَ کي قتل ڪن. اهو واقعو 1996 جو آهي. بي.بي.سيءَ تان سندس بيان نشر ٿيڻ ڪانپوءِ سرڪار سندس پويان پئجي وئي ۽ هي همراهه فرانس ڀڄي ويو، پر برطانوي سرڪار جي درخواست تي فرانس جي سرڪار ڊيوڊ شيلر کي گرفتار ڪيو. دهشتگردن، مذهبي انتهاپسندن، تيل ۽ برطانوي، آمريڪي سامراج جي اها 'دوستي' ڪا نئين نه آهي. 1953 ۾ ايران ۾ مصدق جي لبرل ۽ قومپرست حڪومت کي هٽائڻ لاءِ مولانا حضرات کي استعمال ڪيو ويوجيڪي عوامي مجمعي ۾ ڏماڪا ڪري اتي ايران جي ترقي پسند ۽ سماجوادي پارٽيءَ (تودهه پارٽي) جا پمفليٽ اڇلائي ويندا هئا ته جيئن ماڻهو سمجهن ته اصل ۾ سوويت يونين ۽ ايراني ڪميونسٽ، سوشلسٽ مصدق کي هٽائڻ چاهين ٿا. افغانستان ۾ ته اها ملان-سامراج دوستي وڏي وڻ ٿي ويئي. افغانستان ۾ آمريڪي ڊالر تي ٿيندڙ جهاد کان ته دنيا واقف آهي، پر ڪي واقعا اهڙا به ٿيا جيڪي اڄ سوڌو عوام آڏو ڪو ورلي آيا هجن. گهٽن ماڻهن کي خبر آهي ته القائده سان بظاهر ويڙهه ڪندڙ نيٽو 1993 ۾ ڪيئن آذربائيجان جي روس نواز صدر کي تختي تان هٽائڻ واسطي القائده جي عرب ويڙهاڪن کي استعمال ڪيو؟ ان آپريشن جي نگراني سي.آءَ.اي جا ٽي گماشته رچرڊسيڪورڊ، هيري ايڊرهولٽ ۽ ايڊ ڊيئربورن ڪري رهيا هئا. آمريڪي هوائي جهازن وسيلي عرب ۽ ٻين جهادين کي افغانستان مان ڪٽي آذربائيجان پهچايو ويو جتي هنن پنهنجن 'يارن' سان گڏجي هڪ 'آمر' جو تختو اونڌو ڪيو ۽ ملڪ ۾ 'جهموريت' آندي! جهادين ويڙهه وڙهي آزربائيجان کي 'ڪافر' روس جي اثر کان آجو ڪرايو، جڏهن ته آمريڪين آذربائيجان ۾ اهڙو 'جمهوري' صدر آندو جنهن باڪو جي تيل جي کوهن جا منهن آمريڪي ڪمپنين لاءِ کولي ڇڏيا. اهڙن قسمن جي آپريشنن ۾ آمريڪي جانين جي ضايع ٿيڻ جو ڪو خدشو نه هوندو آهي، جي ڪا 'شهادت' ٿيندي به آهي ته انهن جي

جيڪي ٽيٽ ئي شهيد چاهيندا آهن. ’بسنتي‘ ويرو جي هنج ۾ ۽ شهيد‘جئي‘حورن جي! بوسينيا 1992-1995 ۽ ڪوسوو 1997-1998 ۾ پڻ اهڙو ئي عمل دهرايو ويو. اتي به جهادين کان مدد ورتي وئي ته جيئن ويڙهه ۾ وڌيڪ رتوڇاڻ ٿئي! متان وساريو ته انهن ملڪن اندر نيٽو فوجن تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ’انساني همدردي‘ جي اوٽ وٺي سامراجي يلغار ڪئي جنهن جو اصل مقصد اڳوڻي يوگوسلاويه کي ختم ڪري اتي ننڍيون ننڍيون ڳيجهو رياستون قائم ڪرڻ هو ته جيئن تيل جي پائيپ لائين جو منصوبو مڪمل ٿي سگهي. اڳوڻو يوگوسلاويائي صدر سلوبودان ملاسووچ ان ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ هو. پوءِ اوچتو ئي اوچتو اولهه جي ميڊيا کي ياد آيو ته سلوبودان ملاسووچ هڪ آمر ۽ انسانيت جو قاتل آهي. بين الاقوامي عدالت مان سندس وارنٽ ورتا ويا ۽ سموري جهان آڏو ڪيس جنگي ڏوهي ڪري پيش ڪيو ويو. گڏيل قومن جو ادارو ٻيئو ئي ملڪن جي جاگرافيائي سرحدن جي آڌار تي آهي. ان اداري جي بنيادي اصولن منجهان هڪ اصول هي آهي ته ڪوبه ملڪ ٻئي ملڪ جي جاگرافيائي سرحدن ۾ ڦيرقار يا انهن اندر گهڙي ڪا ڪاروائي نه ڪندو. پر نوي جي ڏهائي ۾ اهو سڀ تبديل ڪيو ويو. اڳي ’آزاد دنيا‘ کي سويت يونين ۽ ڪميونسٽن کان بچائڻو هو. جڏهن اهو بهانو نه رهيو ته پوءِ جنگ لاءِ هڪ نئون جواز پيدا ڪيو ويو: انسانيت جي بچاءَ خاطر ملڪن اندر مداخلت. انساني حق! هي ته اهو ئي نعرو آهي جيڪو ستر جي ڏهاڪي ڪانوني آمريڪي جنگي مداخلت جو بنياد رهندو پئي آيو. هاڻي اهو نعرو صرف نعرو نه پر بين الاقوامي قانون بڻجي ويو. ان ئي قانون تحت لبيا تي سامراجي چڙهائي ڪئي وئي. ميڊيا کان ويندي لبرل دانشورن، مشهور فيلسوفن ۾ مقبول ٿي ويندڙ هي نعرو ڪيترو نه وٽندڙ ۽ فرحت بخش آهي! 1999 ۾ فرانس جي مشهور فيلسوف برنارد هينري- ليوي‘انسان دوست‘ فوجي ڪاروائيءَ کي ساراهيو هو، ساڳئي برنارڊ هينري-ليويءَ لبياجي شهر بن غازيءَ وڃي لبيا اندر نيٽو جي ’انسان دوست فوجي ڪاروائي‘ کي پڻ ساراهيو آهي.

لبيا اندر سامراجي فوجي جنگ کي ڪاميابيءَ سان ’انساني همدرديءَ جو مشن‘ ڪري پيش ڪيو ويو. سامراج سان گڏو گڏ اها سامراجي ميڊيا جي‘ نفسياتي ويڙهه‘ جي به فتح ڪري ليکڻ گهرجي! اها ٽين جنگ آهي جنهن جو جواز سڀ کان پهريان ميڊيا وسيلي جوڙيو ويو، ڪجهه ماڻهن جي مارجڻ کي ’انساني الميو‘ قرار ڏيندي نيٽو کي جنگ تي لاٿو ويو. پهريان يوگوسلاويه، پوءِ عراق ۽ هاڻي لبيا. ملڪن جي اندروني تضادن کي پنهنجن سامراجي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ سامراجي پاليسيءَ جو پراڻو باب آهي. جن تاريخ پڙهي آهي ۽ جن کي ويسر جو مرض ناهي وڪوڙي ويو تن کي ياد هوندو 1954 ۾ گوئٽامالا جي چونڊيل عوام دوست صدر هاڪوبو آربينز گزمان جڏهن آمريڪي مفادن کي ٺڏيندي، پنهنجي ملڪ جا وسيلا پنهنجي عوام تي خرچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته ڪيس هٽائڻ لاءِ آمريڪي سي.آءِ.اي جي ٽڏهوڪي ڊائريڪٽر ايلن ڊليز ’آزاديءَ جي فوج‘ لبريشن آرمي، تيار ڪئي. هاڪوبو آربانيز چونڊيل هو يا نه هو ان ڳالهه جو سامراجي جنگي مفادن تي ڪو به اثر ناهي پوندو (ان ڳالهه جو اثر صرف ۽ صرف لبرل ٻچاپڙن دانشورن تي پوندو آهي جيڪي سمورو وقت جهموريت، جهموريت ڪندا آهن). آربانيز جو ڏوهه اهو هو ته هن

ملڪ مان جاگيرداريءَ جو خاتمو ڪيو ۽ گوئيٽامالا ۾ سڀ کان وڏو جاگيردار آمريڪي ڪمپنيون هيون! اهڙي آمر کي ڪيئن برداشت ڪبو؟ سو تڙ تڪڙ ۾ لبريشن آرمي به ٺهي وئي، لبريشن ريڊيو به شروع ٿي ويو. ان ڪارِخير ۾ لاطيني آمريڪا جي آمريڪا نواز اصلي آمرن وڏي چڙهي بهرو ورتو جو هاڪوبو آربانيز جي پيدا ڪيل بيماري جلد ئي سموري خطي کي وڪوڙي وڃي ها! عظيم انقلابي اڳواڻ ڪامريڊ چي گويرا به ان وقت گوئيٽامالا ۾ هو ۽ پنهنجن اکين سان اهو سامراجي تماشو ڏسي رهيو هو. ان واقعي چي گويرا کي سامراجي ’آزادي‘ جو اصل مطلب سمجهايو. هاڪوبو آربانيز کي هٽائي ’آزادي جي ويڙهاڪن‘ کي حڪومت ڏني وئي جن ڪيترن ئي سالن تائين گوئيٽامالا ۾ قتلام ڪيو، قتل ٿيندڙن ۾ ترقي پسندن، ڪميونسٽن کان ويندي ريڊ انڊين به هئا. اهڙي قسم جو هڪ ٻيو واقعو ڪيوبا ۾ ٿيو. ڪيوبا جي انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ انقلاب کانپوءِ آمريڪا ڀڄي ويندڙ ڀاڄوڪڙ ڪيوبن جا عسڪري، دهشتگرد جٿا تيار ڪيا ويا هئا. 1961 ۾ کين تيار ڪري، ڪيوبا کي ’آزاد‘ ڪرائڻ لاءِ ڪيوبا جي هڪ علائقي پلايا گرون (بي آف پگس) تي لاٿو ويو. پنج آمريڪي جنگي بحري جهاز تيار بيٺا هئا ته جيئن ئي هي ’آزاديءَ جا جوڌا‘ اشارو ڪندا تيئن ئي ڪيوبا تي حملو ڪري ڏبو. سندن سرڪار کي ڪيوبا جي قانوني سرڪار جاٽائي سندن مدد واسطي آمريڪي عسڪري قوتن کي لاٿو ويندو. اهو منصوبو ڪامياب ٿي وڃي ها جيڪڏهن سي.آءِ.آي پاران تاتيل انهن ’آزاديءَ جي جوڌن‘ کي وقت ملي وڃي ها. پر ڪيوبا جي انقلابي اڳواڻن صرف ٽن ڏينهن اندر ئي کين مٽي چٽرائي ۽ آمريڪي بحري جنگي جهاز اشاري جو انتظار ئي ڪندا رهيا. ساڳئي طرح جي قزافي جون فوجون جلد ئي بن غازيءَ جي ’غازين‘ کي مات ڏئي وڃهن ها ته هوند اڄ لبيا جي شڪل ٻي هجي ها! اسان ڏٺو ته هڪڙن ملڪن ۾ سامراجي مداخلت ڪامياب ٿئي ٿي، جڏهن ته ٻين ۾ نه. ان جو اصل جواب ان ملڪ جي سياسي ڍانچي ۾ ڳولهڻ گهرجي.

سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ ڪيترن ئي اڳواڻن کي ’ايمان‘ ياد آيو. ڪي ته توبهه تائب ٿي عالمي آقا جا مڪمل مطيع ٿي ويهي رهيا ته ڪي وري آقا ڏانهن نرم رويو اختيار ڪرڻ لڳا (جيئن سنڌ ۾ به ٿيو. ڪن وڃي چلا ڪٽيا ته ڪن ڪامريڊ مائوزيتنگ کان بعيت واپس وٺندي جناح جي هٿ تي بعيت ڪئي). ڪرنل قذافي به سامراج ڏانهن نرم رويو رکڻ شروع ڪيو. ائين نه آهي ته هو سامراج تي يا سامراج هن تي اعتبار ٿي ڪيو، پر اڳوٽي لبيا ۾ پرڏيهين جي ڪم ڪار ۽ چرپر تي سخت نگراني هئي، فوجي قوت تي ڌيان ڏنو ويندو هو ۽ سامراج ائين سمجندو هو ته لبيا وٽ ايٽمي قوت آهي. معاشي پاليسين توڙي ملڪي معيشت تي رياست جو مڪمل ڪنٽرول هو. پوءِ سامراج سان ويجهڙائيءَ جي ڪري لبيا ۾ پرڏيهي ڪمپنين کي اچڻ جي ڇوٽ ڏني وئي، معاشي پاليسين تي رياست جي پڪڙ ڍري ڪئي وئي (قذافيءَ جو پٽ سيف الاسلام انهن سڌارن جو باني هو ۽ انهن سڌارن ۾ سندس ڀانهن ٻيلي ڪي ٻيا نه بلڪ اڄوڪي لبيائي حاڪمن مان به اهم ڪردار ۽ نيٽو جا پڳهاردار محمود جبرائيل ۽ يوسف ساواني آهن. انهن ٻنهي همراهن جو ڪم لبيا اندر مارڪيٽ اڪانامي کي نافذ ڪرڻ هو. نئين معاشي پاليسين سماج جي ڪن

حصن ڪي مراعتون ڏنيون ته وري ڪي حصا انهن مان متاثر به ٿيا. جن ڪي مراعتون مليون سي سڌارن جي سست رفتار کان چڙيل هئا ۽ هڪ ڏڪ سان ئي مارڪيٽ اڪانومي جا نفاذ جا حامي هئا (جيئن روس ۾ بورس يلسن ڪيو). پر قذافيءَ جي موجودگي معاشي سڌارن جي رفتار تي اثر انداز ٿي رهي هئي. لبيا تي نيٽو جي حملن کان ڪجهه وقت اڳ ۾ آمريڪي ڪمپنين کي قومي تحويل ۾ وٺي قذافيءَ جڻ انهن کي پيغام ڏئي ڇڏيو ته سندن خواهشن جو پورائو ايترو تڪڙو نه ٿي سگهندو. يوسف ساواني، جيڪو نيٽو جا حملا شروع ٿيڻ کان اڳ سيف الاسلام جي سڌارن واري اداري جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر هيو، تنهن ٽائيم ميگزين کي انٽرويو ڏيندي چيو ته ’سيف الاسلام گهٽو ڪجهه ڪري ٿي سگهيو، لڙائي شروع ٿيڻ کان 6 ڏينهن اڳ مون ڪيس صلاح ڏني ته پنهنجي پاڻ کي حڪومت کان مڪمل طور ڌار ڪري بيهاري، بغاوت ڪري ۽ پرڏيهه هليو وڃي. جي هو ائين ڪري ها ته لبيا جا ماڻهو سندس ٿورائتا هجن ها ۽ شاد هو نئين لبيا ۾ اهم رتبي تي هجي ها!‘. پڙهندڙ مطلب سمجهي ويا هوندا ته انهن لفظن جو ڪهڙو مطلب آهي. جيڪي به وقت تي قذافيءَ کي ڇڏي باغين (يعني لفظن ۾ نيٽو) سان شامل ٿين ها تن کي نئين لبيا اندر اهم رتبا ملن ها. سيف الاسلام ائين نه ڪيو. قذافي ۽ سندس پٽ کي پتو ئي نه پيو ته سامراج کي رام ڪرڻ واسطي هنن جن قوتن تان پنهنجي پڪڙ ڍري ڪئي آهي سي ڪيتريون نه طاقتور آهن! اڄ سيف الاسلام جيل ۾ آهي ۽ سندس ماضيءَ جا صلاحڪار لبيا تي حڪمراني ڪري رهيا آهن، سندس پيءَ ڪرنل قذافي ان ملڪ (فرانس) جي جنگي جهازن جي بمباريءَ جو نشانو بڻيو جنهن جي صدر نڪولس سرڪوزيءَ جي اليڪشن جا فنڊ هن فراهم ڪيا هئا!

نئين لبيا اندر ’ماٺار‘ بلڪل به نه آهي. انهن قوتن جن جا رسا قذافيءَ ڍرا ڪيا تن سندس اقتدار سميت عوام دوست لبيا جي به ٽڏا ويڙهه ڪري ڇڏي. اڄ ترپيوليءَ تي سيڪيولر نه پر القائدا جي اڳواڻ عبدل هاڪم بحلحاج عرف عبدل حاڪم ال هسديءَ جي حڪمراني آهي. هن همراهه جو قصو به نهايت دلچسپ آهي، جي اسان هن جي ڪهاڻي سمجهي ويا سين ته پوءِ اسان کي نيٽو جي ’انسان دوست فوجي مداخلت‘ جي ڪهاڻي به سمجهه ۾ اچي ويندي. همراهه اٽليءَ جي اخبار ’ايل سول‘ کي انٽرويو ڏيندي چيو ته هو لبيا مان پاڻ جلا وطن ٿيو هو. جڏهن هن کان سندس پاڻ هرتي جلاوطنيءَ جو سبب پڇيو ويو ته هن وراڻيو. ’لبيا ۾ اظهار جي، سوچ جي ڪا آزادي نه هئي!‘. واهه! مطلب ته اولهه جي صحافين کي اهو ئي ٻڌايو جيڪو هو ٻڌڻ چاهين ٿا! پوءِ ڪائنس سوال ڪيو ويو ته هو لبيا مان جلاوطن ٿي ڪيڏانهن ويو؟ هاڻي جيڪو ماڻهو اظهار جي، سوچ جي آزادي چاهيندو سو انهن ملڪن جو رخ ڪندو جن ۾ اهي موجود هجن جيئن اولهه يورپ، سويڊن، ڊينمارڪ، جرمني وغيرهه. پر ترسو! ڏسو ته اظهار جي، سوچ جي آزاديءَ جو ڪوڏيو هي جوان ڪهڙي ملڪ ڏانهن منهن ٿو ڪري. هي همراهه پيو ڪيڏانهن نه پر سعودي عرب ويو، جتان هو افغانستان پهتو! بيشڪ سعودي عرب ۽ طالبانن جو افغانستان دنيا اندر ’اظهار‘ ۽ ’ سوچ جي آزاديءَ‘ جا مظبوط قلعا آهن!؟ هي همراهه افغانستان ۾ هڪ ٻي ’انسان دوست، آزادي دوست، انقلاب دوست‘ تنظيم القائده ۾ شامل ٿيو . افغانستان تي آمريڪي حملي ڪانپوءِ

هي همراهه هڪ ٻئي ’عوام دوست‘ ملڪ (پاڪستان) پهتو جتان 2002 ۾ پشاور مان گرفتار ڪيو ويو. پاڪستان کيس آمريڪا جي حوالي ڪيو. آمريڪا کيس 2007 ۾ لبيا واپس موڪليو! ظاهر آهي ته هن ’انسان دوست‘، ’جمهوريت دوست‘، ’سوچ ۽ اظهار جي آزاديءَ جي ڪوڏئي‘، کي آمريڪا لبيا اندر گل پوکڻ لاءِ ته نه موڪليو هوندو! هن کي لبيا اندر ان ’انسان دوستي‘، ’جمهوريت‘، ’اظهار ۽ سوچ جي آزاديءَ‘ لاءِ ماحول تيار ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو جن جا نظارا هو سعودي عرب، افغانستان ۽ مشرف جي پاڪستان ۾ ڏسي آيو هو. هن همراهه جو چوڻ آهي ته ’اسان دهشتگرد نه آهيون، اسان سادا مسلمان آهيون!‘. هي همراهه اڄوڪي ٽريپولي شهر جو فوجي ڪمانڊر آهي. ان ڳالهه جو مطلب ڇا آهي؟ نيٽو طرفان ڪٽيل ’آزاد‘ لبيا جي حفاظت ڪندڙ هي همراهه پلي ’سادو‘ مسلمان هجي، پر اسان ايترا ’سادا‘ مسلمان نه آهيون جو هن تعلق کي نه سمجهي سگهون.



مهانگائيءَ خلاف پارٽيءَ جو مظاهرو

نظرياتي ادب

ڪميونسٽ پارٽي يونان جي
آمريڪي ڪميونسٽ پارٽي تي تنقيد

سنڌيڪار: عنايت خاصخيلي



(اشتراڪي روس جي خاتمي کان پوءِ ڪميونسٽ فڪر ۽ سياست ۾ تمام گهڻا موتمار لاڙا ترميم پسندي جي نالي ۾ آيا آهن. هي مضمون اهڙن ڪيترن ئي انقلاب دشمن رجحانن کي سمجهڻ ۾ مددي ثابت ٿيندو- ادارو)

ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جي ڪارڪنن، آمريڪا ۾ جدوجهد ڪندڙ مزدورن ۽ سڄي دنيا جي مزدور ۽ ڪميونسٽ پارٽين ڏانهن:

ڪامريڊ ساٿيو!

”پوليٽيڪل افيئرز“ رسالي جي فيبروري 2011ع واري شماري ۾ ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جي سرواڻ سيم ويب (Sam Web) جو مضمون ”ايڪويهين صديءَ جي سماجوادي پارٽي: نظريو، عمل ۽ بيهڪ“ ڇپيو. جيتوڻيڪ ذڪر هيٺ آرٽيڪل سان گڏ اداري پاران هڪ وضاحتي نوٽ پڻ ڏنل هيو. جنهن مطابق ”آرٽيڪل ۾ ظاهر ڪيل خيال ۽ اخذ ڪيل نتيجا، ليکڪ جي شخصي راءِ آهن ۽ ڪين ڪنهن به اداري، تنظيم يا سٽ جي راءِ نه سمجهيو وڃي.“ تنهن هوندي به ايتري اهم موضوع تي ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جي سرواڻ جي حيثيت ۾ سندس هيءَ سياسي نقطئه نظر نهايت اهم ۽ ڌيان طلب آهي.

ان ساڳي مضمون جي نسبت سان ئي ڪميونسٽ پارٽي يونان کي 16 فيبروري 2011ع تي پوليٽيڪل افيئرز رسالي جي ايڊيٽوريل ٽيم طرفان هڪ خط مليو جنهن ۾ اسان کان پنهنجو موقف رکڻ جي گهُر ڪئي وئي.

مٿي ذڪر ڪيل آرٽيڪل پڙهڻ ۽ سندس نتيجي ۾ نه صرف آمريڪا پر پوري دنيا جي ڪميونسٽ حلقن جو ردِعمل جانچڻ بعد، اسان جي پارٽي (ڪميونسٽ پارٽي يونان) بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ جو حصو هجڻ جي ناتي پنهنجو پاڻ کي ذميوار سمجهندي، هن خط ذريعي پنهنجو نقطئه نظر ۽ پارٽي پاليسي واضح ڪري ٿي.

اسان جو اندازو آهي ته ويجهي ماضيءَ ۾ ڪميونسٽ تحريڪ خلاف اُن منجهان ئي اهڙيون کي 29 کن نظرياتي جهلون ٿيون آهن، جن سڀني جو محرڪ نظرياتي مصلحت پسندي ۽ ابن الوقتي رهيو آهي. انهن سڀني نظرياتي حملن ۾ گهڻي ڀاڱي ڪميونسٽ تحريڪ جي نظرياتي اصولن ۽ انقلابي جدوجهد تي سوال اٿاريا ويا آهن، ايستائين جو انهن کي مڪمل طور تي حذف يا پوءِ تبديل ڪرڻ جي گهُر ڪئي وئي آهي. ڪميونسٽ پارٽي يونان، عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جو حصو هجڻ جي ناتي پنهنجو فرض سمجهي ٿي ته اهڙن ”نظرياتي ٽينگ ٽِپن“ کي ڪوڙو ۽ غير سائنسي ثابت ڪري، جيڪي آمريڪا ۾ مزدور طبقي جي نمائنده پارٽي جي ضرورت جو ئي انڪار ڪن ٿا ۽ اِن صورت ۾ اِهي عالمگير انقلابي تحريڪ ۽ سامراج مخالف جدوجهد جا وروڌي ۽ دشمن آهن.

ڪميونسٽ پارٽي يونان جي ارڙهين ڪانگريس ۾ پڻ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته مختلف سامراجي هٿڪنڊن جهڙوڪ ڪميونسٽ مخالف پروپيگنڊا ۽ بورجوا ميڊيا ذريعي ڪميونسٽ پارٽين تي نظرياتي، وار ڪري، ڪين ڪمزور بڻائي انقلاب ۽ ڪميونسٽ سماج لاءِ جدوجهد ڪرڻ بجاءِ ”سوشل ڊيموڪريسي“ جهڙي مصلحت پسنداڻي لائين تي لاهي اچڻ خلاف هر محاذ تي پير پُختا ڪري وڙهڻ جي شديد ضرورت آهي، جنهن جو هڪ ئي طريقو مزدور طبقي ۾ تحريڪ ۾ اُن لاءِ هر اول دستي جو ڪردار نڀائيندڙ ”مارڪسي-ليننيِ سوشلزم“ جي نظرياتي اصولن جو ڀرپور دفاع ڪرڻ آهي. خاص ڪري هاڻوڪي دور ۾ يورپي يونين توڙي باقي دنيا مان ٿيندڙ ڪميونزم مخالف نظرياتي حملن جي ڪري ان دفاعي عمل جي اهميت ويتر تمام گهڻي وڌي وئي آهي.

ڪامريڊ ساٿيو!

ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جي هاڻوڪي سربراهه پاران لکيل اهو مضمون گذريل ڏهاڪو کن سالن کان جاري ڪميونسٽ فلسفي ۾ ترميم پسنديءَ واري روش جي انتها آهي. ان سڄي عرصي ۾ ڪميونسٽ فلسفي ۾ ترميمن جون اهڙيون ڪوڙ ساريون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن جن کي يونان، آمريڪا توڙي سڄي دنيا جا ڪامريڊ ساٿي نهايت گهرائيءَ ۽ اچرج سان ڏسي ۽ جانچي رهيا آهن. اهڙين ئي ڪجهه ڪوششن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

★ ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جي نهايت اهم دستاويزن ۽ ڪتابن وغيره کي 2007ع ۾ سامراجين يعني بورجوا رياست آمريڪا جي سرڪار حوالي ڪرڻ.
★ کابي ڌُر جي اخبار (People's Weekly World) ۽ رسالي (Political Affairs) کي بند ڪري انهن جي بنيادي پاليسي لائين ئي مٽائي ڇڏڻ.
★ پارٽيءَ جو بي پاڙي بڻجڻ ۽ تنظيمي طور ڪمزور ٿيڻ.
★ ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جو آمريڪي بورجوا سياسي نظام جي به بنيادي ٽنهي منجهان هڪ يعني ”ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ“ جو پڇ لٽڪائو بنجي وڃڻ.
★ آمريڪي سامراجي جنگين جي مقصدن بابت اڻ چٽو هجڻ ۽ ڊرائتو موقف رکڻ. (مثال طور عراقي مان آمريڪي فوجين جي نيڪاليءَ جي گهُر کي رد ڪرڻ)
★ دمشق (شام) ۾ ٿيندڙ ڪميونسٽ ۽ ورڪرز پارٽين جي بين الاقوامي ۽ هنگامي اجلاس (جي آخر) ۾ گڏيل بيان جي رستا روڪ رکو اِن بنياد تي ڪرڻ ته ان ۾ موجود مشترڪه مطالبن ۾ هڪ مطالبو ”عراق منجهان آمريڪي فوجين جي جلد از جلد نيڪالي“ به هيو.

ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جي اهڙي مصلحت پسنداڻي/ ترميم پسنداڻي روش جي انتها اچي پارٽيءَ جي 29 ڪانگريس ڪانپوءِ ٿي. جنهن کان سُتت پوءِ ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جي سربراهه جو ”پوليٽيڪل افيئرز“ رسالي ۾ ذڪر هيٺ آيل خط هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت شايع ڪيو ويو، جنهن نه صرف پارٽيءَ جي نالي تي پر آمريڪا ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي هوند تي سوال پيدا ڪري ڇڏيا. اڄ ويب پليٽ فارم انهيءَ پوري عمل جي آخري صورت جي حيثيت ۾ اڳيان آيو آهي جيڪو مارڪسي ليننيِ ڪائناتي نقطئه نظر کي ڇڏڻ، جهموري مرڪزيت جي خاتمي ۽ نئين طرز جي پارٽي جي بنيادي

اصولن کي گهٽ اهميت ڏيڻ (جهڙن عملن) جي کلي تشهير ڪري ٿو. اسان چاهيون ٿا ته سندس نظرياتي موقف جي چند "ٺُلهن اکرن" جي چند ڇاڻ ڪري اوهان اڳيان پيش ڪريون.

پارٽيءَ جي نظريي جي سوال بابت

ويب جي خيال ۾ ڪميونسٽ/ مارڪسٽ نظريو هاڻوڪين حالتن ۾ عمل جوڳو ناهي رهيو. ان جي جاءِ تي ڏٺي هڪ نظرياتي ڪچٽي پيش ڪئي آهي جيڪا ننهن کان چوٽيءَ تائين لبرل بورجوا سوچ ۾ ٻڏل آهي. هُو انهن مارڪسي- ليننـي اصولن کي سڌي ريت نندي ٿو جيڪي حقيقت ۾ هڪ انقلابي پارٽي جي وجود ۽ سرگرميءَ جو تعين ڪن ٿا. جيئن لينن پڻ چيو آهي ته "انقلابي نظريي کانسواءِ انقلابي تحريڪ جو هجڻ ناممڪن آهي" (اهڙيءَ طرح) انقلابي تحريڪ ۾ هر اول دستي جو ڪردار صرف اُها ئي پارٽي ادا ڪري سگهي ٿي جيڪا جديد ترين نظريي سان ليس هُجي.

ليڪ ۽ سندس پليٽ فارم، ڪيترن ئي پراڻن (دقيانوسي) موقعي پرستاڻن نقطئه نظرن کي نئون ڪري اڳيان پيش ڪري ٿو. مثال "مارڪسزم- ليننزم اوپرو ۽ غير علاقائي/ ٻاهريون/ ڌاريو فڪر آهي." "جمهوريت مخالف آهي." يا وري اِهو ته "موجوده مارڪسزم صرف اسٽالن جو بگاڙ آهي، ٻيو ڪجهه نه" اهي ئي اُهي دليل آهن جيڪي مزدور تحريڪ کي نظرياتي بُحران ۾ وجهي، ٻي سَتو ۽ بي هٿيار بڻائي استحصالي نظام جي خونخوار چنبن حوالي ڪن ٿا.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سياسي پروگرام جي سوال بابت

ويب جو چوڻ آهي ته مزدور طبقي جا مسئلا سرمائيداري نظام اندر رهي به حل ڪري سگهجن ٿا. اهڙي نموني هو جڳ مشهور ڪوڪلن سرمائيداراڻين اصلاحن (Green Capitalist Restructuring) جي وڪالت ڪندي نظر اچي ٿو. ايستائين جو هُو تازي سرمائيداراڻي بحران کي واڌو پيداوار جو بُحران مڃڻ کان به عاري آهي ۽ پاڻ سرمائي جي ارتڪاز کي سيڙپڪاري جي موزون موقعن جي کوٽ سان ڳنڍي ٿو، هو "ارتڪاز" جي عمل جي حقيقي ڳُر کي بگاڙي ڇڏي ٿو. هو واضح لفظن ۾ چئي ٿو "عالمي سطح تي نيو گرين ڊيل (New Green Deal) معاهدو نه ٿي سگهڻ ڪري عالمي سيڙپڪاريءَ ۾ ڊگهي عرصي تائين مستقل واڌارو نه ٿيو پر صرف ترقيءَ جي موجوده شرح کي ڪجهه عرصي لاءِ سنڀالي بيهڻ ئي وڏو مسئلو آهي." ڪاٻي ڌر جي ڪجهه حلقن ۾ اِها موقعي پرستاڻي سوشل ڊيموڪريٽڪ لائين سرمائيداري نظام جي لاهن چاڙهن ۽ واري ڦيري سان ظاهر ٿيندي رهي آهي. جيڪا ڪاري سرمائي جي منهن تي چونو مَلي ڪيس اچو اُجرو ۽ قابل قبول بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، طبقاتي سوال جي حقيقي ڳُر کان لنوائي، ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پنهنجي بنيادي تاريخي مقصدن تان هٽائڻ لاءِ جتن ڪري ٿي ۾ مختلف لقائن جهڙوڪ ماحولياتي گدلاڻ کي مجموعي سرمائيداراڻي نظام جي تباهه ڪارين کان ڪٽي ڪري، ان نظام کي اخلاقي سگهه ۽ جواز بخشي ٿي. جڏهن ته اها سرمائيداري ئي آهي جيڪا فطرت کي به هڪ وکر بڻائي، ان کي تباهه و برباد ڪري رهي آهي.

سماجوادي (Socialist) نقطئه نظر جي سوال بابت

سيم ويب پنهنجي مضمون ۾ سوشلزم جي تحريڪ تان دستبردار ٿئي ٿو. سندس پوري پروگرام ۾ انقلاب جو ذڪر ئي ناهي. هو ڏاڪي به ڏاڪي سڌارن جي سلسليوار ۽ نه ختم ٿيندڙ ارتقا جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ وسيع تر اتحاد جي بنياد ۾ نه دوري حقيقتون آهن ۽ نه وري پورهيت

طبقي جا مفاد. اهڙي خيال جو مقصد پارٽيءَ کي عارضي ۽ تبديل ٿيندڙ حالتن جي دٻاءُ هيٺ گوڏا کوڙي مصلحت پسند بڻائڻ آهي نه کي پنهنجي سموري طاقت گڏ ڪري سرمائيداري نظام جي ئي پاڙ پٽڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ. جڏهن ته اسان اِهو چڱيءَ ريت ڄاڻون ٿا ته ڪميونسٽ پارٽي جون سموريون حڪمت عمليون، هميشه پارٽي جي بنيادي مقصد سان ٺهڪاءُ ۾ هونديون آهن. جيڪو سرمائيداري نظام کي ڊاهي پٽ ڪري هڪ سوشلسٽ- ڪميونسٽ سماج جوڙڻ آهي. هاڻي عمل جي ميدان ۾ ’ويب‘ جي نظرياتي بيهڪ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي بنيادي مقصد جو ئي انڪار آهي، ۽ سندس پهريون ۽ آخري مقصد ڪميونسٽ پارٽي جي بنيادي ڪردار کي ميساري ختم ڪرڻ آهي، جڏهن ته سرمائيداريءَ جي آخري ممڪن شڪل ”سامراجيت“ جي وجود ۾ اچڻ شرط ئي سندس ٽوڙ ”سوشلزم“ جي سوال جو هِن ڍهندڙ نظام جي هر منزل تي اُپري اچڻ لازمي آهي. سرمائيداراڻي نظام جا پئدا ڪيل عالمگير سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي مسئلا، معاشي بحران ۽ سامراجي جنگيون، ان استحصالي نظام جون بند گهٽيون آهن جن مان ٻاهر نڪرڻ جي وٽس ڪابه واهه ناهي ۽ جيڪي اڳي پوءِ سوشلزم- ڪميونزم جي ضروري ۽ وقتائتي هجڻ کي اظهارين ٿيون. هڪ ڪميونسٽ پارٽي سياسي اتحاد ضرور جوڙيندي پر اُن جو مقصد اتحادن جي ڪوڙڪين ۾ ڦاسي، سرمائيداراڻي نظام خلاف جنگ لاءِ ڪنهن خارجي طاقت ڏانهن واجهائڻ بدران عوام جي سڀ کان وڏي حصي يعني هيٺين پيڙهيل طبقي/ مزدور پرت کي پاڻ ۾ جوڙي پنهنجي سموري داخلي سگهه سموئي، انقلاب آڻي، مزدورن جي حڪومت قائم ڪرڻ هوندو.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جُڙت (Formation) جي سوال بابت

سيم ويب پنهنجي آرٽيڪل ۾ ڪميونسٽ پارٽين کان ٻاهر ۽ ’مٿانهين‘ سياست جي صلاح ڏني ٿو. سندس چوڻ آهي ته ”ايڪويهين صديءَ جي ڪميونسٽ پارٽي مارڪسزم کي اپنائيندي ضرور، پر هڪ وسيع نظرياتي بنياد طور نه ڪه ڪنهن سياسي پروگرام جي حيثيت ۾. اها پارٽي ڪميونسٽ تحريڪ جي دائرن منجهان نڪري ڪري، صرف مزدور پرت لاءِ جدوجهد ڪرڻ بجاءِ پوري قوم جا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندي. ويب جو اهڙو نقطئه نظر آمريڪا توڙي باقي دنيا ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي ضرورت جو ئي انڪار ڪري ٿو. ڪميونسٽ پارٽي يونان پڻ ويب جهڙن ڪئي نظريه دانن کي اڄ کان ويهه (20) سال اڳ منهن ڏنو، جيڪي گورباچيف جا نظرياتي مُريد هئا. اهڙن موقعي پرست ’نظرياتي لوٽن‘ کي منهن ڏيڻ ۾ ڪميونسٽ پارٽي يونان جي انقلابي، طبقاتي ۽ بين الاقوامي ڪردار کي بچائڻ لاءِ اسان کي ڏکهي ۽ اڻ ٽڪ جدوجهد ڪرڻي پئي. اڄ، ويهه ورهيه پوءِ، يونان توڙي باقي دنيا جا ڪميونسٽ ساٿي آسانيءَ سان اهو اندازو لڳائي سگهن ٿا ته ان جدوجهد ڪميونسٽ پارٽي يونان تي ڪهڙا مثبت اثر وڌا. ماڻهن ڏنو ته ڪميونسٽ پارٽي يونان پنهنجن پيرن تي اٿي بيٺي ۽ مارڪسي- لينني نظرئي تان هٽڻ بغير ئي موجوده دور جي چند منجهيل سياسي ۽ نظرياتي سوالن جا جواب ٺوس جدلياتي ۽ سائنسي بنيادن تي ڏنا. اِن مارڪسي- لينني نقطئه نظر جي بنياد تي پنهنجو نئون سياسي پروگرام ڏنو ۽ اُن ئي بنياد تي روس ۾ سوشلسٽ حڪومت جي ختم ٿيڻ جا ٺوس سائنسي سبب ڳولهيا. ڪميونسٽ پارٽي يونان ان سچي عرصي ۾

علاقائي توڙي بين الاقوامي سطح تي ڪميونسٽ پارٽين کي پاڻ ۾ جوڙڻ لاءِ مفيد ڪوششون وٺندي رهي ۽ ساڳي ئي وقت مزدور طبقي ۽ سماج جي ٻين پيڙهيل پرتن ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪندي رهي. ملڪ ۾ مختلف ٽريڊ يونين جي طبقاتي جدوجهد جي نئين سِر جوڙجڪ ڪري ۽ منجهن نئون روح ڦوڪي، ڪميونسٽ پارٽي يونان هڪ سگهاري پوزيشن ماڻي چُڪي آهي. جيڪڏهن ويهه سال اڳ ڪميونسٽ پارٽي يونان پارٽيءَ اندر موقعي پرستن کي شڪست نه ڏئي ها ته اڄ شايد انهن سڀني حاصلاتن منجهان هڪ به سندس نالي نه هجي ها، ڪميونسٽ پارٽي يونان زوال پذير ٿي ڪري ڊهي پٽ پئجي وڃي ها ۽ يونان ۾ عوامي/ طبقاتي جدوجهد پنهنجا هٿ پير وڃائي چُڪي هُجي ها.

نظرياتي جدوجهد بابت

ويب پنهنجي آرٽيڪل ۾ بورجوا نظرئي ۽ موقعي پرستيءَ خلاف جدوجهد کي نندي ٿو پر هو جنهن پارٽيءَ جو تصور ڏئي ٿو ان لاءِ لازمي آهي ته نظرياتي جدوجهد تان ئي هٿ ڪٽي وڃجي. هُو لکي ٿو ته "ايڪويهين صدي جي ڪميونسٽ پارٽي لبرل، سوشل ڊيموڪريٽ، شناخت جي سياست جي حامين (مثال طور: نسل پرست)، سماجي مسئلن تي سياست ڪندڙ ڌُرين، سماجي تنظيمن جي وفاق پرست توڙي ترقي پسند اڳواڻن ۽ پڻ اين جي اوز (NGOs) جي مخالفت نه ڪندي". پر اِهو ڪيئن ممڪن آهي ته هڪ ڪميونسٽ پارٽي پيڙهيل مزدور طبقي کي پنهنجي غلامي جو شعور ڏئي سگهي، جيستائين وٽس سرمائيداريءَ کي ئي آخري حل/ اڪسير سمجهندڙن ۽ سندس مڙني تضادن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني اندران ئي "ڇِتيون هڻي" ويلو ٽارڻ جي ڪوشش ڪندڙن خلاف ڪو مضبوط نظرياتي بنياد نه هُجي؟ ويب جي اهڙي موقعي پرستاڻي صلاح جو ڪميونسٽ پارٽي يونان وٽ بس ايترو ئي جواب آهي ته مزدور تحريڪ جو اڀرڻ ۽ ترقي ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي جيستائين منجهس اهڙن موقعي پرست ۽ غير سائنسي بورجوا خيالن خلاف ڪو مضبوط نظرياتي مورچو موجود نه آهي. اڄ جي دور ۾ اها حقيقت ويتر وڌيڪ زور سان اُڀري ظاهر ٿي آهي جتي معاشي توڙي انتظامي معاملن ۾ سامراجي ادارن جي ميراث اين جي او (NGO) سيڪٽر جي سامراج دوستيءَ جو ڳُر هاٿي بلڪل وائکو ٿي پيو آهي. اهڙي دور ۾ جتي سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومتون (جيڪي پنهنجن اعلان نامن ۾ سامراج مخالف آهن) اقتدار ۾ موجود آهن ۽ انهن پنهنجي عمل ذريعي اِهو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته اُهي دير سوير بورجوا سياسي نظام جون ساٿاري آهن. اهڙين حالتن ۾ ڪميونسٽ پارٽين کي پنهنجي سامراج مخالف ڪردار تان هٿ ڪڻڻ ته پري ڳالهه ويتر اُن تضاد کي اڃا به وڌيڪ تيز ۽ تِکو ڪرڻ واري جدوجهد جي ضرورت آهي.

تنظيمي موقعي پرستيءَ بابت

ويب مزدورن جي حقن لاءِ هر اول دستي طور سامراج مخالف جدوجهد ڪندڙ هڪ "ليني پارٽي/ تنظيم" کي نندي ٿو. هو هڪ ليني تنظيم جو انڪاري صرف ان ڪري آهي جو هو سوشلزم جو پڻ انڪاري آهي، ۽ سرمائيداري نظام کي بچائي رکڻ جي بورجوا ڪوشش ۾ هو انهن منافعي خورن جو ساٿي ٿي بيٺو آهي. ان ڪري هُن جي خيال ۾ جديد دور جي طاقتور ۽ تجربيڪار رياست خلاف جدوجهد ڪندڙ پارٽي لينن جي دور واري "ڪيڊر پارٽي" بجاءِ موجوده دور جي جديد ٽيڪنالاجي سان (انٽرنيٽ وغيره) ليس هڪ اهڙي پارٽي هوندي جنهن جا دروازا هڪ عام سماجي

تنظيم جيان هر ماڻهوءَ لاءِ کُليل هوندا ۽ منجهس ميمبر ٿيڻ يا کم کرڻ لاءِ کي وڏا ذهني ۽ جسماني کشالا ڪٽڻا نه پوندا. ان لاءِ اِهو سمجهڻ بلڪل آسان آهي ته هو ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ نه صرف لينن جي ٽڪيل توريل تنظيمي اصولن جو انڪاري آهي، پر هُو هڪ اهڙي ڪميونسٽ پارٽي چاهي ٿو جيڪا پنهنجي ڳر (Essence) ۾ هڪ اين جي او هُجي ۽ اهڙيءَ طرح ٽيچي ٽوڪجي، قابل قبول بڻجي، بورجوا نظام ۾ ضم ٿي وڃي ۽ سرمائيداري نظام کي ڊاهڻ بجاءِ اُن ۾ اصلاحن لاءِ ڪوشش ڪري.

پارٽي انقلابي هجڻ گهرجي يا اصلاحي؟

ڪميونسٽ پارٽي ۽ تبديلي جي نوعيت جهڙي بنيادي ۽ تاريخي سوال جو جواب ويب وٽ صرف اهو آهي ته جديد دور جي ڪميونسٽ پارٽي انقلابي نه پر اصلاحي (Reformist) هوندي. هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مزدورن ۽ پيڙهيل پرتن لاءِ جدوجهد ۾ اڳواٽيءَ واري ڪردار کان انڪار ڪري ٿو ۽ پارٽي جي پاليسي ۽ جدوجهد کي نظرياتي بنيادن تي بيهارڻ بجاءِ ڪين طبقاتي شعور جي بنهه هيٺين سطح- سطحي عوامي شعور جي تابع ڪري ٿو ڇڏي. هو لکي ٿو ته "ايڪويهين صدي جي ڪميونسٽ پارٽي جي جدوجهد انهن مسئلن جي حل لاءِ هوندي جيڪي عام عوام (هڪ نهايت منجهيل ۽ غير واضح اصطلاح) پاڻ طئي ڪندو." مٿئين بيان ۾ اصلاح پسند سياست ڪرڻ ۽ بورجوا رياست پاران جوڙيل ادارن ۾ ضم ٿي ڪم ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي آهي. سامراج اندر اصلاح لاءِ جدوجهد ويب جي 'نئين پارٽي' جي راهه نه پر منزل آهي. پر ڇا واقعي به حقيقت ۾ ڪڏهن ائين ٿيو آهي ته ڪٿي سرمائيداري نظام ۾ اصلاح جي ڪوشش سان ماڻهوءَ هٿان ماڻهو جو استحصال ختم ٿيو هجي؟ يا ڪڏهن مزدور جي ضرورتن ۽ خواهشن کي ڪا حقيقي مڃتا ملي هجي؟ درجي به درجي اصلاحن وارو نسخو ڪئي سوشل ڊيموڪريٽڪ ۽ Centre left حڪومتن طرفان آزمايو ويو پر عمل ۾ اهو هميشه سامراجي ادارن ٽوٽي جنگين جي حامي ۽ عوامي ٽوٽي مزدور دشمن پاليسين کي مڙهڻ لاءِ مُک اوزار ثابت ٿيندو رهيو آهي.

مارڪس کانسواءِ مارڪسزم

ويب بورجوا جمهوريت جي طبقاتي جوهر کي مڃڻ کان ئي انڪار ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته "آءٌ سوال ئي اُن سوچ تي ٿو اٿاريان جيڪا هر شيءِ کي طبقن جي اک سان ڏسي ٿي ۽ حالتن کان قطع نظر هر صورت ۽ هر دور ۾ طبقاتي جدوجهد جي حمايت ڪري ٿي." ۽ ائين هو بورجوا رياست آمريڪا جي هڪ هٽين (Monopolies) جي آمريت جي ڳر کي طبقاتي نه ٿو مڃي ۽ چئي ٿو ته "جدوجهد/ جهيڙو/ تضاد اصل ۾ عوام ۽ رياست جي وچ ۾ ناهي، بلڪ اصل ۾ اهو رياست اندر ۽ رياست کان ٻاهر ماڻهن جي وچ ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ ان کي پنهنجي مفاد ۾ استعمال ڪرڻ جو جهيڙو آهي." اهو جام پراڻو موقعي پرستاڻو جواز آهي جنهن کي مارڪس پاڻ پنهنجي دور ۾ ئي غلط ثابت ڪيو هيو، ۽ بعد ۾ اِن ئي جواز نظرياتي ڏيوالپڻي جو شڪار يورپي ڪميونسٽ لهر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پڻ جنم ورتو. تنهنڪري اسان لاءِ اهو طئي ڪرڻ بلڪل آسان آهي ته اهو "مارڪسزم" جنهن کي ويب پنهنجي 'ايڪويهين صديءَ جي جديد ڪميونسٽ پارٽي' جو نظرياتي بنياد سڏي ٿو ان جو خود مارڪس ۽ سندس نظرياتي ڪم سان ڪوئي واسطو ناهي. اهو صرف مارڪس جي نظرئي کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي مفاد ۾ استعمال ڪرڻ کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. سندس مقصد مارڪس جي نظرئي جي شڪل بگاڙي، ڪيس دفن

ڪري مزدورن کي دوکو ۽ فريب ڏيڻ آهي.

آمريڪي حڪومت ۽ سندس هڪ هٿين جي ڪردار بابت خلفشار

ويب جو تجزيو ماڻهن کي آمريڪي حڪومت بابت پُرفريب خواب ڏيکاري ٿو ۽ ڪين دوکي سان سامراجي دنيا جي سرواڻ آمريڪا جي جهوليءَ ۾ ڦٽو ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. هو لکي ٿو ”منهنجو چوڻ اهو آهي ته آمريڪي حڪومت رڳو پنهنجي ملڪي يا قومي خول ۾ ئي بانبڙا نه پائيندي رهي پر گهڻ قومي معاملن ۾ امن، برابري، سهڪار ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي پنهنجو پاڻ کي پرپور نموني اظهاري.“ ساڳي ئي وقت هُو سامراجي هڪ هٿين جي ”انسان دوست“ هجڻ جو ڪوڙو داستان پڻ ٻڌائي ٿو. سندس چوڻ آهي ته:

”بين الاقوامي ڪارپورريٽ طبقي جي وڏن حصن، آمريڪي عوام، معيشت ۽ رياست کان اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن..... انهيءَ طبقي جي اونچي پرت جو، عوام دوست سرڪاري شعبي، ترقي ڪندڙ گهرو معيشت ۽ جديد سماج سان ذميداراڻي تعلق جو خاتمو ٿي چڪو آهي.“

هاڻ جيئن ته ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جو سربراهه سيم ويب سماج جي طبقاتي سمجهه کان ئي انڪاري آهي، تنهنڪري سندس مٿيان خيال پڙهي اسان کي ڪا خاص حيراني نه ٿي ٿئي. سندس خيال نه صرف اُن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاريخ ۽ جدوجهد کان ڪٽيل آهن جنهن جو هو پاڻ اڳواڻ آهي، پر اهي زميني حقيقتن جي پڻ مخالف آهن. عراق ۽ افغانستان تي مستقل قبضو ۽ لبيا تي مڙهيل هاڻوڪي سامراجي جنگ مان چڱيءَ ريت واضح ٿئي ٿو ته پنهنجي قومي خول کان ٻاهر آمريڪي حڪومت جو ڪهڙو ڪردار آهي ۽ اِها حڪومت ملڪ اندر پڻ سامراجي هڪ هٿين جي مفادن جي بچاءُ ۽ پورائي لاءِ اهڙا ئي عوام دشمن عمل ڪندي رهي ٿي.

ڊيموڪريٽڪ پارٽي ”آمريڪا“ ۽ سرمائي جي خُفيه تقليد ڪندي اُن لاءِ راهه هموار ڪرڻ جي ڪوشش

ويب، سامراجيت ۽ معاشي ڏيوالپڻي جي هن دور ۾ سندن ڀيانڪ اثرن خلاف فطري سياسي مخالفت کي ”ساڄي ڌر جي بنياد پرستي“ سڏي ٿو. اهڙي اُبتي سوچ جي بنياد تي اخذ ڪيل نتيجا لازمي طور زميني حقيقتن ۽ سچ کان وانجهيل ئي هوندا. مثال طور سندس چوڻ آهي ته ”سال 2008ع واري اليڪشن ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي فتح آزادي جون نيون راهون کولي ڇڏيون آهن.“ ”ان فتح جي بنياد تي اسان اهو چئي سگهون ٿا ته توٽي جو تبديل ٿيندڙ حالتن ۾ ڊگهي مستقبل لاءِ ڪا دعويٰ ڪرڻ غلط هوندو تنهن هوندي به في الحال آمريڪا جي سياسي منظرنامي ۾ ڪابه آزاد ڌُر ڊيموڪريٽڪ پارٽي کي مات نه ٿي ڏئي سگهي.“ (آمريڪي) مزدور ۽ سندن تحريڪ کي (AFL-CIO) جي ٽريڊ يونين نوڪر شاهيءَ سان هڪ ڪري ڏيکارڻ واري حڪمت عملي، سرمائي جي وڏن شعبن سان سياسي اتحاد واري موقعي پرست لائين سان ٺهڪي بيهي ٿي.

ڪميونزم مخالف ڪيمپ ڏانهن قلابازي

ويب پنهنجي مضمون ۾ واضح نموني پيڙهيل پرتن جي طبقاتي دشمن سان ڌر بڻجي بيٺو آهي ۽ موجوده دور ۾ رياستي سطح جي ڪميونسٽ دشمني سان سڌي ريت پاڻهن ٻيلي ٿيو آهي. هو اعلانيه طور جوزف اسٽالن جي مخالفت ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ سويت يونين ۾ قائم ٿيل ان سوشلسٽ سماج تي گند اُڇلي ٿو جنهن سماج سوويت رياست اندر ماڻهن کي هڪ آدرشي دنيا قائم ڪري ڏني، جتي ڪين سڀ ڪجهه مليو پئي، جنهن جي بنياد

تي انهن ماڻهن گڏجي ڪري فاشزم کي شڪست فاش ڏني. (ويب يا ان جهڙن تجزيه دانن پاران پيش ڪيل) اهڙا نقطئه نظر پنهنجي جوهر ۾ حقيقت کي لڪائڻ جي هڪ چِسي ڪوشش آهن. جنهن ۾ هو اشتراڪي روس اندر طبقاتي جدوجهد جي پيچيده معامرن ۽ پورهيت طبقي جي اقتدار جو، ٻهراڙي جي بورجوا پرت (يعني ڪلاڪ) سان تضاد کان اکيون ٻوٽي ڇڏين ٿا. ويب جو مضمون پڻ انهن پيچيده ۽ منجهيل مسئلن (جهڙوڪ سوويت يونين ۾ طبقاتي تضاد) جي چِسي ۽ سطحي سمجهه تي مبني تجزيو آهي. ويب پنهنجي مضمون ۾ ڪميونزم مخالفت ۾ هڪڙو قدم اڳتي وڌي يورپي يونين جي مڙني ڪميونسٽ مخالف ليکڪن جهڙوڪ هيول (Havel) ۽ وليسا (Walesa) جي ان دعويٰ جي حمايت ڪري ٿو ته سوويت معاشرو انسانيت خلاف جُرمن جي داستان هيو. اهڙيءَ ريت ويب ڪميونسٽ پارٽين ۽ سوشلزم لاءِ تحريڪ ۽ سندن دفاع کي هڪ ”مجرماڻو عمل“ قرار ڏيندڙ لاڙي سان سهمت نظر اچي ٿو. هو چوي ٿو ”سوويت دور ۾ انسانيت خلاف ڪيل انهن جرمن کي محظ غلطي سڏڻ ئي غلطي آهي ۽ اهو رويو پڻ مجرماڻو آهي.“ اسان سڀ ڀلي ڀت ڄاڻون ٿا ته يورپ اندر موقعي پرستاڻي رجحان جي نمائندگي ڪندڙن، نام نهاد يورپين ليفٽ پارٽي (ELP) ئاهي، ساڳي غير تاريخي نقطئه نظر جي تشهير ڪئي ٿي.

<u>ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا جا ميمبر ۽ همدرد ڪامريڊئو ۽ سڄي آمريڪا جا باشعور مزدور ساٿيو!</u>

ڪميونسٽ پارٽي آمريڪا تي آيل هن ڏُکي ويل ۾ ڪيمونسٽ پارٽي يونان توهان کي ياد ڏيارڻ گهري ٿي ته جديد ۽ سائنسي بنيادن تي جڙيل پارٽي (ڪميونسٽ پارٽي) جي سڃاڻپ، ڪردار ۽ تنظيمي جوڙجڪ جي اصولن تي اهڙا بزدلاڻا حملا سندس جڙڻ شرط ئي شروع ڪيا ويا هئا. ترميم پسندن بورجوا سماج لاءِ ڇپر جي ٽوٽي وارو ڪردار ادا ڪندي مزدورن ۽ پيڙهيل پرتن لاءِ جدوجهد ڪندڙ هِن پارٽيءَ کي هميشه ٽوڙڻ ۽ نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بورجوا طبقي ۽ سندن حامين کي شروع کان وٺي مزدورن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سياسي ڪردار جو اندازو رهيو آهي. تنهن ڪري ئي سندس ابتدا کان ئي شروع ٿيندڙ نظرياتي مخالفت اڄ به ويب يا اهڙن ٻين نظرياتي موقعي پرستن جي اهڙن تجزين ۾ پنهنجو پاڻ اظهاري ٿي. اسان اهو واضح ڪرڻ گهرون ٿا ته هڪ ڪميونسٽ پارٽي مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد ۾ هر اول دستي وارو ڪردار صرف ۽ صرف ان صورت ۾ ادا ڪري سگهي ٿي، جڏهن وٽس ارادي، عمل ۽ اصول جي هيڪڙائي هُجي. اها ئي هيڪڙائي ان تحريڪ کي بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ جو اَٽٽ حصو بڻائي ٿي. عمل ۽ تجربي جي ساهمي تي ئي سچ جي تورتڪ ٿئي ٿي ۽ تجربو گواهه آهي ته انقلابي جدوجهد جي هن راهه ۾ (ڪميونسٽ پارٽيءَ) عوام ۾ لهي ڪم ڪرڻ تي روڪ رنڊڪ ته نهيو، ويتر منجهس ان ڳالهه جي اهميت ۽ افاديت تي انتهائي زور پريو ويو آهي. اها ئي اُها پارٽي آهي جيڪا پيڙهيل مزدور پرت جي مايوس دلين ۾ اميد جي لاٽ ٻاري ٿي، ڪين سندن مونجهارن مان نڪرڻ لاءِ راهه ڏسي ٿي ۽ سماج ۾ طاقت جي توازن تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. سرمائيداريءَ جي خاتمي لاءِ اجتماعي جدوجهد جي بنياد تي بين الاقوامي اتحاد جوڙڻ لاءِ ”هر پارٽيءَ جو

بغير ڪنهن اثر يا زور بار جي آزاد عمل” بنيادي اصول هوندو.

اسان هتي اِهو واضح ڪرڻ پڻ تمام ضروري سمجهون ٿا ته سوشلسٽ انقلاب يا ڪميونسٽ سماجي- معاشي جوڙجڪ جي ضرورت يا مطالبو صرف سياسي طاقت جو توازن پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ نه آهي. بلڪه سندس بنيادي مقصد سرمائي ۽ محنت (ليبر) جي وچ ۾ بنيادي تاريخي تضاد ڪي حل ڪرڻ آهي. روس توڙي ٻين ملڪن ۾ پئدا ٿيل رد انقلابن موجوده دور جي سرمائيداريءَ ڪان اشتراڪيت ڏانهن لازمي تبديلي واري ڪردار ڪي تبديل ناهي ڪيو. استحصالي نظام پاران پئدا ڪيل مسئلن جي ڪري پيڙهجندڙ لکين مزدورن ۽ بيروزگارن جي پيڙاءُ جو نُوحا ان تبديليءَ ڪي اٿڙ ۽ بنهه وقتائتو بڻايو ڇڏين. اسان سمجهئون ٿا ته قومي خصلت جي نالي ۾ مارڪسزم- ليننزم جي بنيادي اصولن جي جاءِ تي ترميم پسنداڻا لاڙا متعارف ڪرائڻ واري روش ڪميونسٽ تحريڪ ڪي وڏو نقصان پهچايو آهي ۽ هينئر تائين پهچائي پئي. ڪابه قومي خصلت، انقلاب ذريعي سرمائيداريءَ جي پاڙ پٽي ڪيس ٻاهر ڦٽو ڪرڻ، مزدورن جي سياسي طاقت حاصل ڪرڻ، پئداوار جي سماج ۾ برابر ورهاست ۽ مرڪزي منصوبابندي ڪان انڪار نه ٿي ڪري سگهي. سرمائيدار دنيا ۾ آيل معاشي بحران ۽ سامراج جي اندروني تضادن جي وڌيڪ تيز ۽ تِکي ٿي وڃڻ ڪري سوشلزم ئي موجوده دور جي مسئلن جو آخري ۽ وقتائتو حل بڻجي ويو آهي. اهڙي صورت ۾ اها ڳالهه ويتر وڌيڪ اهم بڻجي وئي آهي ته ڪميونزم خلاف روز نت نئين رياستي مخالفت ڪي مضبوط نظرياتي بنيادن سان منهن ڏجي، حقيقي سوشلزم ۽ مزدورن جي عالمگير تحريڪ ۾ اُن جي اڻ مِٽ ڪردار جو پرپور دفاع ڪجي ۽ ڪميونسٽ تحريڪ اندر حقيقي انقلابي لاڙن جي پرک ڪجي.

<u>ڪامريڊ ساٿيو</u>

تاريخ جي ترقيءَ ۽ تجربي مارڪسزم خلاف باهوڙ مچائيندڙ، ”تاريخ جو انت ٿي ويو“، ’مارڪسزم- لیننزم اڄ جي دور ۾ مُدي خارج بڻجي چُڪا آهن.‘ يا پوءِ ’مارڪسوادي پارٽيون پنهنجي موت پاڻ مري ويون.‘ جهڙيون دعوائون ڪندڙ دعويدارن جا وات بند ڪري ڇڏيا آهن. ان جي ابتڙ، هِن دور ۾ مارڪسزم- ليننزم ۽ پورهيت بين الاقواميت ۾ يقين رکندڙ، مِلن، ڪارخانن ۽ اتي ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ مضبوط ۽ پختيون پاڙون رکندڙ، ڪميونسٽ پارٽين جي اهميت ۽ ضرورت ويتر وڌي وئي آهي. مزدور جدوجهد کي اهڙين حالتن ۾ نهايت چندي ڦوڪي پير ڪٽڻا پوندا ۽ مزدورن لاءِ هڪ انقلابي پارٽي جي ضرورت جو انڪار ڪندڙ هر سوچ سان جهيڙو جوٽڻو پوندو. هِن ڏکي ويل اِها اهم ذميواري سڄي دنيا جي ڪميونسٽن، اعليٰ ذهن رکندڙ ڪارڪنن ۽ سيني ڪان وڌيڪ خود ڪميونسٽ توڙي مزدور جدوجهد وارو تاريخي ڪردار، اهڙي موقعي پرستاڻي سوچ جي انڪار ۽ ساٽس مسلسل جنگ جي گهُر ڪري ٿو. آمريڪي سماج توڙي اتان جي مزدور تحريڪ ۾ ڪميونزم جي انقلابي اصولن ڪي ٻيهر زنده ڪرڻ لاءِ اها جدوجهد جي حد ضروري آهي.

هڪ انقلابي پارٽي ڇا هوندي آهي؟؟

<u>*نثار لغاري*</u>

هڪ پارٽي ڇا آهي؟ ۽ حڪمران طبقن جي پارٽين توڙي انقلابي ۽ غير انقلابي پارٽين ۾ ڪهڙو فرق آهي؟؟ اهو سوال اڄ اسان جي سماج جو اهم ترين سوال آهي ڇو ته هڪ طرف پاڪستان جي فوجي رياستي ڍانچي ۾ بورجوا جمهوريت جي لڙائي هلندي رهي آهي ته ٻئي طرف قومي آزادي، قومي حقن، طبقاتي لڙائي، ترقي پسند سيڪيولر قوتن جي ويڙهه پڻ ٿيندي رهي آهي. هنن سيني لڙاين ۽ محرڪن ۾ آخري نتيجي ۾ فوجي حڪمران طبقن ۽ انهن جي آقا آمريڪا فتح حاصل ڪئي آهي. ائين ناهي ته عوام ڪي فتحون حاصل نه ڪيون آهن پر اهي حاصل ڪرڻ کان پوءِ عوام انهن کي برقرار ناهي رکي سگهيو ان جو اهم ترين سبب پاڪستاني رياست جهڙي منظم، مربوط حڪومتي فوجي مشينري جي اڳيان عوام وٽ اهڙي منظم مربوط مشينري يعني پارٽي نه هجڻ آهي. هڪ منظم ۽ مضبوط پارٽي ئي سماج کي، رياست کي عوام جي، مظلوم ۽ محڪوم طبقن ۽ قومن جي حق ۾ تبديل ڪري سگهندي آهي. ڇو ته اڄ جي سماج ۾ پارٽي کان بغير پنهنجي قوت ايتري ناهي هوندي جو اهو مربوط، منظم فوج توڙي عدليا، ميڊيا، بيورو ڪريسي ۽ ٻين رياستي ادارن کي منهن ڏئي سگهي. هڪ انقلابي منظم پارٽي ئي هڪ منظم رياست ۽ ان جي مڙني ادارن جو ٽوڙ هوندي آهي.

1917ع ۾ آڪٽوبر انقلاب کان اڳ ۾ روس جي عوام ۽ سماج جي صورتحال، ۾ اهم ترين معاملو جيڪو عوام جي خلاف رهيو اُهو هو مظلوم عوام جي حقن جي ترجماني نه ڪري سگهندڙ پارٽي. روس ۾ ڏگهي زار شاهي بادشاهت کي ڏاهڻ لاءِ عوام جي طرفان تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون ويون پر اهي ڪوششون هميشه ناڪام ويون هيون پر روس ۾ جڏهن رياست جو متبادل مضبوط ڪيڊر پارٽي "بالشويڪ پارٽي" جنم ورتو ته حڪمران طبقي جو هر حربو ناڪام ٿي ويو.

پاڪستان ۾ به جمهوريت جي واڌ ويجهه نه ٿيڻ، مظلوم قومن جي حقن تي راتاها، پورهيت طبقي جي خلاف ظلم، هي سڀ معاملا هڪ مضبوط عوام دوست جمهوري، طبقاتي حقن جي ترجمان پارٽي جي نه هجڻ يا انتهائي ڪمزور هجڻ سبب ٿيا آهن.

سرمائيداري نظام جي اچڻ ۽ پوءِ فرينچ انقلاب جهڙي بورجوا جمهوري انقلاب کان اڳ چونڊيل نمائندن، حڪمرانن جو تصور، پارليامينٽ ۽ جمهوريت جو ڪو وجود نه هو، اهڙا خيال ڪنهن نه ڪنهن يوٽوپيا جي صورت ۾ ته موجود هئا پر اهي عملي روپ کان پري هئا. پارٽي جو تصور ته فرينچ انقلاب کان به گهڻو پوءِ جو آهي. ايتري قدر جو 1848ع ۾ ڪميونسٽ ليگ جو پروگرام يا پڙرنامو جيڪو "ڪيمونسٽ پڙرنامي" طور مشهور ٿيو ان ۾ مارڪس ۽ اينگلس پارٽيءَ جو ذڪر نه ڪيو هو. هنن اهو لکيو هو ته "پورهيت طبقي جي آزادي سندن پنهنجو ڪم آهي." هن وقت به انهيءَ نعري يا خيال کي ڪٽي اسان جا ٽراٽسڪائيسٽ دوست لينن جي پارٽي واري تصور کي رد ڪن ٿا. هو پورهيت طبقي جي ڌار پارٽي ناهڻ کان انڪار ڪن ٿا.

پارٽي جو ليننی تصور

تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ انقلابي پارٽي يعني اهڙي پارٽي جيڪا سماج جي ڪايا پلٽ ڪري، جو خاڪو ڪامريڊ لينن

ڏنو ۽ نه فقط خاڪو پيش ڪيو پر اهڙي قسم جي پارٽي پڻ ٺاهي انقلاب برپا ڪري ڏيکاريائين.

ڪامريڊ لينن چيو ته ڪامريڊ ڪارل مارڪس ۽ اينگلس پنهنجي ابتدائي خيال ۾ درست هئا ۽ آهن ته پورهيت طبقي جي نجات سندن پنهنجو ڪم آهي پر طبقاتي سماج ۾ سماج جي جديد بنجڻ ڪانپوءِ ان جو سمورو علم قانون، ڏاهپ، سائنس، فلسفو رياست ۽ ان جي ادارن جي ڄاڻ جو علم پورهيت طبقي وٽ ناهي. انڪري پورهيت طبقو سواءِ يونين ٺاهي هڙتال ڪرڻ ۽ ڪجهه مراعتون وٺڻ جي سماج کي مڪمل طرح تبديل ڪرڻ واري لڙائي فقط پاڻ نٿو وڙهي سگهي. انهيءَ سماجي تبديليءَ لاءِ، انقلاب لاءِ پيشه ور انقلابين Professional Revolutnaries جي ضرورت آهي. ڪيڊر پارٽي جيڪا رياست جي اندر هڪ رياست هجي. ان جا پنهنجا نظرياتي، سياسي ادارا هجن. متبادل ميڊيا هجي. اهڙي منظم نظرياتي ۽ واضح پروگرام واري پارٽي ئي انقلاب آڻي سگهندي. باقي ٻي اهڙي پارٽي جيڪا تنظيمي ۽ نظرياتي توڙي عملي طرح منظم نه آهي اها انقلاب ته ڇا پر سماج ۾ بهتر، مثبت تبديليون آڻي سگهڻ جي اهل به نه هوندي.

زمرود ڪانگريس جنهن ۾ روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي (R.S.D.L.P) ٻن ڌڙن بالشويڪ ۽ منشويڪ وچ ۾ تقسيم ٿي وئي هئي، اختلاف جو هڪ اهم نقطو پارٽي جي ميمبر ٿيڻ وارو معاملو پڻ هو. لينن جو خيال هو ته پارٽي جو ميمبر اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو مارڪسي انقلابي فڪر کان واقف هجي. پارٽي کي باقاعده فنڊ ڏي ۽ پارٽي جي ڪنهن نه ڪنهن محاذ تي سرگرم هجي. جيڪڏهن ڪو ڪارڪن هنن اصولن تي ڪاربند نه آهي ته ان کي پارٽي مان ٻاهر ڪڍي ڇڏجي اهو همدرد ته ٿي سگهي ٿو پر ميمبر نه!! هڪ ٻي جاءِ تي لينن انٽرويو ۾ چيو آهي ته پارٽي نظريي جي تجسيم آهي نظريي ڪانسواءِ پارٽي روح ڪانسواءِ جسم آهي. سندس بقول ته صرف مارڪسزم ئي سائنسي نظريو آهي.

حقيقت اها آهي ته ڪامريڊ لينن جو پارٽي تصور ئي هو جنهن بالشويڪ پارٽي جو روپ ڌاري آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب برپا ڪيو.

پارٽي جو بورجوا يا عمومي تصور يا وصف اها آهي ته ماڻهن جو هڪ گروهه جيڪو هڪجهڙا خيال رکندو هجي ۽ سماج ۾ انهن کي لاڳو ڪرڻ چاهيندو هجي. هي وصف اسان عام طرح حڪمران طبقن جي پارٽين ۾ ڏسون ٿا. حڪمران طبقا ۽ انهن جي سياست توڙي پارٽيون عوام جي حڪومت، عوام جي حڪمراني عوام جا حق جي نالي ۾ گمراهه ڪندڙ نعرا هڻي. جاگيردارن، وڏيرن، سرمايدارن ۽ خود فوج جنهن جا جرنل ۽ ڪرنل ڪروڙ پتي آهن انهن جي گڏيل مفادن جي نگهباني ڪندا آهن. عالمي سامراجي قوتن سان ٺاهه ڪري، لکين ڪروڙين عوام خلاف معاهدا ڪري انهيءَ کي مفاهمت جو نالو ڏيندا آهن.

”پورهيت، مظلوم ۽ محڪوم طبقن جي پارٽي پنهنجو واضح پروگرام ڏيندي آهي ته اُها سرمايدارن، جاگيردارن، وڏيرن ۽ انهن جي آقا عالمي سامراج خلاف اعلان جنگ ڪري ٿي. پورهيت طبقي جي حقيقي پارٽي اُها هوندي آهي جيڪا واضح طرح پنهنجو عملي پروگرام ڏي“ (لينن) اسان وٽ ڪي نام نهاد انقلابي پارٽيون پڻ آهن جيڪي اهو چونديون آهن ته اسان جو مقصد انقلاب آهي، سوشلزم آهي باقي ٺوس پروگرام نه ڏينديون. هڪ انقلابي پارٽي پورهيت طبقي جي مفادن جي مڪمل طرح نگهباني ڪندڙ، انهن مفادن جي حاصلات لاءِ وڙهندڙ پارٽي هوندي آهي جيڪي مجموعي ريت

انسانيت جي نجات جو سبب بڻجن.

پارٽيءَ بابت لينني تصور تي حملا

تاريخ جو اهو عجيب اتفاق آهي ته ڪامريڊ لينن جي پارٽي ماڊل، اُن ۾ جمهوري مرڪزيت (يعني هيٺيان کان تنقيدي راءِ کي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ تائين پهچائڻ ۽ مرڪز جي فيصلي کي هيٺ تائين لاهي عمل ڪرائڻ) پورهيت طبقي جي آمريت جيڪا حقيقي معنيٰ ۾ جمهوريت هوندي ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي معاملن تي سرمايداري نظام جي حامي دانشورن ته گهڻ حملا ڪيا آهن يا گهڻ نقصان پهچايو آهي پر خود روسي انقلاب ۾ ڪردار ادا ڪندڙ ٽراٽسڪيءَ ۽ پوءِ سندس پوئلڳن لينن جي پارٽي ماڊل تي وڏا حملا ڪيا آهن. ٽراٽسڪائيٽن موجب ڊسپلن پارٽي ناهڻ آمريت آهي. ايتري قدر جو هو تحليل پسند (Liquidator) ٿيندي اهو چوندا آهن ته بس ماڻهن ۾ هلو ماڻهن جي خودرو تحريڪن ۾ هلو پارٽي ناهڻ جي ضرورت نه آهي. اُهي پاڻ ئي انقلاب برپا ڪندا. ڪي وري (Interism) مداخلت واري حڪمت عمليءَ تحت مختلف بورجوا حڪمران طبقن جي پاپولر پارٽين ۾ وڃي ڪم ڪندا آهن ۽ اهو سمجهندا آهن ته اسان انقلاب آڻي رهيا آهيون. اهڙيءَ ريت هو لينن واري دور جي سماجي جمهوريت پسندي کان به ٻه تي قدم پوئتي هليا ويندا آهن.

ٽراٽسڪائيٽ لينن جي تصور وارين ڪميونسٽ پارٽين تي آمريت جي فتويٰ صادر ڪندا آهن پر پاڻ سرمايدارن، جاگيردارن ۽ وڏيرن جي سخت گير بورجوا آمريتي پارٽين ۾ ڪم ڪرڻ واري عمل کي چاهه سان قبول ڪندا آهن پوءِ اُها ٽوني بليئر جي ليبر پارٽي يا ڀٽو خاندان جي ”پاپولر“ پيپلز پارٽي ڇو نه هجي!!!

هڪ انقلابي پارٽي زنده جسم جيان هوندي آهي جيڪا متحرڪ هوندي آهي جيڪڏهن اها جمود جو شڪار ٿي ته ان جي مرڻ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي. دنيا جون وڏيون وڏيون پارٽيون ختم ٿي ويون. هڪ انقلابي پارٽي جيڪڏهن پنهنجي مقصد، وقت جي عظيم ضرورت ۽ مجموعي طرح انقلابي پيش قدمي تان هٽ ڪٽي وڃي ته اها به هڪ اصلاح پسند سرمايداري نظام جي حامي پارٽي بڻجي ويندي. اڄ هندستان جي ٻن وڏين ڪميونسٽ پارٽين جي اها صورتحال آهي جو اهي پارلياماني بورجوا جمهوري نظام جو حصو بڻجي پنهنجي انقلابي منزل وڃائي ويهي رهيون آهن. اهو ئي سبب آهي جنهن جي ڪري نڪسلائيٽ تحريڪ هن وقت هندستان ۾ تيزي سان اُڀري رهي آهي.

ڪجهه انقلابي ڪارڪن ۽ ڪم بابت

ڪامريڊ لينن پنهنجي ڪتاب ”کاٻي ڌر جي ٻاراڻي بيماري“ ۾ لکي ٿو ته هڪ انقلابي پارٽي جو ڪارڪن جيستائين نظريي، جرئت ۽ همت سان گڏ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندو ته اهو انقلاب نه آڻي سگهندو. اسان جي ويجهو اهڙا ماڻهو به هوندا آهن جيڪي پارٽي ميمبر هوندا آهن. نظريي جي به خبر هوندي اٿن ۽ پارٽي ۾ مرضي مطابق ڊسيپلين کان سواءِ باقي ڪمن کان بچي ويل وقت ۾ پارٽي جو ڪم ڪندا آهن يا وري انهن جو فرمائشي پروگرام هوندو آهي ته هي، هيءَ حالتون هجن ته آئون ڪم ڪريان. پارٽي ڊسيپلين جي پڪڙ ڪندا ۽ قيادت ۾ هوندي غلط فيصلا ڪندا يا وري ذات ۾ انجمن ٿي پارٽي جي مٿان پنهنجي ذاتي مرضي مڙهڻ شروع ڪندا. اِهي سڀ خطرناڪ رجحان آهن جن خلاف پارٽي جي انقلابي ڪارڪنن کي هر وقت ويڙهه ۾ رهڻ گهرجي.

ڪامريڊ لينن پنهنجي هڪ مضمون ۾ روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي کي منظم ۽ مربوط ڪرڻ لاءِ پارٽي اخبار کي اهم ترين ذريعو ڄاڻائي ٿو، هُن موجب جيستائين پارٽي آرگن نه آهي ته ڇڻ تنظيم نه آهي. پرچو نظرياتي، عملي هم آهنگي پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجندو آهي. حڪمران طبقي جي پروپيگنڊا جي اڳيان متبادل نظرياتي هٿيار هوندا آهن. انڪري هڪ انقلابي پارٽي تعمير ڪرڻ لاءِ هڪ انقلابي اخبار، نظرياتي لڏي جي ضرورت جو پوراءُ اولين فرض آهي.

اسان وٽ سنڌ ۾ ۽ ٻين جڳهن تي اهو عام ڪلچر ٿي ويو آهي ته پارٽي ڪم معنيٰ چاڪنگ ڪرڻ، جهنڊا هڻڻ، ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ، مظاهرو ڪرڻ، پمفليٽ لکي ورهائڻ وغيره. اسان وٽ قومپرست ڌريون انهيءَ محدود دائري ۾ ڪارڪنن جون زندگيون ڳاريو ڇڏين. يقينن هي به پارٽي ڪم آهي پر هر هڪ ڪارڪن کي نظرياتي تربيت ڏيڻ. ان کي پنهنجي دور جي اهم تضادن ۽ انهن بابت پارٽي پاليسي ۾ شعوري طور شامل ڪرڻ، هڪ مڪمل پارٽيءَ جي زندگيءَ فراهم ڪرڻ جو عمل به پارٽي جو حصو آهي. ڪامريڊ لينن چوندو هو ته اسين اصلاح پسند نه پر انقلابي آهيون پر ان جو هرگز اهو مطلب نه آهي ته اسين سماج ۾ ڪا اصلاح چاهيون ئي نٿا. حقيقت اها آهي ته جڏهن انقلابي پنهنجي تنظيم ۽ نظريي کي ڪنهن علائقي يا شهر ۾ گهڻو مقبول ۽ پاپولر ڪري ويندا آهن ته اُتي حڪمران طبقن جا ماڻهو، رياست، پوليس اصلاح تي لهي ايندي آهي ته جيئن انقلابين جو اثر گهٽي تيزي سان ڦهلجي نه سگهي. اسان جو ذاتي تجربو اهو ٻڌائي ٿو ته اسان حيدرآباد تعلقي جي يوسي مسوپرڳڙي ۾ واٽڪي وسي ۾ انقلابي طور هوڙي ذاتي واري جهندي سان جڏهن ڪم ڪريون ٿا، بلدياتي اليڪشن ۾ وجون ٿا ته رياست، حڪمران طبقا ۽ مقامي وڏيرا هڪ طرف لهرائيندي عوام کي ڪجهه رليف ڏين ٿا ۽ ٻئي طرف وري انقلابي ڪارڪنن کي هر حيلي بهاني سان سوڙهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪامريڊ بخشل ٿلهي عاصم آخوند بابت هڪ مضمون ۾ لکيو هو ته سنڌ يونيورسٽي ۽ گهر توڙي حيدرآباد جون هوٽلون عاصم جي فڪري عمل جو ميدان هيون ۽ واٽڪي وسيءَ ۾ هو انهيءَ فڪر تحت تجربا ڪندو هو. مارڪسي نظريي جي ليبارٽري واٽڪي وسي هئي. اهڙي ريت خود ڪامريڊ عاصم آخوند جي نظريي ۽ عمل جي هن مثال مان هڪ ڪارڪن يعني انقلابي ڪارڪن جي وصف بيان ٿي وڃي ٿي.

ڏکين حالتن ۾ به نظرئي ۽ عمل يعني نظرياتي عمل سان سرشار ماڻهو انقلابي ڪارڪن بڻجي سگهي ٿو. ڪارڪن جي پوري پارٽيءَ جي عمل/ نظرياتي ۽ انقلابي سائنس تحت ترتيب ڏنل حڪمت عمليءُ تي گهري نظر هجڻ گهرجي. اها گهري نظر ۽ تنظيم کي هڪ زنده جسم جيان متحرڪ ڏسندي دور انديشي وارو فهم هڪ حقيقي ڪارڪن جي تجسيم ڪري ٿو.

راڳن بابت پراڻو عقيداڻو تصور

سڪندر ساگر پنهيار

ماضي جي هر دور ۾ انسان جڏهن پنهنجي عمل ۽ علم سان معامرا نه سمجهي سگهيو تڏهن اُن پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪي انومان جوڙيا ۽ ڪٿي ڪٿي ته تحقيق جي جاءِ تي يقين کي فوقيت ڏني آهي، اهو ئي طريقو انسان پنهنجي شعور جي ارتقائي مرحلي جي شروعاتي ڏاڪن ۾ اختيار ڪيو، ساڳي عقيدت پرستي واري نظريي هيٺ راڳ اسريا. راڳ جي انهيءَ نظريي جي پيڙهه پختي ڪرڻ لاءِ پنڊتن ۽ پاڻڪن انهيءَ ويساهه جو بنياد وڌو ته راڳ ديوتائن، ديون، رشين، منين ايجاد ڪيو جو پوءِ اِهو پوتر راڳ پنڊتن ۽ پاڻڪن ذريعي ٻين تائين پهتو. اهڙي طرح ڪن راڳ کي "شِو" جو پيدا ڪيل تسليم ڪيو، ڪن چيو ته راڳ مهاديو ۽ سندس راڻي پاريتي ايجاد ڪيو، ڪن وري هنومان ۽ گنيش کي راڳن جو موجد قرار ڏنو، ڪن راڳ جو باني "برهما" کي بنايو، جنهن طريقي سان پنڊتن ۽ پاڻڪن راڳن جي اُسرڻ واري نظريي جي پرچار ڪئي آهي، اُن ۾ بس عقيدت هيٺ راڳن کي ديوتائن سان منسوب ڪري ڇڏيو، ان جو ڪارڻ رڳو پنهنجي گروهن جي برتري کي ثابت ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جي روايتن کي جنم ڏيڻ هو. اهڙي طرح راڳ جو سچو تخيل "ڏرمي روايت" جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو، يعني موسيقي کي هڪ فن، هنر يا علم ڪري سمجهڻ بدران، ان جي ايجاد ۽ وجود توڙي نوع ۽ صورت کي ڏرمي ويساهه واري رنگ ۾ پيش ڪيو ويو. پنڊتن جي مختلف فردن ۽ گروهن مختلف دورن ۾ راڳ جي جنم پتري بابت مختلف روايتون رائج ڪيون، جن مان هر روايت ٻي کان بنهه مختلف ۽ ابتڙ هئي. انهيءَ ڪري راڳ بابت ڪنهن صحيح علمي ڄاڻ يا علمي نظريي جي پيدا ٿيڻ بدران ان جو دارومدار سينا به سينا ٻڌل راويتن تي رهيو. (هڪ لحاظ کان اها هڪ تاريخي مجبوري به هئي) انهن روايتن کي ان بنياد تي تسليم ڪري سگهجي ٿو ته جي اِهي ديوتا ڪو حقيقي وجود رکندڙ هئا ۽ سندن تعلق انساني گروهن سان رهيو آهي ته پوءِ انهن سريلي آوازن کان متاثر ٿي سُرن کي ڪو نه ڪو روپ ڏئي راڳ جو نالو ڏنو هوندو يا مذهبي پرچار لاءِ موسيقي کي وسيلو بڻائي راڳن جي ايجاد ڪئي هوندي پر ذهن ان نظريي کي هرگز قبول ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي ته ديوتا ڪو وجود به رکندڙ نه هجي ۽ وري راڳن جو موجد به هجي. دنيا جي ڪيترن ئي مذهبن ۾ ڪيترائي اهڙا ديوتا آهن، جن جو تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ ڪو ساهه رکندڙ وجود ئي ناهي رهيو، پر پوءِ سندس تخيل جي آڌار تي ٺهيل بُت جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي ۽ سندس نالي پڻيان ايترين ته من گهڙت، جڙتو ڪهاڻيون ۽ قصه جوڙيا ويا آهن جن کي عقل مڃڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي پر پوءِ اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي ان کي حقيقت سمجهي سندس وجود کي تسليم ڪري پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪن ٿا.

هندستاني موسيقي جو راڳ بابت نظريو ڌرمي ۽ صورت ۾ ڏند ڪٿائي رهيو آهي جنهن ۾ هو ڇهن راڳن کي "مول" يعني بنيادي راڳ سمجهن ٿا جن ۾ ڀيرون، مالڪونس، ديپڪ، ميگهه، سري ۽ هنڊول آهن باقي ٻين راڳن کي ديوتائن جي پٽن، ڌيئرن ۽ زالن جي نالي پويان راڳن ۽ راڳڻين ۾ ورڇيو آهي ته فلان راڳ فلان ديوتا جو پُٽ آهي ۽ فلان راڳڻي فلان ديوتا جي زال يا ڌيءَ آهي ايتري قدر جو راڳن کي

ديوتائن ۾ راڳڻين کي سندن زالن، ڏيئرن ۾ پٽن جا نالا ڏئي انهن جون شڪليون شبيهون بنايون ويون آهن. جنهن جو مختصر بيان ڏجي ٿو.

(1) راڳ ڀيرون

* ڀيرون راڳ جي راڳڻين جا نالا:
بيراڳي، مدمادهه، ڀيروي، سنڌوي، بنگال

* ڀيرون راڳ جي پٽن جا نالا:
هرڪا، رُتڪا، پوريا ڌن، ماڌو، سوها، پنيا، مڌم، پنجم

* ڀيرون راڳ جي پائٽين جا نالا:
سوهو، بلاولي، سورٺ، ڪنهياري، گوجري،
پٽ مجري، ميردي

* ڀيرون راڳ جي ڌيئرن جا نالا:
للت، ٻپاس، رامڪلي

(2) راڳ مالڪونس

* مالڪونس راڳ جي راڳڻين جا نالا:
ڪنپاوتي، گنڪلي، ٽوڙي، گنوري، ڪوڪبا

* مالڪونس راڳ جي پٽن جا نالا:
ماروا، بڌهنس، ميواڙ، پريل، چندرڪ ملائي

* مالڪونس راڳ جي پائٽين جا نالا:
ڌناسري، مالسري، جيت سري، سگهرائي، درگا، گنڌار، پيم پلاس، ڪامودي

* مالڪونس راڳ جي ڌيئرن جا نالا:
مالگيورا، دهجني، گورمي، دياجن، گنوري، سيام، گوجري، ڪنڌاوتي

(3) راڳ هنڊول

* هنڊول راڳ جي راڳڻين جا نالا:
بلاول، رامڪلي، للت، ديو ساک، پُٽ مجري

* هنڊول راڳ جي پٽن جا نالا:
منگل، سوپا، انند، نبود، پردهن، گورا، ٻپاس، چندر بند

* هنڊول راڳ جي پائٽين جا نالا:
ليلاوتي، ڪيروي، چيتي، پورپي، پاروتي، ترون، ديوگري، سرستي

* هنڊول راڳ جي ڌيئرن جا نالا:
بسنت، پنجم، پورپي، پرچ

(4) راڳ ديپڪ

* ديپڪ راڳ جي راڳڻين جا نالا:
ڪاموڌ، ديسي، ڪانرو، ڪيڏارو، نٽ نارائڻ

* ديپڪ راڳ جي پٽن جا نالا:
ڪنتل، ڪمل، گنگ، چنبڪ، ڪُسنيا، رام، لهل، همال

* ديپڪ راڳ جي پائٽين جا نالا:
منگل گوجري، جيجونتي، مال گوجري، پوپالي، منوهري، ايري، امين، همير

* ديپڪ راڳ جي ڌيئرن جا نالا:
سڌانٽ، ڪلياڻ، ڪيدار، پوريا، بروي

(5) سريراڳ

* سريراڳ جي راڳڻين جا نالا:
بسنت، مالسري، آساوري، ماروا، ڌناسري

* سريراڳ جي پٽن جا نالا:
سنڌو، مالو، گوندگن، ساگر، ڪنبا، گنبير، سکر، پاڳڙا

* سريراڳ جي پائٽين جا نالا:
مجنيا، ديمانجي، ڪنبا، سهٽي، سروڪيم، سري گويا، سداستي،

* سريراڳ جي ڌيئرن جا نالا:
گنوري، ڪوڪب، ڌناسري، مالسري، هيري

(6) راڳ ميگهه


* ميگهه راڳ جي راڳڻين جا نالا:
پوپالي، ملار، گوجري، ٽنڪ، ديسڪار

* ميگهه راڳ جي پٽن جا نالا:
سارنگ، نارايڻ، ڪلياڻ، گنڌار، شاهانه، جالندها، سگر اپرن، گجندر
* ميگهه راڳ جي پائٽين جا نالا:
گهڙناٽ، گادوي، گدم ناٽ، مانجهه، پرج،
نٽ منجري، سڌانٽ
* ميگهه راڳ جي ڏيئرن جا نالا:
ملار، ڪامود، گوند، ماندينا، پٽ منجري، گنگري، گُنڪلي

مٿي ڄاڻايل مول راڳ ۽ راڳڻين جي خاندان جو بنياد عقيدي تي آڌاريل آهي. جنهن ۾ ڪيترائي تضاد موجود آهن. ان ڳالهه تي ته يقين ڪري سگهجي ٿو ته راڳ ۽ راڳڻي ڪنهن به ديوي، ديوتا، فرد، شهر، قوم، قبيلي سان منسوب ته ڪري سگهجي ٿو جيئن شيو ديوتا سان راڳ شيو ڀيرون، دُرگا ديوي سان راڳ دُرگا، سنڌ سان سنڌوي، سنڌ ڀيروي، ملتان شهر سان ملتاني ڀيروي ڀيرو قبيلي سان راڳ ڀيرو منسوب ٿيل آهن پر عقل ان ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي ته راڳ ڪو ساهه رکندڙ جيوت يا وجود آهي ۽ سندس ڪا مذڪر يا مونث جنس به آهي. اڄ تائين راڳ جي وصف بابت جيڪي به رايا سامهون آيا آهن. انهن کي نظر ۾ رکي راڳ جي باري ۾ اختصار سان هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو ته ”راڳ سُريلي آوازن جي اُها مالا آهي جنهن کي منظم طريقي سان ڪنهن به ساز تي وڄائي ۽ ڳلي مان ڳائي سگهجي ٿو، جو جنس جي دائرن کان آزاد هڪ اهڙي ڪيفيت تي آڌاريل هوندو آهي جنهن مان ڪنهن به شخصيت، علائقي، قوم، قبيلي جي پس منظر کي پسي سگهجي ٿو. عقيدي جي بنياد تي آڌاريل راڳن جو اِهو نظريو موسيقي جي علمي طرح سان ڪابه تقاضا پوري نٿو ڪري انڪري راڳن جي جنم ۽ ارتقاءَ بابت سائنسي اصولن موجب هئڻ گهرجي جيئن ڪي نتيجا حاصل ڪري تحقيق لاءِ هڪ ميدان ميسر ڪري سگهجي.

لينن مارڪس جو ڪهڙيءَ ريت مطالعو ڪيو؟

<u>ڪروپسڪايا/ نبي سوهو</u>



روس ۾ صنعت جي پسماندگيءَ سبب پورهيت تحريڪ اوڻهين صديءَ ۾ ئي ترقي جي شروعات ڪري سگهي، جڏهن ته پورهيت طبقي جي انقلابي جدوجهد اڳ ئي بين گهڻن سارن ملڪن ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري چڪي هئي. جتي اڳ ئي عظيم فرينچ انقلاب جو تجربو، 1848 جي انقلاب جو تجربو، 1871 ۾ پيرس ڪميون جو تجربو موجود هو. پورهيت تحريڪ جي عظيم نظرياتي اڳواڻن مارڪس ۽ اينگلس انقلابي جدوجهد جي پڙڪندڙ شعلن کي صحيح رخ ڏيکاريو.

مارڪس جي تعليمات بنيادي طور سماجي ترقي جي واٽ ڏيکاري، سرمائيداراڻي سماج جي تاريخي طور ناڪام ۽ رجعتي ڪردار

۽ ان سماج جي نعم البدل طور ڪميونسٽ سماج جي عملي خاڪي جڙڻ جي سبب، نون سماجي شڪلين جي اسرڻ، طبقاتي جدوجهد جي رستي نه صرف پرولتاريه جو ڪردار منظر عام تي آندو پر ان جي فتح ڪي يقيني بڻايو.

اسان جي پورهيت تحريڪ انقلابي جهنڊي هيٺ ترقي ڪئي. اهو انداذند نه اسريو پر ڏيرج سان اڳتي وڌيو ڇاڪاڻ ته ان جو مقصد وسيع ۽ رستو صاف هو.

لينن زبردست نموني مارڪسزم جي روشني ۾ روسي پورهيتن جي جدوجهد ۾ وڏيڪ نکار آندو.

مارڪس جي وفات ڪي پنجاه سال گذري ويا، پر اسان جي مارڪسوادي پارٽيءَ ڪي اڄا تائين عمل پيرا رهڻ لاءِ رهنمائي جي ضرورت هئي. لينن ازم فقط مارڪسزم جي وڌيڪ سڌريل صورت ۽ ان جي اٿاهه گهرائي آهي.

ان مان اهو بلڪل واضح آهي ته لينن ڪي مارڪس جي مطالعي جي سوال ڪي واضح نموني حل ڪرڻ ۾ آخر ايڏي دلچسپي ڇو هئي.

لينن ڪي مارڪس جي متعلق حيران ڪندڙ حد تائين جو علم هو. 1883 ۾، جڏهن هو پيٽرسبرگ آيو، هو اسان سپني مارڪس وادين وانگي هر ڪو مارڪس ۽ اينگلس جي حيرت انگيز، اڻٿڪ ڪم ۽ ڄاڻ ڪي ڏسي دنگ رهجي ويو.

اوڻيهين صدي ۾، جڏهن مارڪسي حلقن سلسليوار ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، خاص طور ”سرمائي“ جي پهرين جلد جو مطالعو ڪيو ويو. سرمائي جي جلدن ڪي وڏين مشڪلن ڪان پوءِ سمجهڻ ئي ممڪن هو. پر مارڪس جي ٻين لکڻين جي حوالي ڪان معاملو انتهائي خراب هو. حلقي جي ڪافي ميمبرن ته ايستائين جو ڪميونسٽ مينيفيسٽو به نه پڙهيو هو. مثال طور مون 1898 ع ۾ پهريون پيرو اهو جرمني ۾ پڙهيو، جڏهن آئون جلاوطن هيس.

مارڪس ۽ اينگلس ان وقت مڪمل طور بندش پيل هئا. اهو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو ته 1897 ۾ جڏهن لينن نون پڙهندڙن لاءِ "اقتصادي رومانويت جون خاصيتون" نالي مضمون لکيو ته هو مارڪس ۽ مارڪسزم جهڙن لفظن ڪان پرهيز ڪرڻ لاءِ مجبور هو. مارڪس جي باري ۾ ڳالهائڻ ايترو ئي ڏکيو هو جيترو سندس لکيل ڪتابن ڪي حاصل ڪرڻ.

جب اکتوبر1980میں کامریڈ کم جونگ ال کو پارٹی کا جنرل سیکریٹری اور کامریڈ کم ال سنگ کا جانشین منتخب کیا گیا تو یہ محض اس لیے نہیں تھا کہ وہ عظیم قائد کے بیٹے ہیں بلکہ کامریڈ نے اپنی بے پناہ ذہانت و قوتِ تخلیق ،مارکسی ،لیننی اور جوچے فلسفے پر مکمل عبور ،لافانی عوام سے بے پناہ محبت اور ان کی قوت پر غیر متزلزل ایقان کی بنیاد پر یہ مقام حاصل کیا تھا ۔اس کے علاوہ ان کی جانشینی کا معاملہ بھی بس یونہی نہیں ہو گیا تھا اور نہ ہی ان کا نام کامریڈ کم ال سنگ نے تجویز کیا تھا بلکہ کوریا کی مخصوص سیاسی ،جغرافیائی اور دفاعی صورتحال کے پیش نظر ورکرز پارٹی آف کوریا کی مرکزی کمیٹی نے یہ تجویز رکھی تھی جس پر عظیم قائد کامریڈ کم ال سنگ نے اسے پارٹی کے حوالے کرتے ہوئے آزادانہ طور پر فیصلہ کرنے کی تاکید کی جس کے بعد اس تجویز کو پارٹی کے تمام یونٹوں اور وہاں سے عوام تک پہنچایا گیا ۔اس تجویز پر انتہائی خوشگوار ردِعمل کا اظہار کیا گیا اور پارٹی

کے تمام کارکنان اور عوام نے اس کو سراہتے ہوئے پارٹی کی مرکزی کمیٹی سے یہ پرزور مطالبہ کیا کہ کامریڈ کم جونگ ال کو فوری طور پر عظیم قائد کا جانشین منتخب کر لیا جائے ،جس کے مطابق پارٹی کے مرکزی اجلاس میں انھیں جانشین منتخب کر لیا گیا ۔ یعنی یہ نہ تو کامریڈ کم ال سنگ کا کوئی ذاتی یا یکطرفہ فیصلہ تھا اور نہ ہی مرکزی کمیٹی کا کیونکہ یہ محض ایک تجویز تھی جو پارٹی کارکنان اور عوام میں جانے کے بعد ان کے ایک پر زور مطالبے میں تبدیل ہوگئی ۔ اب اگر اس سے سامراج کی باندی'' بورژوا ڈیمو کریسی'' جس کی نکیل امریکی سامراج کے ہاتھ میں ہے ، کو کوئی تکلیف ہوتی ہے اور '' جمہوریت ،جمہوریت'' کے اعصابی و ہیجانی دورے پڑتے ہیں تو اس کا بھلا کیا مداوا ہے کہ سوشلزم نام ہی مزدور آمریت کا ہے۔محنت کشوں کی انقلابی آمریت اور سرمایہ داروں کی نام نہاد جمہوریت میں یہی بنیادی فرق ہوتا ہے کہ محنت کش طبقہ اپنی انقلابی آمریت کی تلوار سے ہر قسم کی سماجی برائیوں اور استحصال کی تمام شکلوں کو تہہِ تیغ کرتے ہوئے ایک غیر طبقاتی سماج کی جانب پیشرفت کرتا ہے اور محنت کشوں کی یہ انقلابی آمریت عبوری دور کے لیے ہوتی ہے ۔ اس کے بر عکس سرمایہ داروں کی '' جمہوریت'' ایک ننگی آمریت کے سوا کچھ بھی نہیں ہوتی جس میں سرمایہ داروں کے علاوہ کسی کے لیے جگہ نہیں ہوتی اور اس کا کام ہی استحصالی طبقات کے مفادات کا تحفظ اور نگہبانی کرناہوتا ہے ۔

کامریڈ کم جونگ ال کے چناؤ کے موقع پر ورکرز پارٹی آف کوریا کی مرکزی کمیٹی کے کامریڈوں نے جو دلائل پیش کیے تھے وہ بھی کوئی کم اہمیت کے حامل نہیں تھے۔مثال کے طور پر ان کا کہنا تھا کہ '' سوشلسٹ ممالک میں کسی بڑے لیڈر کا سیاسی منظر سے ہٹ جانے کے بعد جو افراتفری دیکھنے میں آئی ہے اس کے پیش نظر چناؤ کا مسئلہ طے کرنا ناگزیر ہے ''۔ انھوں نے کامریڈ لینن کی مثال پیش کی جنھوں نے اپنی زندگی میں ہی کامریڈ اسٹالین کو پارٹی رہنما بنانے کے اقدامات کیے اور کامریڈ اسٹالین اس انتخاب پر بجا طور پر پورے اترے ۔ کامریڈ اسٹالین نے مالنکوف کو آگے لانے کا فیصلہ کیا مگر وہ زیادہ تر پس منظر میں رہنے کے باعث کامیاب نہیں ہوسکے ۔اس کے بعد سوویت یونین کی قیادت میں جو اتار چڑھاؤ آتے رہے اور خود پارٹی کو جن نظریاتی الجھنوں کا سامنا کرنا پڑا وہ کوئی ڈھکی چھپی بات نہیں اور خروشچیف اینڈ کمپنی اور اس کی باقیات کے ہاتھوں عظیم اکتوبر انقلاب کے ثمرات کو جس طرح برباد کیا گیا وہ بھی سب کے سامنے ہے ۔ دوسری مثال کورین کامریڈوں نے عوامی جمہوری چین کی پیش کی جہاں کامریڈ ماؤزے تنگ نے لین پیاؤ کو نہ صرف اپنا جانشین نامزد کیا تھا بلکہ پارٹی کے آئین میں بھی یہ بات درج کر دی تھی ۔ اب یہ اور بات کہ لین پیاؤ صاحب انتہائی بے صبرے ثابت ہوئے اور اقتدار کے لیے جلد بازی کے چکر میں اس انجام سے دوچار ہوئے جو پارٹی ،قائد اور عوام سے غداری کے نتیجے میں کوئی اتنا بُرا بھی نہیں تھا ۔

ورکرز پارٹی آف کوریا کا یہ بھی کہنا تھا کہ '' کوریا کے عوام نے بے تحاشا قربانیاں دیکر سیاسی،معاشی و ثقافتی ترقی حاصل کی ہے جو سوشلسٹ انقلاب کے ثمرات ہیں لہذا ان کا تحفظ اب انقلاب

سے بھی زیادہ اہم ہے اور کامریڈ کم ال سنگ کا جانشین اس شخص کو ہی چنا جا سکتا ہے جو انقلاب کے تسلسل کو برقرار رکھ سکے ۔جانشین میں جو خوبیاں ہونی چاہیں ان میں قیادت کا تسلسل ،انقلاب کی قیادت کی خصوصیات، نظریاتی پختگی یعنی مارکسزم، لینن ازم اور جوچے فلسفے کی باریکیوں سے آگاہی ،عظیم قائد اور پارٹی کے ساتھ ناقابلِ تنسیخ وفاداری اور محنت کش عوام سے لافانی محبت شامل ہیں ۔ پارٹی کے رہنماؤں میں اس وقت ان تمام خصوصیات کے سب سے زیادہ حامل کامریڈ کم جونگ ال کے سوا اور کوئی نہیں ہیں کیونکہ انھوں نے انقلابی نظریات اور انقلابی جدوجہد کی تعلیم عظیم قائد اور اپنی مجاہدہ ماں سے براہِ راست حاصل کی ہے اور اسے مکمل طور پر قبول کیا ہے ۔انھوں نے جوچے کی تعمیر وتشریح میں کمال درجے کی مہارت حاصل کی ہے اور اس کی روشنی میں عوام کی رہنمائی کی ہے ،وہ عوام کی فلاح و بہبود کے تمام کاموں کی ذاتی طور پر نگرانی کرتے رہے ہیں اور ان سے بے تحاشا محبت کرتے ہیں ۔یہی وجہ ہے کہ ان کے سوا اور کسی کو عظیم قائد کا جانشین منتخب نہیں کیا جا سکتا ،لہذا اب کامریڈ کم جونگ ال ورکرز پارٹی آف کوریا میں کامریڈ کم ال سنگ کے جانشین ہیں‘‘۔

یہ تھے وہ حالات و واقعات جس میں کامریڈ کم جونگ ال پارٹی سیکریٹری اور کامریڈ کم ال سنگ کے جانشین مقرر ہوئے تھے ۔اصل میں ہمارے اچھے خاصے کامریڈ بھی کوریا اور اس خطے کی دیگر انقلابی تحریکوں اور انقلابی قائدین کی تعلیمات وغیرہ کو درخورِ اعتناء نہیں سمجھتے ۔ ہم مارکس ،اینگلز اورلینن کے بارے میں تو خوب جانتے ہیں اور یہ کوئی بری بات بھی نہیں کہ یہی ہمارے بنیادی ماخذ ہیں لیکن ایشیاء اور افریقہ کو اس حوالے سے ہم نے تقریباًَ فراموش کیا ہوا ہے ۔ اصل میں ہم ان انقلابیوں اور ان کے نظریات کے بارے میں زیادہ جانتے ہیں جو یورپ کے حوالے سے ہمارے مطالعے میں آتے ہیں خود کامریڈ ماؤزے تنگ کو دیکھا جائے تو یہاں ان کے افکار سے جو آگاہی نظر آتی ہے وہ دراصل یورپ ہی کے تناظر میں ہے ۔اسی طرح انتونیو گرامچی، کامریڈ فیڈل کاسترو،چے گویرا اور دیگر انقلابی ہیں ۔ ہم پیرس کمیون ، یکم مئی ،عظیم اکتوبر انقلاب وغیرہ کی مکمل تفصیلات اور جزئیات پرخوب بات کر سکتے ہیں ،لیکن ہمارے پڑوس میں ہونے والے کورین انقلاب اور اس کے رہنما کے ’’ جوچے‘‘ نظریے سے مکمل طور پر لاعلم ہیں جہاں کی حالتیں یورپ وغیرہ کے مقابلے میں ہمارے سماج سے قریب ترین ہیں، ہم وہاں کی پارٹی کی تعمیر اور انقلابی داؤ پیچ سے بھی آگاہ ہونے کی کوشش نہیں کرتے ۔ اسی طرح افغانستان کی خلق پارٹی اور عظیم رہنما کامریڈ نور محمد تره کئی کی قیادت میں 27اپریل 1978کوبرپا ہونے والا ’’ انقلابِ ثور کبیر ‘‘ ہے کہ کس طرح ہمارے پڑوس میں کمیونسٹ انقلابیوں نے ایک بالکل نئے طریقے پر عمل پیرا ہوتے ہوئے لیننسٹ پارٹی کی بنیاد رکھی جس کے کیڈرز کی تعداد 50ہزار سے زیادہ تھی اور محض 13سال بعد اس پارٹی نے اشتراکی انقلاب برپا کیا ۔یہی صورتحال ویتنام ،لاؤس اور کمبوڈیا کی ہے جہاں کی انقلابی پارٹیوں کی تاریخ اور انقلابی رہنماؤں اور ان کے افکار سے ہم مکمل طور پر لا علم رہتے ہیں یا سطحی

قسم کی معلو مات رکھتے ہیں ۔ اس سلسلے میں سب سے بری مثال انڈونیشیاء کی ہے کہ ہمارے اکثر ساتھیوں کو احمد سوئیکارنو کا نام تو ایک سامراج دشمن ترقی پسند رہنما کے طور پر یاد رہتا ہے جس کا تختہ الٹنے کے بعد سوہارتو نے انھیں زندان میں سسک سسک کر مرنے پر مجبور کر دیا تھا لیکن ہم وہاں کی کمیونسٹ پارٹی اور اس کے عظیم رہنماؤں کے کام اور لازوال قربانیوں سے لاعلم رہتے ہیں ۔ کمیونسٹ مخالف سوئیکارنو ایک جانا پہچانا نام ہے لیکن انڈونیشیاء کے عظیم کمیونسٹ رہنما تھان ملاکا کو آج ہم کتنا جانتے ہیں ؟ ۔ایران کی تودہ پارٹی اور انقلابیوں کے بارے میں بھی ہمارا رویہ یہی ہے اور انڈیا کی کمیونسٹ تحریک اور وہاں جاری پارلیمانی و گوریلا جدوجہد کے سلسلے میں بھی یہی حال ہے ۔ فلپائن کے کمیونسٹ گوریلے گزشتہ 40سال سے مسلح جدوجہد کر رہے ہیں لیکن یہاں حال یہ ہے کہ ان کی انقلابی تنظیم ’’ نیو پیپلز آرمی‘‘(NPA)اور عظیم گوریلا رہنما جون ماریا سوسن کا کام تو خیر ایک طرف ہم ان کے ناموں تک سے واقف نہیں ہیں اور یہی رویہ اور رحجان ہمارا برما اور نیپال کے بارے میں ہے ۔

ہم نے صرف خطے اور اریب قریب کی انقلابی تحریکوں کو ہی نظر انداز نہیں کیا بلکہ ایشیاء کے بعد افریقہ وہ خطہ ہے جہاں کے انقلابیوں نے مارکسزم،لینن ازم میں نت نئے تخلیقی اضافے کرتے ہوئے شاندار جدوجہد کی ہے، ان کے بارے میں بھی جاننے کی کوشش نہیں کرتے ۔مثال کے طور پر ہم الجزائر کے جواں مرگ انقلابی فرانز فینن ،کانگو(زائرے) کے پیٹرس لوممبااور گنی بساؤ کے ایملکار کیبرال کے بارے میں تو کسی حد تک جانتے ہیں لیکن1974میں کامریڈ مینگستو ہیل مریام کی قیادت میں ہونے والا ایتھوپیا کا سوشلسٹ انقلاب جس کے نتیجے میں دنیا کی قدیم ترین بادشاہت کا خاتمہ کیا گیا تھا یا کامریڈ نیتو کا انقلابِ انگولا اور ان کی تنظیم MPLAجو آج کل پھر اقتدار میں ہے کے بارے میں زیادہ نہیں جانتے ۔آج افریقہ کا نام سنتے ہی ہمارے اذہان میں بھوک، غربت، قحط اور بیماری کا تصور ابھرتا ہے یا پھر لے دے کے ایک نیلسن منڈیلا یاد آتا ہے وہ بھی اس لیے کہ موصوف یورپ میں کافی مشہور ہیں اور تو اور ہم ان کی عظیم مارکسسٹ مجاہدہ بیوی وینی منڈیلا کو بھی بھول جاتے ہیں جس کا نعرہ تھا کہ ’’ سامراج صرف بندوق کی زبان ہی سمجھتا ہے ‘‘ اور ہم یہ بھی بھول جاتے ہیں کہ یہی افریقہ ابھی کل تک سوشلسٹ رخ لیے ہوئے قومی آزادی کی تحریکوں کا سب سے بڑا مرکز رہا ہے جس نے گھانا میں کوامے نکرومہ ، موزمبیق میں میشل سمورا ، نمیبیا میں سام نجوما،گنی میں احمد سیکو طورے،کانگو (برازاویل) میں موسیمبا دیبات اور استوائی گنی میں میکیا نگوما جیسے شعلہ نفس انقلابیوں کو جنم دیا ہے اور یہ محض چند مثالیں ہیں۔

بہرحال ہم اپنے موضوع کی طرف واپس آتے ہیں کہ ہمارا مقصد کسی قسم کی خامہ فرسائی کرنا نہیں ہے بلکہ اپنی خامیوں کی نشاندہی کرنا مقصود ہے ۔ فروری 1982سے کامریڈ کم جونگ ال عوامی جمہوری کوریا کی ساتویں ، آٹھویں اور نویں سپریم پیپلز اسمبلی کے رکن بنے اور مئی1990میں انھیں عوامی جمہوری کوریا کے نیشنل ڈیفنس کمیشن کا اول وائس چیئر مین منتخب کیا گیا ۔ دسمبر1991میں

کامریڈ کورین پیپلز آرمی کے سپریم کمانڈر مقرر کیے گئے اور جولائی 1994میں کوریا کے عظیم تخلیقی بالشویک قائد ، کامریڈ لینن اور اسٹالین کے انقلابی افکار کے وارث ،جوچے نظریے کے خالق ،بے مثال گوریلا لیڈر اور عوامی جمہوری کوریا کے صدر کامریڈ کم ال سنگ کا انتقال ہوا تو کامریڈ کم جونگ ال کو مرکزی کمیٹی نے عوامی جمہوری کوریا کا صدر منتخب کر لیا ۔

آج اس بات کو 17سال کا عرصہ بیت چکا ہے اوراس عرصے میں کامریڈ کم جونگ ال نے اپنے عمل سے ثابت کیا ہے کہ برسوں پہلے جب ورکرز پارٹی آف کوریا نے انھیں کامریڈ کم ال سنگ کا جانشین اور بعد ازاں پارٹی کا جنرل سیکریٹری و ملک کا صدر منتخب کیا تھا تو یہ فیصلہ بالکل درست تھا اور اس سے خود کورین کامریڈز کی دور اندیشی کا بخوبی اندازہ لگایا جاسکتا ہے ۔ کامریڈ کم جونگ ال نے ایسے کڑے وقت میں اشتراکی جمہوریہ کی قیادت سنبھالی تھی جب عظیم قائد ان کے درمیان موجود نہیں تھا ،سوویت یونین جیسا عظیم دوست تاریخ کا حصہ بن چکا تھا اور چین مشرف بہ سرمایہ داری تھا ۔مگر کامریڈ جو ایک سچے بالشویک کی مانند مارکسی ،لیننی تعلیمات اور جوطے فلسفے کی بدولت خود انحصاری اور خود مختاری سے مالا مال تھا اور اسی کی بدولت انھوں نے صرف کوریا کے انقلاب اپنے محور پر رواں دواں رکھا بلکہ ایک ایسے عہد میں ایک خود دار اور باوقار سوشلسٹ انقلاب کی حاصلات کو برقرار رکھا جب امریکی سامراج اپنی فوجوں کے جلو میں دنیا بھر میں قوموں کی آزادی اور وقار کے مذاق اڑاتا پھر رہا تھا ۔

کامریڈ کم جونگ ال نے سوویت یونین اور دیگر سوشلسٹ ممالک میں اشتراکیت کے بحران کا گہرا تجزیہ کرتے ہوئے جو نتائج اخذ کیے وہ ان کے عظیم '' سونگن نظریے'' پر منتج ہوئے ۔ سونگن دراصل کوئی جوچے سے مختلف چیز نہیں ہے بلکہ یہ اسی کا تسلسل ہے ۔خود اس کے بارے میں کامریڈ کم جونگ ال نے لکھا ہے کہ '' سرد جنگ ''کے خاتمے کے بعد'' عارضی صلح اور امن'' کے ایک نئے دور کا آغاز ہو گیا ہے ۔ مگر دنیا کبھی امن و چین سے نہیں رہ سکے گی جب تک سامراجیت کا دور دورہ رہے گا عالمی سوشلسٹ نظام کی تباہی کا فائدہ اٹھاتے ہوئے رجعت پسند سامراجی قوتوں نے سامراج دشمن آزاد قوتوں کے خلاف اپنے جارحانہ حملوں میں شدت اختیار کر لی ،خاص طور پر امریکی سامراج نے جو دنیا میں بالادست قوت بنکر ابھرے تھے اور جو اپنی حملہ آوری اور جنگ کی پالیسی پر پہلے سے بھی زیادہ سختی کیساتھ کاربند رہے''۔

'' امریکی سامراجی اور ان کے حاشیہ بردار ہر طرف سے ہم پر جھپٹ پڑے اور فوجی محاذ آرائی کے لیے بڑے پیمانے پر ایسے اقدامات کیے جن کی پہلے کوئی مثال نہیں ملتی ۔ ایک طرف طاقت کے ذریعے ہماری جمہوریہ کو برباد کرنے کی کوشش کی گئی تو دوسری جانب ہم پر سیاست ،اقتصادیات ،نظریات ،ثقافت اور سفارت کاری کے تمام پہلوؤں سے دباؤ ڈالے گئے ۔ان سازشوں اور ریشہ دوانیوں کی وجہ سے کوریا کے انقلاب کو اپنی تاریخ کی شدید ترین آزمائشوں اور مشکلات کا سامنا کرنا پڑا ۔ ہمارے اور سامراجیوں کے درمیان مقابلہ قوت کا ایک ٹکراؤ ہے ۔ہمارا محاذ سامراج مخالف فوجی محاذ تھا ۔ یعنی

ہمارے انقلاب کی وہ شہہ ر گ جس پر ملک،قوم اور سوشلزم کی قسمت کا فیصلہ ہو گا ۔ہمیں عوامی فوج کو مضبوط کرنا اور اس پر انحصار کرنا پڑا اور اس مقصد کے لیے تمام کوششیں عسکری معاملات پر مرکوز ہو گئیں ۔اس طرح ہم اپنی قوم اور اپنے ملک کے مقدر کو بچا سکے اور اسے انقلاب اور اس کی تعبیر کی فتح سے ہمکنار کیا ۔ یہی وجہ ہے کہ ہم کہتے ہیں کہ فوج کے معنی ہیں پارٹی ، ریاست اور عوام ۔اگر ہم عسکری معاملات کی طرف توجہ نہیں دیتے اور فوج کو مضبوط نہیں کرتے تو ہم اب تک نیست و نابود ہو چکے ہوتے اور انقلاب برپا کرنا اور اس کی تعمیر کرنا تو دور کی بات رہ جاتی‘‘۔ (سونگن پر مبنی انقلابی لائحہ عمل ۔ کم جونگ ال ، صفحہ 5,6)

کامریڈ کم جونگ ال سونگن کی مزید تشریح کرتے ہوئے لکھتے ہیں کہ ’’ ہمارے انقلاب کے عملی تجربے نے ثابت کر دیا ہے کہ سونگن سیاست جو عسکری معاملات کو ترجیح دیتی ہے اور انقلابی مسلح افواج کو ایک محور قرار دیتی ہے دراصل ہمارے عہد کا انتہائی طاقتور طرزِ سیاست اور طرزِ انقلاب ہے ۔سونگن سیاست اس بات کو ممکن بنا دیتی ہے کہ دشمن کو شکست دی جا سکے چاہے وہ کتنا ہی طاقتوراور ناقابلِ تسخیر کیوں نہ ہو ۔سونگن سیاست ایک جنگی حکمتِ عملی اور انقلابی طریقۂ کار اور اندازِ سیاست ہے جس سے اس وقت تک وابستہ رہنا چاہیے جب تک کرۂ ارض پر سامراج کا وجود اور اسکی جارحانہ سازش کاری جاری ہے ۔‘‘ (ایضاؔ ۔ صفحہ 7,8)

دراصل امریکی سامراج نے ہر طرف سے کوریا کے گرد گھیرا تنگ کرنے کی کوشش کی ہے اور آج تک کرتے آرہے ہیں ،لیکن یہ اور بات کہ انقلاب کی اس سرزمیں پر انھیں کوئی سوہارتو کوئی پنوشے اور کوئی مبوتو نہیں مل سکا ہے ۔کوریا نے 1993سے پر امن مقاصد اور توانائی کی غرض سے اپنا ایٹمی پروگرام شروع کیا تھا جس پر جنوبی کوریا اور جاپان وغیرہ نے کافی شور مچایا تھا مگر انقلابی قیادت نے عالمی ماہرین کو اس کا معائنہ کرانے سے صاف انکار کر دیا ۔ اس کے بعد اس سلسلے میں کافی عرصے تک مذاکرات ہوتے رہے اور جون1995میں ملائیشیاء میں ہونے والے مذاکرات کے نتیجے میں اس پر سمجھوتہ بھی ہو گیا مگر یہ دراصل کوریا کو نہتااور کمزور کرنے کی امریکی سازش تھی جسے کامریڈ بھانپ گئے تھے (یہی انھوں نے عراق اور لیبیا کے ساتھ کیا ہے) اور اس کا ثبوت امریکا نے کوریا کو معاہدے کے تحت دینے والے تیل میں کمی کر کے دی۔ اس صورتحال کے پیش نظر کامریڈ کم جونگ ال نے دسمبر2002 میں جب توانائی کی پیداواری صلاحیت میں اضافہ کرنے کے لیے اپنا جوہری پروگرام شروع کرنے کا آغازکیا تو امریکی امپریلزم کے اوسان خطا ہو گئے اور CIAمتحرک ہو گئی مگر کامریڈ کم جونگ ال کے اس اعلان نے ان کے چودہ طبق روشن کر دیئے کہ ’’ امریکی سامراج کی طرف سے کوریا کی ایٹمی تنصیبات پر حملہ کرنے کی کوشش کی گئی تووہ اپنے بیلسٹک میزائل TAEPODONG-2کے ذریعے دنیا بھر میں امریکی اڈوں کو تباہ کر دے گا‘‘۔ اسی سال کوریا نے 2شاٹ رینج میزائلوں کے کامیاب تجربے کیے ،جس سے امریکہ اور اس کے حواریوں میں کھلبلی مچ گئی ۔

ایٹمی قوت کے حامل اس '' کاغذی شیر'' (یہ نام امریکی سامراج کو کامریڈ ماؤزے تنگ نے دیا تھا) نے اپنی روایتی مکاری اور چالاکی سے کام لیتے ہوئے ایٹمی پروگرام کے خاتمے کے بدلے 20لاکھ کلو وولٹ بجلی فراہم کرنے کی پیش کش کی جسے مسترد کرتے ہوئے کامرید کم جونگ ال نے جون2004سے دفاعی قوت کے لیے اپنے جوہری پروگرام کو تیز تر کر دیا اور یوں سامراجی ریشہ دوانیوں کے نتیجے میں کوریا کا پر امن مقاصداور توانائی کی پیداواری صلاحیت کے لیے شروع کیا جانے والا جوہری پروگرام ایٹمی صلاحیت حاصل کرنے پر منتج ہوا اور یوں جدید ترین آلاتِ حرب سے لیس عوامی فوج سونگن عہد میں انقلاب کی ناقابلِ تسخیر قوت میں تبدیل ہو گئی ۔

29جنوری2003کو کامریڈ کم جونگ ال نے ورکرز پارٹی آف کوریا کی مرکزی کمیٹی کے حکام سے گفتگو کرتے ہوئے کہا تھا کہ ''پیپلزآرمی وہ انقلابی صف بندی ہے جو ہمارے انقلاب کی اولین رگِ جاں کی محافظ ہے ۔یہ اپنے اسلحے کی قوت سے پارٹی ،انقلاب، ملک اور عوام کا دفاع کرتی ہے اور براہِ راست ٹکراؤ میں اپنی جان تک دیتی ہے ۔عوامی فوج کی سنگینوں کی نوک پر ہی امن ،سوشلزم اور اس کی لوازمات اور ہمارے عوام کی خوشحال زندگی کا انحصار ہے ''۔آج پیپلز آرمی اور عوام نے کامریڈ شپ پر مبنی تعلقات قائم کر لیے ہیں اور پورا معاشرہ عوام اور فوج کے درمیان اتحاد کی خوبصورت امتیازی خصوصیات سے پوری طرح بہرہ ور ہے ''۔ سونگن سیاست سامراجی حملہ آوری اور جنگی پالیسیوں کی مخالف ہے اور ملک و قوم کی آزادی کی مدافعت کرتی ہے اور یہ عوامی حلقوں اور دنیا بھر کے ترقی پسند عوام کی وسیع حمایت حاصل کررہی ہے۔یہ سامراجی حملہ آور قوتوں کو دھکا دیتی ہے اور بین الاقوامی اکھاڑے میں سامراج کے خلاف آزاد قوتوں کی حوصلہ افزائی کرتے ہوئے پوری دنیا کو آزاد کرانے کے نصب العین کو مہمیز کرتی ہے ''۔

آج عوامی جمہوری کوریا مارکس ازم ، لینن ازم ،جوچے اور سونگن کا پرچم بلند کئے ہوئے انقلاب کے روشن راستے پر گامزن ہے ۔کامریڈ کم جونگ ال کے سونگن عہد میں عوامی جمہوری کوریا نے کامیابی و کامرانی کی نت نئی منزلیں طے کی ہیں اور آج ان کے انتقال کے بعد بھی یہ سفر جاری و ساری ہے ۔آج اس خطے میں انقلابی قوتیں کمزور سہی مگر وہ آگے کی جانب پیشرفت کر رہی ہیں بالخصوص انڈیا میں نکسل باڑی اور نیپال کی ماسٹ تحریک نت نئے افق روشن کر رہی ہیں اور اس سلسلے میں عوامی جمہوری کوریا بے شک ایک مینارۂ نور کا کردار ادا کرے گااس میں کوئی دورائے نہیں ہے کہ آج اس خطے میں کوریا کا وہی کردار ہے جو لاطینی امریکا میں کیوبا ادا کر رہا ہے ۔

آج کامریڈ کم جونگ ال کی رحلت سے کورین عوام ،دنیا بھر کے محنت کش اور مظلوم قومیں اپنے ایک ایسے مخلص اور بالشویک انقلابی رہنما سے محروم ہو گئے ہیں جن کی بہت زیادہ ضرورت تھی۔ان کا ناقابلِ شکست کردار ،انقلابی افکار اور کیا ہوا کام عالمی کمیونسٹ تحریک کا ناقابلِ فراموش باب ہے جب جب انقلابی قافلے میں شریک رفقاء کا نام اور کام لکھا جائے گا تو اپنی کارکردگی کی بنیاد پر کامریڈ کم جونگ ال بجا طور پر ان بالشویک رہنماؤں کے ساتھ ہی جگمگاتے ہوئے دکھائی دیں گے

جن کا اس دنیا کو تبدیل کرنے میں اہم کردار رہا ہے ۔ کامریڈ کم جونگ ال کے الفاظ میں ’’ ہماری بندوق ،طبقے کی بندوق اور انقلاب کی بندوق ہے اور سامراج کے خلاف طبقاتی جدوجہد میں یہ انتہائی طاقتور ہتھیار ہے‘‘۔

<u>ادب</u>

انجمن ترقي پسند مصنفين ۽ ان جي نئين سر تنظيم ڪاريءَ بابت اسان ڪيئن سوچون ٿا..؟

سنڌ جي ترقي پسند اديبن جو مؤقف

<u>تحقيق ۽ تدوين: ڊاڪٽر محمد سليمان سولنگي</u>

(هِن مضمون جي گهڻ ئي پاسن سان اختلاف رکي سگهجي ٿو. پر اسين هِن مضمون کي انهيءَ سوچ سان به شايع ڪري رهيا آهيون ته ٻيا ادب دوست ۽ پڙهندڙ ڪامريڊ ساٿي، انجمن ترقي پسند مصنفين جي نئين تنظيم ڪاري بابت پنهنجي راءِ سان به اسان کي نوازين- ايڊيٽر)

جڏهن اسان انجمن ترقي پسند مصنفين جي بابت پڙهون ٿا يا ان تنظيم سان واڳيل ڪنهن اردو دان کي ٻڌون ٿا ته تاثر اهو ملي ٿو ته ترقي پسند خيال ۽ ادب 1935 کان پوئي ئي شروع ٿيا ۽ ٻين ٻولين جي اديبن کي ترقي پسند ادب پيدا ڪرڻ لاءِ مائل ڪرڻ ۾ صرف اردو انجمن ترقي پسند مصنفين جو هٿ آهي – پرڏسجي ته اصل ۾ حقيقت ائين نه آهي – اسان سنڌي ليڪڪن جي گڏيل راءِ اها آهي ته ترقي پسند تخليق الڳ شئي آهي ۽ ترقي پسند اديبن جي تنظيم ڪاري هڪ الڳ ڪم آهي جنهن جو گهڻو تڻو تعلق ادبي تنقيد جي مارڪسي رجحان سان آهي.

ترقي پسند رجحان يا خيال سنڌي تهذيب جو نمايان پهلو آهي – سنڌي تمدني طرح ترقي پسند سوچ جا صدين کان علمبردار رهيا آهن جن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

سمن جو دؤر (پندرهين، سورهين صدي)

هاڪ نه پوندي هاڪڙي، پڇندي ٻنڊ اروڙ،

ٻهه مڇي ۽ لوڙهه – سمي ويندا سوڪڙي.

(ساموئي جا بيت)

هن بيت ۾ هڪ وڏي پونچال/ تبديليءَ (Break through) ڏانهن اشارو آهي يعني اهڙي تبديلي جنهن ۾ سمي بادشاهه/اجارادار ڏانهن ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه جهڙيون عام شيون (Agri products) سوڪڙي طور وينديون.

ماڪ مَ پانيو ماٿهئا، پئي جا پرپات،

رو ئي رڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي.

(محمد سرور نوح)

ڪرشن چندر جي هڪ ڪهاڻيءَ (جنهن جو سرو مون کي هاڻي ياد ڪونهي) ۾ ڳالهه ڪجهه هن ريت آهي ته: ڪنهن ڏاريئين ملڪ جي گوري مهمان کي هندستاني سرڪاري سونهون (گائيڊ) هندستان جو ڪلچر ڏيکارڻ لاءِ ڀهراڙي جي ڳوٺن جو سير سفر ڪرائي ٿو ۽ واپسيءَ تي سياح کان پڇي ٿو ”اوهان کي اسان جو هندستاني ڪلچر ڪيئن لڳو“

تنهن تي انگريز وراڻيس ”اوهان جو ڪلچر ته ڏاڍو سٺو آهي پر سڀ کان اهم شئي اها آهي ته اوهان جي ڳوناٽي ڪلچر، لوڪ ادب، شاعري ۽ موسيقي ۾ ڏاڍو درد سمايل آهي. ٻڌاءِ ته اهو ايترو ڏک ۽ پيڙا آيو ڪِٿان..!؟“

گائيڊ وراڻيس ٿو: ”اهو درد جيڪو توکي اسان جي لوڪ ادب، شاعري ۽ موسيقيءَ ۾ محسوس ٿئي پيو، اهو منهن جي ڳوٺ کان شروع ٿئي ٿو ۽ هن سڄي ڌرتيءَ تي ڦهلجي وڃي ٿو“.

ڪلهوڙا دؤر (سترهين صدي)

نه سي ووڻ وٽن ۾ نه سي ڪي ڪا تاريون،

پسيو بازاريون هئنڙو مون لوڻ ٿئي.

(ڀٽائي رح)

عمر جا تو مل عيد، سا مون سوءِ
ورتي سومرا،
وئي ويچارن وسري، خوشي ۽
خريد.

(ڀٽائي رح)

سترهين صديءَ ۾ مارڪيٽ ۾ انساني نفسيات جو ڀاڱ ۾ واسطو يعني مادي حالات ۾ تبديلي جو انساني سڀاءُ تي اثر خوشي ۽ خريد جو ڀاڱ ۾ سڌو تعلق ڀٽائي جي شاعريءَ جو حيرت انگيز ڪرشمو ۽ ڪارنامو آهي.

ڪَتِ به، ڪنبُ به اڳيان توريندڙ تڪا اٿئي.

(ڀٽائي رح)

(ارڙهين صدي)

آءُ ڪيئن آٽڻ وڃا، جڏ هن منهنجو چرخو
چيو نه ڪري،
چرخو چندن عاج جو، پيرو ڏئي تي
پچان.
هٿ ڪاريون آگريون سڀ، مروڙي
پچان.

(سچل سرمست رح)

مزدورن جي بيچينيءَ ۽ احتجاج لاءِ گڏ تي مشينن ڪي ڀچڻ وارو دور يورپ ۾ ڪافي پوءِ شروع ٿيو.

(ويهين صدي)

سون سريڪا هٿڙا، گهرن ٿا
انصاف،
ڦورو ڦولهه صراف، تهان پوءِ
اڳتي ٿيا.

(اياز)

چانديءَ تارو سڳڙا، سون سريڪا
هٿ،
ڦورو ڦولهي پانهنجو، ڀاڱ ئي ڪر
تون ڪٽ.

(سليمان سولنگي)

انجمن ترقي پسند مصنفين جي منشور جي اوسر ۽ ان جو مختصر جائزو

ترقي پسند مصنفين جو پهريون ميني فيسٽو جنهن جو سِرو آهي "ترقی پسند اديبوں کا پہلا مينيفيسٹو 1935"

مختصر حوالا

- ہندستانی ادب قديم تہذيب کی تباہی کے بعد زندگی کی حقيقتوں سے بھاگ کر رہبانيت اور بھگتی کی پناہ ميں جا چھپا ہے .... نتيجہ يہ ہے کہ وہ بے روح اور بے اثر ہوگيا ہے۔ ہيئت ميں بھی اور معنی ميں بھی .... جذبات کی نمائش عام ہے۔
- اس انجمن کا مقصد يہ ہے کہ اپنے ادب اور دوسرے فنون کو پجاريوں اور پنڈتوں اور دوسرے قدامت پرستوں کے اجارے سے نکال کر انہيں عوام کے قريب تر لايا جائے۔

ٿي سگهي ٿو ته هي ميني فيسٽو هن طرح لکڻ ۾ ان وقت جي حالات جي تقاضا هجي، پر هن وقت پڙهڻ سان ذهن تي پهريون تاثر اهو ٿو اڀري ته هندستان جي قديم تهذيب ختم ٿي وئي، ان ڪري هندستاني ادب رهبانيت ۽ ڀڳتي جي گيهري ۾ اچي ويو. جذبات جي نمائش عام آهي. (ادب ۽ آرٽ ذريعو آهي انساني جذبن جي اظهار جو، پوءِ الائي چو ان لاءِ هتي لفظ نمائش استعمال ڪري ان کي رد ڪيو ويو آهي) عقل ۽ فڪر نظر انداز ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ پنهنجي ادب ۽ فنونِ لطيفــه کي پوڄارين، پنڊتن ۽ ٻين قدامت پرستن جي قبضي مان ڇڏائڻ ئي انجمن جو مقصد خاص طئه ٿيو...!؟

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته هندستاني تهذيب جيڪا هندو مذهب ۽ هندو عوام جي امنگن جي آئينا دار آهي تنهن کي ڪهڙن عنصرن تباهه ڪيو جو ان تهذيب جي وڃڻ کان پوءِ پنڊتن جو قبضو ٿي ويو ۽ هاڻ اهو قبضو ڇڏائڻ ترقي پسند انجمن جو فرض ٿي پيو. يعني اها تهذيب

جيڪا تباهه ٿي وئي ان ۾ پنڊتن ۽ پڇاري نه هئا، جي هئا ته اهي شايد ترقي پسند هئا يا ترقي پسنديءَ جي ويجهو هئا ۽ هاٺوڪا پنڊت رُجعت پرست آهن. مينفيسٽو ۾ اهڙي نوعيت جي ڳالهه لکڻ به عجيب پئي لڳي. هندوستان ته هڪ گهڻ قومي (Multi Ethno Linguistic) علائقو/ملڪ هئو ۽ آهي سو اهڙو تجزيو بذاتِ خود ترقي پسنديءَ جي دائري ۾ اچي ٿو سو ته سچ پچ ڏاڍو بحث طلب آهي.

هن مينفيسٽو تي پي راءِ اها آهي ته مسلمانن جي جارحانه حملن، هڪ هزار سال جي قبضي ۽ حِراس مان پيدا ٿيندڙ صورتحال، اسلام ۽ ان جي مُلن جي مسلم ۽ هندو عوام ڏانهن روين ۽ ان جي اثرن جي سلسلي ۾ مينفيسٽو خاموش آهي.

تجويزون

1. ہندستان کے مختلف لسانی صوبوں میں ادیبوں کی انجمنیں قائم کرنا۔ ان انجنوں کے درمیان اجتماعوں اور پمفلیٹوں وغیرہ کے ذریعے ربط و تعاون پیدا کرنا، صوبوں کی، مرکز کی اور لندن کی انجمنوں کے درمیان قریبی تعلق پیدا کرنا۔
2. ان ادبی جماعتوں میں میل جول پیدا کرنا جو اس انجمن کے مقاصد کے خلاف نہ ہوں۔
3. ترقی پسند ادب کی تخلیق اور ترجمہ کرنا جو صحتمند اور توانا ہو۔ جس سے ہم تہذیبی پسماندگی کو مٹا سکیں اور ہندستانی آزادی اور سماجی ترقی کی طرف بڑھ سکیں۔
4. ہندستانی کو قومی زبان اور انڈو رومن رسم خط کو قومی رسم خط تسلیم کرنے کا پرچار کرنا۔
5. فکر و نظر اور اظہارِ خیال کی آزادی کے لئے جدو جہد کرنا۔
6. ادیبوں کے مفاد کی حفاظت کرنا، عوامی ادیبوں کی مدد کرنا جو اپنی کتابیں طبع کرنے کے لئے امداد چاہتے ہوں۔

تجويزن تي تبصرو

پهرين تجويز ستر سالن بعد اڄ به ساڳي اهميت رکي ٿي هاڻ به قابلِ عمل آهي صرف "لنڊن" بجاءِ "سڄي دنيا " لفظ استعمال ٿيڻ گهرجي.

2 ۽ 3 قابلِ قبول آهن، صرف 3 ۾ هُندستاني آزاديءَ بجاءِ قومن جي خوداختياري ۽ سماجي ترقي بجاءِ انساني ترقي لکڻ گهرجي.

4 هندستانيءَ مان مقصد اردو ٻولي آهي ته پوءِ عربي ۽ ڦارسيءَ بجاءِ اِنڊو رومن رسمُ الخط کي قومي رسمُ الخط تسليم ڪرڻ لاءِ پرچار ڪرڻ سان ترقي پسنديءَ جو ڪهڙو تعلق جڙيو ٿي جو ترقي پسندن انڊو رومن جي پرچار لاءِ سندرو ٻڌو. رسم الخط جي باري ۾ ترقي پسندن جي راءِ يا پاليسي ته اها هجڻ ڪپندي هئي ته اها هندي رسم الخط ۾ هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هندستاني (جنهن کي شايد اڄا اردو نه چيو ويو هئو) سا ته هندي ٻولي جو ٿورو مختلف انداز (Version) هو ۽ آهي.

انجمن ترقي پسند مصنفين جو اعلان نامو جيڪو 1936ع ۾ منظور ٿيو

Quote ہمارے ملک میں بڑی بڑی تبدیلیاں ہو رہی ہیں۔ پستی اور رجعت پسندی کو اگرچہ موت کا پروانہ مل چکا ہے لیکن وہ ابھی تک بے بس ہے اور معدوم نہیں ہوئی ہے۔ نت نئے روپ بدل کریہ مہلک زہر ہمارے تمدن کے ہر شعبے میں سرایت کرتا جا رہا ہے۔Unquote

Quote ہماری انجمن کا مقصدیہ ہے کہ ادبیات اور فنون لطیفہ کو قدامت پرستوں کی مہلک گرفت سے نجات دلائے اور ان کو عوام کے سکھ

دکھ اور جدو جہد کا ترجمان بناکر اسے روشن مستقبل کی راہ دکھائےکہ جس کے لئے انسانیت اس دور میں کوشاں ہے-Unquote

هن ۾ نه رڳو 1935 واري منشور ۾ تجويزن تي ڪو به تجزيو يا راءِ ڪانهي پر الٽو انهيءَ منشور جي هڪ سال بعد ائين لکڻ ته ”پستيءَ ۾ رُجعت پسنديءَ کي موت جو پروانو ملي چڪو آهي..!“ عجيب لڳي ٿو ۽ ان کي عقل تسليم نٿو ڪري چاڪاڻ ته هڪ سال اندر اهڙي ڪهڙي انقلابي تبديلي آئي جو مٿيون خيال پيش ڪيو ويو.

Quote” ہندستانی ادب کی نمایاں خصوصیت یہ رہی ہے کہ وہ زندگی کی بین اور حقیقی کیفیتوں سے جی چرانا چاہتا ہے............ ادب میں عقلیت مشکل سے پائی جاتی ہے “Unquote

”ہم ہندستانی تمدن کی اعلی ترین روایتوں کے وارث ہونے کا دعوی کرتے ہیں۔ اس لئے زندگی کے جس شعبے میں رد عمل کے آثار پائینگے۔ اختیار کریں گے“.

“Instead of this generalization, the analysis should have been in-depth and relevant to deferent periods of Indian literature and history”.

هاڻي سائين هندستاني تهذيب ۽ تمدن ۾ اعلیٰ ترين روايتون نظر اچي ويون عجب آهي. هتي ردِ عمل جو مقصد ڇا ونجي؟ ان رويئي ته ”ردِ عمل جي آثارن کي عمل ۾ آڻيندا سين“ (جنهنجي لاءِ غير ملڪي تهذيب ۽ تمدن مان فائدو وٺڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو) ۽ انهيءَ طرز تڪلم کي انتهائي اڇاترو اظهار چئي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته ان کي ترقي پسنديءَ جي اندر رجعت پسنديءَ جو لڪل رجحان چئي سگهجي ٿو، جيڪو انتهائي خطرناڪ آهي.

آخر ۾ جيڪي مقصد بيان ڪيا ويا آهن انهن سان ته ڪو اختلاف ڪونهي پر نظرياتي مونجهارو پنهجي جاءِ تي موجود آهي. عقل، خيال ۽ سوچ پنهنجي دؤر جي معروضي حالتن جو ما حاصل ٿين ٿا ۽ ان جي زير اثر هجن ٿا. جڏهن جدو جهد ذريعي پيدا واري سرشتي ۾ تبديليءَ سان معروضي حالتون تبديل ٿين ٿيون ته خيال، سوچ ۽ عقل ۾ نسبتي تبديلي اچي ٿي. هنن اعلان نامن ۾ منشور پڙهڻ سان ائين پيو لڳي ته سئو ادب لکڻ سان خيال ۾ سوچ تبديل ٿيندي ۽ وهم ۽ وسوسا ختم ٿي ويندا. اهڙي طرح هتي مارڪسزم تي خيال پرستي حاوي نظر اچي ٿي.

ان ڪري هاڻي انتهائي ضروري ٿي پيو آهي ته اهڙو منشور ۾ پڌرنامو ڏجي جو اڄ جي دؤر جي معروضي، موضوعي صورتحال ۽ ضرورتن جو پورائو ڪري، لچڪدار هجي ۽ ملڪ جي سڀني ٻولين جي ترقي پسند تنظيمن جو گڏيل ۽ نمائنده اعلان نامو هجي.

اسان سنڌ جا ترقي پسند ليکڪ هيٺين مسئلن کي سڄي ملڪ جا گڏيل سماجي ۽ سياسي مسئلا سمجهون ٿا

- ملڪ جي سڀني اهم ٻولين سنڌي، پنجابي، پشتو، سرائيڪي، براهوي، بلوچي کي قومي ٻوليءَ جو درجو، ان سطح جون سهولتون ۽ حقوق جو نه هجڻ.
- پرائمري سطح تي مادري زبان ۾ تعليم جو بندو بست نه هجڻ.
- ملڪ ۾ جمهوريت جو نه هجڻ.
- پارليامينٽ تي فوجي اداري جو اثر انداز هجڻ.
- ملڪ کي گهڻ قومي رياست تسليم نه ڪرڻ ۽ قومي خود اختياري کان انڪار.
- جمهوري ۽ سيڪيولر ڪلچر جي حوصلا شڪني.
- واپار ۽ وڏي دڪانداريءَ تي مذهبي ماڻهن جي هڪ هٽي هجڻ.
- مزدورن ۽ هارين کي حقوق نه هجڻ.
- صنعتن جو مخصوص جاين تي گڏ

هجڻ ۽ پس مانده علائقن ۾ نه هجڻ.

- معيشيت تي Multi National Corporation ۽ بين القوامي مالياتي ادارن جو قبضو.
- عوام تي بالواسطه ٽيڪسن جو بوجهه.
- خواتين ۽ نوجوانن لاءِ تعليم، ترقيءَ ۽ روزگار جا هڪ جهڙا ۽ اثرائتا موقعا نه هجڻ.
- امير ۽ غريب، شهري ۽ ٻهراڙي ۽ اڪثريت ۽ اقليت (Ethno Linguistic) ۾ مسلسل وڌندڙ فرق.
- انصاف جو نه هجڻ يا مهانگو هجڻ.
- عدالتن جي موجودگيءَ ۾ متبادل (Parallel) ۽ جرڳائي سسٽم.
- سرداري ۽ جاگيرداري جو مختلف شڪلين ۾ برقرار هجڻ.
- ملڪ جي خارجه پاليسيءَ جو عوام دوست نه هجڻ.
- صنعت ۽ دريائن تي ڊيمن جي تعمير مان پيدا ٿيندڙ ماحوليات جا مسئلا.
- ڪراچيءَ ۾ سنڌين سان بيگانن وارو سلوڪ.
- صحت ۽ علاج جا مسئلا.
- بزرگ شهرين جي صحت ۽ ٻين حقن جا مسئلا.
- مهانگائي ۽ بيروزگاري.
- Law and Order ۽ تشدد جي صورتحال.
- ملڪ جي ترقي ۽ وسائل جي باري ۾ غلط انگن اکرن جو رواج.
- بئنڪن جي غلط پلاننگ تحت قرض ڏيڻ، قرض جي غلط اثرن کان عوام کي آگاهه نه ڪرڻ، قرض جي استعمال جي Process Monitoring نه ڪرڻ ۽صرف Recovery تي زور ڏيڻ ۽

نفعي نقصان جي انصاف تي ٻڌل تور تڪ بجاءِ گروي زمين ۽ ٻي جائيداد پوليس ۽ روينيو ذريعي زبردستي نيلام ڪري وصولي ڪرڻ.

سوال: ڇا اڄ جي دور ۾ ترقي پسند اديبن کي هڪ ملڪ گير تنظيم ٺاهڻ جي ضرورت آهي؟

جواب: جتي بين القوامي سرمائيداري Multi National ڪمپنين سان ۽ٿ ٿي، سڄي دنيا جي مظلومن، محڪوم قومن ۽ عوام کي Consumerism ذريعي پنهنجي ڦرلٽ جو شڪار بنائي مستقل طور مجبور ۽ محڪوم رکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي اتي ملڪ اندر ڇاڙتا سرمائيدار، سردار، جاگيردار، فوجي ۽ سِول نوڪر شاهي ۽ سندن ۽ٿ سياستدان ڏارئين سرمائيداري جي راهه هموار ڪرڻ لاءِ عوام خلاف هر وقت سازشن ۾ رڌل آهن. ان ڪري ترقي پسند اديبن ۽ ليکڪن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏجڻ ۽ مصروف عمل ٿيڻ جي اڄ اشد ضرورت آهي ۽ ان ادبي جدو جهد کي هڪ منظم تحريڪ بنائي ملڪ اندر ڦهلائڻ جي جيتري اڄ ضرورت آهي ايتري اڳ ڪڏهن به محسوس نه ڪئي وئي – ڇاڪاڻ ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ صورتحال يڪسر مختلف ٿي وئي جڏهن مختلف قومون پنهنجي پنهنجي ٻولين ذريعي حقن جي جنگ لڙڻ لاءِ تيار ٿيون ته حڪمرانن جو رويو تبديل ٿي ويو ۽ ٻولين ۽ قومن جي معاهدن تان ڦيرو ڪائي هڪ قوم ۽ هڪ ٻوليءَ جو انڌو اونڌ نظريو گهڙي محسوس اهو ڪرائڻ لڳا ته "ڇاڪاڻ ته سازش بين القوامي سرمائيدار پيو ڪري ان ڪري ان جي خلاف متحد ٿيڻ لاءِ هڪ قوم ۽ هڪ ٻولي ۽ هڪ خيال هجڻ ضروري آهي."

اهو به سچ هئو پر اهو سچ اڳتي هلي Irrelevant ثابت ٿيو، هونءَ به ڦرلٽ ۽ جبر جون پاڙون (استحصال ۽ سازش) ڪٺي بين القوامي هجي پر ان خلاف بندوبست ۽

ويڙهه هر قوم ته پنهنجي پنهنجي شهر، پاڙي ۽ گهٽيءَ کان شروع ڪندي ۽ پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ کي طاقت طور استعمال ڪندي چاڪاڻ ته ٻولي طاقت آهي ۽ طاقت جو سرچشمو عام ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي پورهئي ذريعي پنهنجي زمين، زمان ۽ مڪان سان ڳنڍيل آهي.

ان لاءِ اڄ جو وقت پاڪستان ۾ وسندڙ ٻولين جي اديبن کان تقاضا ڪري ٿو ته ا چو ته پوين غلطين جو ازالو ڪيون، نئين سر سوچيون ۽ هيٺين ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي نون بنيادن تي ادبي جنگ جي تنظيم ڪاري ۽ منصوبه بندي ڪيون.

اردو پنهنجي ترقي پسند ٻوليءَ ۽ ترقي پسند ادب واري حيثيت پنهنجي اردو ڳالهائيندڙن ۾ وڃائي ويٺي آهي. ان جي باري ۾ گڏجي سوچڻ گهرجي.

(1935 کان پوءِ اردوءَ جي ترقي پسند ادب جو اردو ڳالهائيندڙ عوام ۽ سنڌيءَ جي ترقي پسند ادب جو سنڌي ڳالهائيندڙ عوام جي روين تي اثر جو تقابلي جائزو وٺنداسين ته ڳالهه پڌري ٿي پوندي).

(2) ملڪ جون سڀئي قومي ٻوليون جن ۾ مسلسل ترقي پسند ادب تخليق ٿي رهيو آهي انهن جي پنهنجي ٻولي جي نالي سان انجمن ترقي پسند مصنفين هجڻ گهرجي.

مثال: سنڌي انجمن ترقي پسند مصنفين.

پنجابي انجمن ترقي پسند مصنفين وغيره.

(3) اردو ملڪ جي عوام خاص طور تي مظلوم ۽ پيڙيل عوام جي رابطي جي زبان آهي ان کي ان حيثيت ۾ زندهه رکڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ گهرجي.

تنظيم جو نالو

ٻولين جي انجمن ترقي پسند مصنفين جو وفاقي

الحاق/تنظيم

FEDERAL UNION OF THE PROGRESSIVE WRITERS ASSOCIATIONS OF LANGUAGE OF PAKISTAN **(F.U.P.W.A.L.P)**

سڀني ٻولين جون ترقي پسند انجمنون هن تنظيم جون برابري جي حيثيت سان ميمبر هونديون.مرڪزي اڳواڻ سيڪريٽري جنرل هوندو. هي عهدو هر ٻوليءَ جي تنظيم کي واري واري سان ملندو جنهنجو مدو ٻه سال هئڻ گهرجي.

نوٽ: هي مضمون ترقي پسند دانشور ۽ شاعر ڊاڪٽر سليمان سولنگيءَ تحقيق ۽ تدوين ڪري لکيو ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي سنڌي اديبن سان مختلف گڏجاڻين ۾ سندن راءِ وٺي مضمون کي آخري شڪل ڏني سنڌي اديبن جي نقطئه نظر طور ميمبر ڪنوينننگ ڪميٽي جي حيثيت ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي ازسر نو تنظيم ڪاري جي سلسلي ۾ ملتان ۾ 22/04/2007 تي ٿيل ڪنوينشن پيش ۾ ڪيو. ان موقعي تي سنڌ جي نالي واري شاعر ۽ ليکڪه محترمه زيب نظاماڻي سنڌي ادبي سنگت جي نمائندي طور شموليت ۽ معاونت ڪئي.

پارٽي رپورٽون

سامراج مخالف عوامي محاذ

(ڪراچي رپورٽ: سجاد سولنگي) معمر قذافي جو قتل آمريڪي سامراج جي منهن تي چماٽ آهي .سندس ويڙهه سان تاريخ جو هڪ نئون باب رقم ٿيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار سامراج مخالف عوامي محاذ (Anti Imperialist popular Font) جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ مشتاق علي شان ۽ مرڪزي ترجمان ڪامريڊ سجاد سولنگي مرڪزي سيڪريٽيريٽ ۾ هڪ هنگامي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو .هنن چيو ته آمريڪ ٿين دنيا جي

ملڪن کي پنهنجي ڪيٽي بڻائڻ چاهي ٿو جيسين تائين سرخ جهنڊن جا جانثار زندهه آهن آمريڪا جا ارادا ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا .هنن چيو ته قذافي لبيا جي عوامي انقلاب جو باني هيو هن چي گويرا، سلوادورالاندي، پيٽرس لوميا ۽ ڊاڪٽر نجيب الله جيان وڙهندي مرڻ قبوليو پر جهڪڻ کي ترجيع نه ڏني.هنن چيو ته سموري دنيا جي اندرآمريڪاجي خلاف ويڙهه جاري آهي .هنن چيو ته قذافي کان متاثر ٿي ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو سندس پارٽي پاڪستان اندرحڪومت ۾ هوندي به سامراجي ڪرادر ادا ڪندي خاموش تماشائي بڻيل آهي .هنن چيو ته آمريڪا انقلابين جي قتل ِعام سان سموري دنيا جي وسيلن تي قابض ٿيڻ چاهي ٿو قذافي جي قتل سان سامراج خلاف بغاوت وڌندي هنن چيو ته قذافي کي سموري دنيا جا نوجوان سرخ سلام پيش ڪري رهيا آهن آمريڪا جي بربادي جا ڏينهن اچي چڪا آهن هنن چيو ته لبيا جي ڪجهه ماڻهن کان دهل تي رقص ڪرائڻ سان من پسند جمهوريت جو ثبوت نٿو ڏئي سگهجي .قذافي جو موت هڪ نئين تاريخ سان آمريڪا خلاف يلغار جي صورت زندهه رهندو .هنن چيو ته نام نهاد انقلابين ۽ نالي ماتر آزاد دنيا پاران قذافي جي موت تي خوشي جو اظهارعالمي سامراج کي خوش ڪرڻ برابر آهي. هنن چيو ته عالمي سامراج کي وال اسٽريٽ جي مظاهرن مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي هنن چيو ته اسان قذافي جي بي رحماڻي قتل تي سموري دنيا جي انقلابين سان دلي همدردي ۽ آمريڪي تشدد پسند پاليسين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريو ٿا. قذافي جي موت سان ٽين دنيا جا انقلابي هڪ سچي وطن پرست انقلابي اڳواڻ کان محروم ٿي ويا آهن هنن چيو ته لبيا جا حقيقي وارث قذافي واري جهنڊي جي هيٺ هڪ سوشلسٽ سماج جي تعمير واراعمل جاري رکندا.هنن چيو ته دنيا جي هرڪنڊ تي آمريڪي جارحيت خلاف عوامي جدوجهد وارو رد عمل جاري رهندو .

ليبر پارٽي سنڌ جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جو ”سنڌ ٽوئر“

(رپورٽ: فيض ڪيريو) ليبر پارٽي سنڌ جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ۾ جنرل سيڪريٽري يونس راهو، ثقافت ۽ تعليم جو سيڪريٽري بخشل ٿلهو، عورتن جي سيڪريٽري عرفانه جبار، مزدورن جو سيڪريٽري ناصر منصور ۽ نوجوانن جو سيڪريٽري فيض ڪيريو آهن. اِن اِي سي جي گڏيل فيصلي مطابق، ڪامريڊ بخشل، ڪامريڊ يونس ۽ ڪامريڊ فيض ڪيريو کي هفتي لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن جو دورو ڪرڻو هيو، ان لاءِ 7 ڊسمبر تي ڪراچيءَ پهتاسون. گڏجاڻي ڪئي سون جنهن جي صدارت جنرل سيڪريٽري يونس راهوءَ ڪئي، ڪارروائي ڪراچي باڊي جي سيڪريٽري مختيار ڪامريڊ ڪئي. ان کا علاوه باڊيءَ جا سڀ ساٿي حاضر هئا ۽ سياسي صورتحال، ڪراچي باڊيءَ جو جائزو، تنقيد، خود تنقيد، فنڊ ۽ لائحه عمل جي ايجنڊائن تي ويچار ونديا ويا ۽ عالمي حالتن تي بحث ڪيو خاص ڪري ٿراٽسڪائٽن جي حالت تي، جيئن هو قذافي جي قتل مان سامراج کي آجو ڪري ڇڏين ٿا. رات جو ڪامريڊ ناصر جي گهر، پارٽي جي مختلف پاسن جي تورتڪ ڪئي ۽ صبح جو اسين (بخشل، يونس ۽ فيض) ٺٽي لاءِ روانا ٿياسين.

ٺٽي ۾ ڪامريڊ نبي سوهي، ٺٽو سيمنٽ فيڪٽري يونين جي اڳواڻن سان ملرايو، انهن اڳواڻن سان گڏ، فيڪٽري مالڪن ۽ حڪومت خلاف، ٺٽي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي. پريس ڪانفرنس

دوران ڪامريڊ يونس صحافين آڏو پڌرو ڪيو ته، فيڪٽري مالڪ حڪومت ۽ پوليس، يونين اڳواڻن کي حراسان ڪن پيا، اڳواڻن جي گهرن تي پوليس غير قانوني چڙهايون ڪري رهي آهي. ٺٽي سيمنٽ فيڪٽري جي يونين عدالت مان، يونين سازي ڪرڻ جو حق کٽيو آهي ۽ انهن کي ئي CBA (ڪليڪٽو بارگيننگ ايجنٽ) بڻجڻ جو حق آهي. رياست ۽ سرمائيدارن پاران ٺيندڙ پوليس گردي بند ڪئي وڃي ۽ پي پي حڪومت مزدورن کي جمهوري حق نه ڏنا ته ليبر پارٽي ۽ يونين گڏيل طور احتجاج ڪنديون. ٺٽي ڪانپوءِ ميرپور بٺوري لاءِ نڪتاسين، پهچندي ئي يونٽ جي گڏجاڻي شروع ڪئي. بٺورو، پارٽيءَ جو نئون يونٽ آهي. هي ساٿي جٽاءُ ڪري پارٽي ٺاهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. بٺوري مان سڌو حيدرآباد پهتاسين، صبح جو اتان ميرواهه (ميرپور خاص) لاءِ نڪتاسين، ميرپورخاص مان ڪامريڊ عبدالقادر مورائي کي سڻ ڪري ميرواهه ڏانهن نڪتاسين. اُتي هاري ڪميٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ ٽيڪم داس سان هاري مسئلي ۽ پارٽي معاملن تي ڏي وٺ ڪرڻ ڪانپوءِ ڪامريڊ ٽيڪم سان گڏ، دهشتگردي جو شڪار ڀيل پيلن وٽ پهتاسين ته، روئڻ جي آواز اسان کي ورائي ورتو ”ڏاڍيل هر سال اسان سان ظلم ڪن ٿا، اسان جي نوجوان تي تشدد ڪيو اٿائون، نوجوان اڃان مرڻينگ حالت ۾ آهي، پوليس معاملي کي ٽاريندي اچي، وڏيرا ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن.... ايڏي ظلم تي اسان هاڻ ڪنهن کي چئون....؟“


گوٹ گارو ڀيل ميرپورخاص

پٽيل چيو. ”هارين تي ٿيندڙ هر ظلم خلاف اسين اوهان سان گڏ آهيون، اسان کي هاري ڪميٽيءَ جي صورت ۾ سياسي سگهه ٺاهڻ گهرجي، اهو ذريعو آهي دهشتگردن، وڏيرن ۽ پوليس کان پاڻ کي بچائڻ جو....“ اسان پنچائت آڏو ڳالهه رکي ۽ پنچائت جي پٽيل ۽ ڪامريڊ ٽيڪم کي چيوسين ته لائحه عمل جوڙي اسان کي اطلاع ڪجو. پاڻ الڳ ئي ناهيون.“ اُتان کان سانگهڙ ڏي روانا ٿياسين. ظلم خلاف ڪاوڙ ڪڍڻ جي صحيح جڳهه، ان اوزار کي ٺاهڻ ۾ آهي يعني انقلابي پارٽي.


سانگهڙ

ميرواهه کان سانگهڙ ڏانهن ايندي ايندي منجهند بجاءِ شام جو پڳاسين.


سرديءَ ۾ ستر پنجهتر ساٿي ٽري پيا هئا، ڪامريڊ ٻاڏري، مولا بخش ۽ ڪامريڊ بشير ڪوسي جن جي اڳواڻيءَ ۾ هٽ ڪوڙ ساٿي گڏ ٿيا جن مان ڪافي ڏهه ڪلوميٽرن جو پنڌ ڪري آيا، سخت سيءَ، رات ۽ وڏي پنڌ سبب موٽي ويا هئا. اسان موجود ساٿين سان ڪچهري ڪئي، هو ڳالهائڻ وقت جڻ آزاد ٿي رهيا هئا. زميندارن، حڪومت ۽ اين جي اوز جي ڀَٽُ وائکي ڪرڻ ڪانپوءِ عبوري ڪميٽي جوڙي، ٻوڏ متاثرن کان موڪلائي ڪامريڊ ٻاڏري پيل جي ٻڌي پٽ ٽيل گهرن ۾ آياسين، امداد ۾ مليل ٽينٽ ۾ رهاسين. انتظار ڪري موٽي ويل ساٿين سان رات جو ۽ صبح سوير حال احوال ڪري دولت پور لاءِ نڪتاسين.

دولت پور ۾ ڪامريڊ مظفر ۽ خالد ته نه مليا پر ڪامريڊ عزيز انڙ ۽ ٻين ساٿين سان يونٽ جي حوالي کان ڪچهري ٿي پوءِ سياسي صورتحال تي ڳالهايوسين، هي سڀ نوجوان اسٽڊي سرڪل هلائين ٿا، ڪامريڊ مظفر ۽ ڪامريڊ خالد سندن اسٽڊي سرڪل وٺن ٿا. دولت پور کان مورو پهتاسين، جتي جنرل گڏجاڻي ۾ ڪامريڊ

بخشل قومي مسئلي ۽ ڏيهي سياسي صورتحال تي ليڪچر ڏنو، آخر ۾ باڊيءَ سان رسمي گڏجاڻي ڪندي يونٽن جي رپورٽ، تنقيد خود تنقيد فنڊ ۽ سياسي صورتحال جي ايجنڊائن تي ويچار ڪيو ويو. هت ڪامريڊ امير علي سميت نوان ڪاهوڙي ڪامريڊ، ڪامريڊ يونس جي غير موجودگي ۾ مورو سنڀالي رهيا آهن. موري کان پوءِ نصيرآباد لاءِ روانا ٿياسين.



نصيرآباد ۾ به لائبريريون آهن، هت سياسي ڪچهرين مان اوهان کي قومي ۽ طبقاتي بحث اسريل ملندا، جيڪي "آزادي" جو بار ڪٽي ملهائي چاڙين ٿا.





ليبر هال لاڙڪاڻو

زاهد، سينگار ۽ اياز سان رسمي گڏجاڻي کان پهرين جنرل ڪچهري رکرائي وئي، ۽ بخشل جو پڌي ڪافي دوست اچي مڙيا، دوستن اسان کان پڇيو ته ليبر پارٽي سنڌ جو ڌاري آبادڪاري بابت ڇا موقف آهي؟ قومي آزادي ڪي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟ لبيا جو مسئلو وغيره. عام ڪچهريءَ کانپوءِ رسمي طور ويٺاسين، پارٽي يونٽ جو جائزو ۽ تنقيد خود تنقيد جي ايجنڊائن سان معاملا کولي اُڪلايا. ٻي ڏينهن 11 ڊسمبر تي سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي پاران ڪامريڊ بخشل جو تاريخي ماديت تي ليڪچر ٿيو. ان ڏينهن تي اسين دورو مڪمل ڪري حيدرآباد روانا ٿياسين.

ڪيوبا جي انقلاب جي 53 هين سالگرهه



(رپورٽ: ڪامريڊ اديب رتڙ) 31 ڊسمبر 2011ع تي ڪامريڊ بخشل ٿلهي جي گهر هڪ ننڍڙو پروگرام رٿيو ويو ڪيوبا جي سوشلسٽ انقلاب جي 53 هين سالگرهه جي مطابقت ۾. هي پروگرام ليبر پارٽي سنڌ جي يونٽ قاسم آباد طرفان آرگنائيز ڪيو ويو پروگرام ۾ لڳ ڀڳ 90 کان 100 ڪامريڊن ۽ همدردن شرڪت ڪئي، پروگرام اڍائي ڪلاڪ کن شام جي 6:30 کان 9 وڳي رات تائين هليو. پروگرام ڪي هلائڻ جو ڪم ضلعي حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ ڊاڪٽر مبارڪ جتوئيءَ سرانجام ڏنو. سڀ کان پهرين انقلاب جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪامريڊ بخشل جي ننڍڙن (ڪامريڊ ڪميل ۽ ڪامريڊ سانتا ماريا) ۽

كامريڊ شفقت جي ننڍڙيءَ كامريڊ وينگس كاٽيو. ان كان پوءِ كامريڊ شفقت "The International" جو آڊيو هلايو جنهن تي سڀئي كامريڊ پنهنجو كاٻو هٿ بلند كندي اُٿي بيٺا ۽ سڀني گڏجي "دي انٽرنيشنل" جهونگاريو. تنهن كان پوءِ كامريڊ اديب كامريڊ ڪِم جونگ اِل (اتر كوريا جي عظيم كميونسٽ اڳواڻ) جي تازي وصال (17 ڊسمبر 2011ع) جي ڏک ۾ به منٽ خاموشي اختيار كرائي ۽ ان كان پوءِ كامريڊ اديب، اتر كوريا جي انقلابي تاريخ، "جو چي آئڊيولاجي" جي بانيكار ڪِم اِل سنگ ۽ ڪِم جونگ اِل تي به لفظ ڳالهائيندي چيو ته جيكڏهن اتر كوريا جپان ۽ آمريكي سامراج جي آڏو بند نه ٻڌجي ها ته شايد هوچي منهه ۽ جنرل گياپ لاءِ ويٽنام ۾ جنگ كٽڻ ڏكي ٿي پوي ها، سو اها كوريا ۽ ويٽنام جي ٻڌي هئي جن گڏجي پاڻ ڏيهي ۽ عالمي سامراج جي وات مان كڍي آزاديءَ جا بنياد وڌا. تيئن اسين سنڌ ۽ بلوچستان به ڏيهي دلال وڏيري، سردار ۽ رياستي ۽ عالمي سامراج كي منهن ڏئي سگهون ٿا، جنهن كانپوءِ پروگرام جي ٻي مقرر كامريڊ تحريم اختر "كامريڊ چي" جي انقلابي زندگيءَ تي روشني وجهندي چيو ته "كامريڊ چي" پنهنجي اهليتن كي ڪَنِ ڇِسين رواجي حاصلات بجاءِ ان جڳهه تي استعمال كيو جت كنهن فرد بجاءِ پوري سماج جو علاج كري سگهجي ٿو ان لاءِ "چي" طبي ڊاكٽر ٿيڻ تي سماجي ڊاكٽر ٿيڻ كي ترجيح ڏني، اهو ئي سبب آهي جو هو انڊيا جي مڌر ٽريسا وارو پيار ۽ يسوع مسيح واري همدردي كي پنهنجو كندي اڄ دنيا ۾ جي نوجوان باغين ۽ ٽوپي تي لڳل ڳاڙهو ستارو اهو ٻڌائي ٿو ته ترقي جي عظمت كي بغاوت ۽ ڳاڙهو رت ئي جڻي سگهي ٿو.

پروگرام جي ٽئين مقرر كامريڊ مسرور شاهه كيوبا جي انقلاب جي "تاريخ" تي ڳالهائيندي چيو ته اسان وٽ اكثر دوست كيوبا جي انقلاب جي سطحي جاڻ ركڻ كري كيوبا جي انقلاب كي فڊيل كاسترو، چي گويرا ۽ انهن جي چند ساٿين جي ماهراڻي ۽ پرعظم ويڙهه جو نتيجو سمجهندي سماج جي جدلي ڇيد كرڻ كانسواءِ، پهاڙن جو رخ كن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي اميدن مطابق عوامي ساٿ ۽ نتيجا نه ملڻ سبب هو قوم كي سست، جڻ ۽ جاهل قرار ڏيندي هك طرف ته انارڪسٽ ٿين ٿا ٻئي طرف ڏيهي وڏيري ۽ عالمي سامراج جا "مدعي سست گواهه چست" جيان ساٿاري ٿين ٿا، جڏهن ته كيوبا جو معاملو ائين قطعي ناهي ته كو هن "جدلي اصولن" كي باءِ پاس كندي انقلاب آندو هجي، پر حقيقتن معاملو ائين آهي ته اتي جمهوري ويڙهه ۾ ماڻهو ايترو ته اڳتي نكري آيا هيا جو هاڻ هك طرف كيوبن ڊكٽيٽر ۽ سرمائيدار سڌارا آڻڻ جي پوزيشن ۾ نه رهيا هئا ته ٻئي طرف ماڻهو ايترو ته Exploit ٿي چكا هيا جو سڌارا هنن جي مسئلي كي حل كرڻ جي اهل نه رهيا ته فڊيل كاسترو جيكو اڳ جمهوري سوال تي وڙهي رهو هيو حالتن جو سائنسي ڇيد كندي جمهوري سوال كي قومي طبقاتي سوالن سان ڳنڍيندي ميدان ملهايو.

پروگرام جي چوٿين مقرر كامريڊ ماروي شيخ كيوبا جي انقلاب جو لاطيني آمريكا تي پونڊڙ اثرن تي ڳالهائيندي چيو ته كيوبا انهتائي ننڍو ملك آهي سو اهو دنيا تي هكدم USSR يا چين جيترا اثر ته نٿو وجهي سگهي پر هو پنهنجي انقلابي ڳر كي بچائيندو اچي ان سان پيو نه ته گهڻ ۾ گهڻ لاطيني آمريكا ۽ آفريكا ۾ آزادين ۽ انقلابن جو هك "Chain Realtion" شروع ٿي پيو آهي، پوءِ اهو بوليوويا هجي، وينزويلا هجي، چلي يا كانگو يا وري آفريكا كنڊ ۾

ڏڪڻ آمريڪا هجي، لبيا، اريٽريا يا ڪو ٻيو ملڪ انهن جي اوسر ۾ نه صرف ڪيوبا جي معاشي ۽ تربيتي مدد شامل آهي پر وڏي ڳالهه ڪيوبا هنن انقلابن جو اخلاقي جواز پڻ بڻيل آهي. جڏهن ٻيون نبل قومون عالمي سامراج جي مهندار آمريڪا کان رڳو 90 ميل پري هڪ ننيڙي ٻيٽ کي اڏول ڏسن ٿا ته هنن لاءِ ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ آزادي ۽ انقلاب جي ممڪنات جنم وٺي ٿي جيڪا ان سڄي Chain Reaction کي قائم رکيو ويٺي آهي. پروگرام جي پنجين مقرر ڪامريڊ سانول ٿيٻي ڪيوبا جي هاڻوڪين سماجي ۽ معاشي حالتن تي ڳالهائيندي چيو ته ڪيوبا جيڪو انقلاب کان اڳ آمريڪا جو سياحت گهر ۽ چڪلي طور مشهور هيو اڄ اهو ڪيوبا آمريڪا کان وٺي پوري دنيا کي امدادي ڊاڪٽر آڇي ٿو. اُن ڪيوبا وٽ تعليم، صحت، رهائش کان ويندي سڀ بنيادي سهولتون مفت آهن جتي بيروزگاري مسئلو ناهي جتي ڪو مذهبي تضاد ناهي، هڪ آزاد ۽ ترقي ڪندڙ سماج آهي. انهيءَ ڪيوبا ڪو آمريڪا يا يورپي فلاحي رياستن وانگر ٽين دنيا ۾ رت وهائي ماڻهن کي بکيو ۽ ننگو رکي پنهنجي ماڻهن کي سهولتون نه ڏنيون آهن پر اهو ڪيوبا جي Planned Economy جي بدولت ۽ Socialist Structure جي سبب آهي.

آخر ۾ پروگرام جي آخري مقرر ڪامريڊ شفقت قادري ”انقلابن ۽ تبديليءَ ڏانهن بورجوا رويو“ جي عنوان هيٺ ڳالهائيندي چيو ته اڄ ڪالهه پاڻ وٽ انقلاب- انقلاب ۽ تبديلي تبديلي اهي ماڻهو ڪري رهيا آهن جن جي خلاف انقلاب ۽ تبديلي اچڻي آهي. پوتارن جي خلاف ڳالهائيندڙ KTN ۽ ڪاوش جو پوتار جناب علي قاضي کي اڄ ڪلهه تبديليءَ جا جلاب لڳل آهن سائين جن سمهڻ کان پهرين ۽ اٿڻ شرط تبديليءَ جي 100 داڻن واري تسبيح پڙهن ٿا پر تبديلي ايتري ڪونه ٿا آڻين ته پنهنجي اداري ۾ ڪم ڪندڙ صحافين ۽ مزدورن کي يونين ٺاهڻ جو حق ڏين جيڪو بنيادي انساني حقن جو حصو آهي، ٻيو ته نهيو اوهان روزاني ڪاوش ڪڍو ته مين پيج تي مٿان مٿان پرويز مشرف جي آجياڻي جي مشهوري هوندي ۽ ان جي هيٺان سندس ڪٽي ڪيل پروگرام جي خبر، سائين جن کان ايترو نٿو پڇي ته 5 لکن واري مشهوري وٺڻ کان انڪار ڪري يا ان کي هيٺ هٽي هن قاضيءَ جي وڏن سائين جي ايم سيد کي ڏانڌلين ذريعي هارايو هيو ڪيس ايتري اخلاقي جرئت ناهي جو تبديلي آڻي ۽ پنهنجي وڏن جي ڪڏي ڪم جي معافي وٺي، پر ڳالهائبو سڄو ڏينهن تبديلي ان کان علاوه ڪامريڊ ڏيهي ۽ عالمي بورجوا لاڙن تي ڳالهايو ته هو ڪيئن ته تبديليءَ جو نعرو اوباما سنڌروم کان وٺي علي قاضي تائين ڪم ڪري رهيو آهي.

پروگرام جي رسمي پڄاڻي کان پوءِ دير تائين ڪامريڊ شفقت سان دوستن جي ڪچهري هلندي رهي. پروگرام ۾ سڀني ڪامريڊن کي ڪيڪ، بسڪيٽ ۽ چانهه پيش ڪيا ويا.



ليبر پارٽي سنڌ اڳواڻ هندو برادريءَ سان يڪجهتي طور







چوٿون شهيد ڪامريڊ نذير عباسي 3 ڏينهن سوشلسٽ اسڪول


سرڪاري سهولتي ڪارڊ
نالو: عمران خان
قوميت: پاڪستاني
مذهب: اسلام
سياڻپ جي نشاني: خوشحال پاڪستان
مقرر معياد: اينڊ آف اليڪشن
APPROVED
وزارتِ تبديلي و انقلاب
حڪومتِ پاڪستان
سرڪاري سهولتي ڪارڊ
نالو: علي قاضي
قوميت: پاڪستاني
مذهب: اسلام
سياڻپ جي نشاني: تبديلي پسند
مقرر معياد: اينڊ آف اليڪشن
APPROVED
وزارتِ تبديلي و انقلاب
حڪومت پاڪستان
Hussaini
13.1.12